ڪڇ ۽ سنڌ جا قديمي ناتا



جينت ريلواڻي

120

With Best Compliments From :

A WELL WISHER

WITH BEST
COMPLIMENTS FROM :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

K. B.
BHATIA & CO.

Designed & Printed by **Ram Lalchandani (Art Spot)**, Mumbai - 400 016.
Tel.: 24465972 - 24466348 - 24464134 Email : artspot74@hotmail.com

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

HASSO H. PARYANI

7, Hansa Apartment, Plot No. 126 - 127,
Garodia Nagar, Ghatkopar (E). Mumbai - 400 077.
✆ : 25122544 - 25103108

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Bacharam Rupchandani

MEMBER

ULHASNAGAR MUNCIPAL CORPORATION

RUPCHANDANI MANSION

Block A-698, Ulhasnagar-5. ✆ : 2522582 Corp. 2554287

With Best Wishes From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

MUKATA
CLASSES



For the Best Teaching From
Std. V to X

Rakhi Apartment (Basement)
Ulhasnagar - 421 004. ✆ : 2525406

With Best Compliments From :

Shahani Health Home

A FAMILY HOLIDAY TRADITION

Shahani Health Home in Lonavala has been the choice Holiday retreat for families since the last 25 years. It is also perfect for conferences. Among its numerous features are :

- ★ **62 Well Appointed Rooms with attached Bathrooms**
- ★ **Now Deluxe Rooms with Televisions**
- ★ **3 Luxurious Garden Rooms**
- ★ **Two Large Conference Halls**
- ★ **Restaurant Serving Mughlai & Sindhi Cuisine**
- ★ **Badminton Court, Table Tennis Tables and Other Gaming Facilities**
- ★ **Chidren's Playground Garden**
- ★ **Walking Distance From Lonavala Market & Railway Station**

Shahani Health Home Is a Trust Property Run On a Non Commercial Basis.

For Bookings : Shahani Trust, 5A Court Chambers, 35 New Marine Lines, Mumbai - 20. Tel.: 22001895.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Narendra Kumar K. Thakur

Member

Ulhasnagar Municipal Corporator

&

Retired Asst. Municipal Commissioner

Ulhasnagar Municipal Corporation

Resi.: 202, Kewal Kunj, Section - 17,
Ulhasnagar - 421 003. ✆ : 2541785, 2550363

With Best Wishes From :

NARENDRA RAJANI

District President, Bharatiya Janata Party
(Ulhasnagar Dist.)

Member - Telephone Advisory Committee
(Kalyan Telecom Circle)

Special Executive Officer

B.J.P. Office - Plot No. 2, 1st Floor, Shyama Prasad Mukherjee Road, Near Shivaji Udyan, Ambernath (E).

Office : Krishna Villa, BK. 1482, Section 30-B, Ulhasnagar - 421 004. ✆ : 2581313, 2581920

✆ Mobile No. 98220 98930 Fax : 2581313

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Pride Electronics

TVS Refrigerators, Audios, Washing Machines & Appliances.

Shop No. 761, Opp. Tilson Shopping Centre, Section 17,
Ulhasnagar - 421 003. ✆ : 2550890

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

BHARATIYA JANTA PARTY

Dist. ULHASNAGAR.

Narendra Rajani

President

With Best Compliments From :

THE NAV JEEVAN CO-OPERATIVE BANK LTD.

ULHASNAGAR

THE NAV JEEVAN CO-OP. BANK LTD.

Our 6 Branches

MAIN BRANCH / HEAD OFFICE

BHAWANI SAW MILLS COMPOUND, ULHASNAGAR-421003.
Tel.: 254847, 2547145, 2544256 DIRECT : 2560462 FAX : 2548213

1) GUR PLAZA
OPP. BUS STOP,
ULHASNAGAR - 1.
☏ : 2548291, 2548292

2) CHELLARAM MARKET
SIRU CHOWK,
ULHASNAGAR - 2.
☏ : 2708214, 2708215

3) TURNING POINT
CHOPRA COURT,
ULHASNAGAR - 3.
☏ : 2557940, 2545652

4) RATTAN MANSION
HEMU KALANI CHOWK,
FOUNTAIN, UNR-4.
☏ : 2581929, 2583960

5) GURU NANIK BAZAR,
ULHASNAGAR - 5.
☏ : 2531430, 2526060

ALL BRANCHES ARE OPENED ON **SUNDAY** WEEKLY HOLDAY **SATURDAY**

All deposits upto Rs. 1/- Lac are insured with DICGC

Save Today For Better Tommorrow.

Customers Service is our Motto.

Our Bank has tied up at par cheque payable arrangement with ICICI Bank Ltd.

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي

ڪٽنب کي لک لک واڌايون

بچت ! بچت !! بچت !!! ڪيو

سائين سوپ گئلري

ان مفت اسڪيم سان ۽ هول سيل جي اگهه ۾ گهرو سامان خريد ڪريو

آلهاسنگر ۾ پهريون وچتر قسم جو انوکو ۽ انوٺو دڪان

جتي اوهانجي شخصيت ۽ سندرتا ۾ چار چنڊ لڳائڻ وارا خوشبدار ۽ بيشم
سنان جا صابڻ - شيمپو - پرفيوم - ڪپڙن ڌوئڻ جا صابڻ ۽ پائوڊر ۽ انيڪ
گهريلو شيون بلڪل نئين رنگ ڍنگ جون رکيل آهن.

سائين سوپ گئلري

بانسري هوٽل جي پرسان، گول ميدان، اُلهاسنگر - 1 فون : 544557

فري هوم ڊليوري

واجبي دام اُتم ڪام



سندرتا جي مهارائي

شري سائين فئشن گئلري

هاڻي شري سائين سوپ دڪان ۾ زالن لاءِ سندرتا جو خزانو کلي ويو آهي جو آهي
شري سائين فئشن گئلري.

سنڌرتا ۾ نکار آڻڻ لاءِ انوکي ۽ ڪشش ڪندڙ عجب ۾ وجهندڙ بيشمار ۽ بلڪل نئين
ڊزائين (Export Quality). ايميٽيشن زيورات (Also on Rent) فئشن جي هر آئٽم چوڙيون
بکل، ربڙ بئنڊ، پرس، چمپل، ڪاسميٽڪس، (نوان رانديڪا) موجود آهن گهر ۾ ڪ
ايندڙ چيزون به ٻڌي اگهه ۾ ملنديون آهن.

شري سائين سوپ فئشن گئلري

بانسري هوٽل جي پرسان، گول ميدان، اُلهاسنگر ۲. فون : 544557

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/S. MOTIRAM BUDHARMAL

Engineers & Govt. Contractors



OFFICE

4, Hira Co-op. Housing Society Opp. Old Telephone
Exchange, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : (0251) 2551759, 2892849

RESIDENCE

Assandas Budharmal Manwani,
3, Hira Co-op Hsg. Society, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 2551773, 2550427, 2551830

With Best Compliments From :

Gurnomal & Sons

MAHALAXMI JEWELLERS

Govt. Approved Regd. Valuers

806, Zaveri Bazar, Ulhasnagar - 421 002.
2702209, 2705310, 2704454, Fax : 2706273

With Best Compliments From :

MRS

Gold

596, Zaveri Bazar, Ulhasnagar - 421 002.
Tel.: 2706273, 2704434

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

GHANSHYAM BHATIA

- Girison Traders
- Gulshan Traders
- Shivam Liquour
- Praven Wines
- Prakash Wines
- Laxmi Wines

Vicky Manoj Apartments, Opp. Khemani Bus Stop,
Behind Seema "C" Bldg., Ulhasnagar-2.
Off.: 2550930 - 2564039 - 2564094
Resi.: 2541781 - 2542070
Mobile No.: 98202-90520

With Best Compliments From :

گوپلاڻي پريوار طرفان سيني سنڌونگرواسين کي
چيٽي چنڊ جون شڀ ڪامنائون

Shri Satyanarain Flour Mills

Tel.: 911 - 2540363

Shri Satyanarain Medical & Gen. Stores

Tel.: 911 - 2545054

Shri Satyanarain Papad Atta Mills

Tel.: 911 - 2545797

Shri Satyanarain Traders

Tel.: 911 - 2542417

Shri Satyanarain Pharma Distributors

Tel.: 911 - 2551953

Shri Satyanarain Medical Agencies

Tel.: 911 - 2540644

Shri Satyanarain Automobiles

Tel.: 911 - 2564594

494, Pinyo Mansion, Bharat Chowk, Sindhunagar - 1.

R-5 (114)

ڪڇ سنڌ جا، قديمي ناتا

000032

جينت ريلواڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر - ٣.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SAI BABA

BUILDING MATERIAL SUPPLIERS



Poonam Hsg. Society,
Opp. Ulhasnagar Municipal Corporation,
Ulhasnagar.

ڪتاب بابت .....

سنڌ ڪڇ جا لاڳاپا يا ناتا تمام جهونا آهن ان بابت ڪيترن ئي تواريخي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل آهي. سنڌ ڪڇ جو لوڪ ساهتيہ بہ ان بابت ڪجهہ ٻڌائي ٿو. سنڌ جي عظيم شاعر شاه عبداللطيف جي ڪلام، شاه جو رسالو ۾ بہ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪڇ جوءِ ڪڇ جي لاکو جو بہ احوال آيل آهي.

اڄ جي نندي ٿهي کي اهو بہ اتهاس، اهڙي نموني ڏيکو آهي، جيئن اهو اتهاس دلچسپي سان پڙهن بلڪ سنڌ ڪڇ جي ناتن کان بہ واقف ٿين.

ٿي سگهي تو تہ اڳتي هلي جيئن ڪڇ ۽ سنڌ اڳ جيان هڪ ٿي وڃن.

تاريخ پنهنجا ورق پيئي بدلائي ٿي،

سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي مان جيڪي شيون مليون آهن، اهڙيون ئي شيون ڪڇ جي ڌولاويرا جي دڙي مان نڪتيون آهن اجا کوٽائي هلي پيئي.

تازو ڪڇ جي اندرين حصي جي ٻني ايراضي ڏسڻ جو موقعو مليو. اتي زالون جيڪو پرت پري رهيون هيون. جهڙوڪ آئنک هر ميڇ، اهو سنڌ جي ڳوٺن ۾ بہ مسلمان يا هندو زالون پريندي‍ون هيون. اهي ئي گودڙيون (رلهيون) ڏسڻ ۾ آيون، جي سنڌ جي ڳوٺن ۾ مهمان اچڻ تي کٽن تي وڇايون وينديون هيون، مشين تي نهيل فراسين جو رواج تہ پوءِ پيو.

جيڪڏهن حالتن ڦيرو کاڌو تہ ڪڇ هڪ پرانت ٿي سگهي ٿو. گادي جو هنڌ ڀڄ تہ تعليم مرڪز آديپور - گانڌيڌام. جئين مهاراشٽر جي گادي جو هنڌ ممبئي تہ تعليمي مرڪز پوڻي آهن.

گجرات جي گاديءَ جو هنڌ احمدآباد تہ تعليمي مرڪز بڙودا آهي.

جي نرمدا جو پاڻي ڪڇ تائين آندو ويو، پوءِ ڪڇ هڪ سائو سبز پرانت ٿي پوندو. ڪيس بندر ڪنڊلا، سنڌ جي ڪراچي بندر جون سڪون پيون لاهي. ڪڇ جو اڳوٽو بندر لکپت بہ ڏسڻ جو موقعو مليو تہ نارايڻ سروور جو بہ درشن ٿيو. جتي اڳاٽي زماني ۾ سنڌ جاهندو پنهنجا ڌرمي ڪريا ڪرم ڪرڻ هت ايندا هئا. جئين ڪ جڻيا پائڻ

سلسلو	صفحو
ڪتاب بابت	۳
پس منظر	۵
١. ڪڇ سنڌ جا قديمي ناتا	۹
٢. حڪومتون ۽ لڏپلاڻ	۱۳
٣. سنڌو ندي	۱۸
٤. ماتا هنگلاج	۲۳
٥. ڪڇ جي ڏاليائي آشاپورا ماتا	۲۹
٦. آڏيرولعل-جهوليلعل	۳۳
٧. دادا جشراج	۴۲
٨. ماتنگ ديو	۴۷
٩. ماموئي فقير	۵۴
١٠. دلوُراءِ	۶۲
١١. دودو چنيسر	۶۶
١٢. ڪڇ جو درويش ميڪرڻ	۷۳
١٣. سسئي پنهون	۸۱
١٤. سومرا، همير سومرو	۸۶
١٥. سما - ڄاڙيجا	۹۳
١٦. دانوير	۰۰
١٧. ڪاپڙي	۰۷

...d. of Writer :
...yant Relwani
..., Shastri Nagar,
...hind Gurdwara, Rajkot -360001
...l.: 2449966

Kuchh Ain Sindh Ja Qadimi nata

(History)

By : Jayant Relwani

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 2564000
Fax : 0251 -255 05 75

Published by :
Suresh Paryani
for
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Vishal Enterpises
Ulhasnagar - 421 004.
Tel.: 2581932.

Computer Typesetting by :
Media Digital
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 2542607.

Sole Agent :
Jagdish Book Depot
Main Bazar,
Ulhasnagar - 421 002.
Tel.: 2700455.

Price Rupees Sixty Only
Year April 2003

Book Series : 1-2

Jan-Feb-Mar-Apr-May-June, 2003

پس منظر ....

ساهتيہ ۾ قدم رکئي پنج ڏهاڪا ٿيا. اُن شروعاتي دور ۾ گجراتين جا ڏکوئيندڙ سوال هوندا هئا، توهان جو ساهتيہ سنسڪرتي، اِتهاس ڪهڙا آهن؟ اصلوڪي سرجن سان گڏ مون هڪ مِشنِ مقرر ڪيو : چونڊ سنڌي ساهتيہ جو گجراتيءَ ۾ ڦهلاءُ ڪرڻ جو.

سوپاوڪ ٻنهي ٻولين جي ساهتيہ جو اڀياس ٿيندو رهيو. تڏهن ڪي سوال مَن ۾ ٻہ اُڀرندا رهيا. ائين ڇو هو جو سنڌي هڪ هزار سالن تائين غلام بڻجي رهيا؟ سنڌين ۾ ڪي تاريخي هيرو عدم موجود ڇو هئا؟ سنڌ جي آسپاس جي ايراضين ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي پکيڙ هئڻ ۽ ڪيتري حد تائين سنڌي ٻوليءَ جو واهپو هئڻ جي باوجود، سنڌ جي سنسڪرتي ٻر وارن ايراضين کان علحدي طور ڇو اُڀري آهي؟ اُن سان گڏ اِهو ٻہ محسوس ٿيندو رهيو تہ فارسي ۽ انگريزي ودوانن ڪافي حد تائين غلط، گمراه ڪندڙ ۽ بغض ڀريو اِتهاس رچيو آهيءَ اسان اُن جو نقل دهرائيندا رهيا آهيون. نتيجي طور اسان جو ڪيترو ادبي عدم موجود هئڻ سان گڏ، اِتهاسڪ ۽ سانسڪرتڪ ڪڙيون ڪٽل يا الحديون بڻجي رهيون آهن. سنڌ جي اِتهاس جي ساڳين گهٽنائن تي غير سنڌي/گجراتيءَ ۾ رچيل اِتهاس وچ تضاد اُڀرندا نظر آيا.

تڏهن لڳو، سنڌ مان سورهيہ راجپوت جاتيون نڪري وڃڻ سبب لڙاڪو جذبو ڪمزور بڻجي ويو. چارڻن جي هلي وڃڻ سبب وري اِتهاس جون ڪڙيون عدم موجود ٿي ويون يا اڌوريون رهجي ويون. صوفي واد ۽ نانڪ پنٿ جي اثر هيٺ براهمڻن جي اَهميت گهٽجي ويئي. هڪ گڏيل مسيل الحدي سنسڪرتي اُڀرندي رهي. انگريزن جي آمد بعد نئين سر جاڳرتي آئي. مڙل ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جي پڇاڻ جو جذبو مَس اُڀرندو رهيو تہ

۽ سنک درياھ ۾ پرواھ ڪرڻ لاءِ. ھن ڪتاب ۾ اسانجي سڄاڻ ليک
شري جينت ريلواڻي ڪوجنا ڪري پراچين گرنٿ ھندي، گجراتي
اڻلائي ۽ روبرو سرزمين تي وڃي، اھي ھنڌ ۽ ڌرمي آستان ڏٺا آھ
جئين ڪ ڪوٽيشور، ماتا جو مٺ وغيرہ انھن جو لاڳاپو ڪئين قدي
زماني کان وٺي سنڌ سان پئي رھيو آھي. اُتڻ ويھڻ، ڳالھائڻ ٻولھائ
ريتيون رسمون ساڳيون تہ ڪڇي ٻولي بہ سنڌي ٻوليءَ جي پيڻ.
پل تہ گريئرسن ڪڇيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي اپڀاشا سڏيو ھج
پر حقيقت ۾ آھي پيڻ، پوءِ ڀلي ننڍي پيڻ ئي سھين.
ڪتاب سنڌي ٽائيمس پبليڪشن طرفان نئين پيٽ آھي ۽ بس

۹۰، لکشمي مارڪيٽ،
اُلھاسنگر - ۳ (مھاراشٽر)

ھولي
١٦ مارچ ۲۰۰۳ع

نارايڻ ڀارتي
مکيہ سمپادک

اڪادميءَ طرفان فيلوشپ ڏيئي اِن ڪاريہ لاءِ همٿ افرائي ڪئي ويئي. اُن بعد، ١٩٩٥ کان مون پيا سڀ ڪاريہ پاسيرا رکي، لاڳيتو سلسلي وار باترتيب اِهو ڪاريہ پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اِن دوران، ڪڇ سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي آپسي لاڳاپن جي وشيہ تي ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي همٿ افزائيءَ سان ١٩٩٦ ۾ دهلي سنڌي اڪادميءَ ۾ هنديءَ ۾ مختصر وياکيان پيش ڪيو. وياکيان جي آجيان تي ۽ اڪادميءَ طرفان شايع ڪرايل اُن وياکيان جي چونپڙيءَ جي ڊماند بڻي رهي. ساڳئي وقت اِن وشيہ تي ڪن گجراتي ليکن جو ١٩٩٩ ۾ گجراتيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيو اهو بہ اٿليو تي ويو سنڌي حلقن مان بہ هن وشيہ جا ليکہ مجموعي طور حاصل ڪرڻ جي تقاضا ٿيندي رهي. ١٩٩٨ ۾ اٽڪل ساڍا ڇهہ سوَ فل اسڪيپ صفحہ جو ڪوجناتمڪ دسخط مون گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ کي پيش ڪيو ۽ بعد اِشاعت جو يا نرڻيہ جو اوسيڙو بڻيو رهيو آهي.

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، جيڪو، لوڪ ساهتيہ کان وٺي تخليقي ۽ کوج ڪاريہ تائين هميشہ ڪجهہ نہ ڪجهہ نواڻ ڏيڻ لاءِ سرگردان رهندو آيو آهي.

تازو منهنجو اِهو کوج ڪاريہ سنڌيءَ ۾ مجموعي طور آڻڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. پر ايترو وڏو کوج ڪاريہ ڪا شخصي پبليڪيشن لاءِ ڇپائڻ جو ذمو کڻڻ مشڪل هو ۽ مؤل ڪاريہ اڪادميءَ جي حوالي هو. پر اُن سان گڏ، سنڌي عوام کي هن قسم جي اِتهاسڪ حقيقتن ۽ ڪٿل ڪڙين کان واقف ڪرائڻ بہ لازمي لڳي رهيو هو تہ فرض بہ محسوس ٿي رهيو هو. اُن سبب، اٽڪل هڪ سوَ صفحن جي محدوگيءَ ۾ صرف ڪجهہ سان وابسط هڪ حصو حال پيش ڪرڻ جو سوچيو ويو.

مونکي نئين سر ڦير ليکہ تيار ڪرڻا پيا. سموري کوج ڪاريہ جي صرف هڪ اَنش سنڌ ۽ ڪڇ جي آپسي ناتن تي،

ورهاڱو ٿيو. اِتهاس لاءِ هڪ اڌ صدي ڪو وڏو وقت ڪونهي. اسين ڏسي سگهون ٿا تہ هاڻ هن اڌ صديءَ ۾ ڀارت ڀر ۾ ڦهليل سنڌيت جون آسٿائون. مجتائون، ڌرم ڪرم، ڀارتيہ سنسڪرتيءَ طرف مائل ٿيندي ٿي وڃي.

تڏهن اِهو بہ لڳو تہ سنڌ هڪ هزار سال غلام نہ رهي هئي، پر سانده ڪشمڪش ڪندي رهي هئي. سنڌ ۾ بہ هيرو هئا. فارسي دانن ڪين زيرو بڻائڻ جي حرڪت ڪئي هئي. سنڌ جي راجپوت سوروِيرن آسپاس جي ايراضين ڪڇ ڪاٺياواڙ مٿان سانده صدين تائين راڄ ماڻيو هو. ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ اولہ راجسٿان سان نہ صرف جاگرافيڪل ناتا رهيا هئا، پر سماجڪ سياسي ۽ تهذيبي ناتا بہ هئا. تہ پوءِ ادبي ۽ اِتهاس جي لحاظ کان اسان جو اُنهن ناتن طرف ڌيان ڇو نہ ويو هو؟

مَن جي اِنهن شنڪائن ۽ ويچارن جيڪو اُپرو ڪاڏو تہ پنهنجي سرجن ۽ انواد ڪاريہ سان گڏ، مان کوج ڪاريہ ۾ بہ جنبي ويس. مون اِن وشيہ تي گجراتيءَ ۾ ليک لکيا. نہ صرف آجيان ٿي پر گجراتي ودوانن طرفان همت افزائي ٿيندي رهي تہ مارڳہ درشن بہ ملندو رهيو.

پهريون دفع مون سنڌيءَ ۾ ١٩٨٣ ۾ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ تي دهليءَ ۾ ٿيل راشٽريہ سطح جي سيمينار ۾ شاه صاحب جي حوالي ۾ پنهنجي مقالي ۾ حوالن سميت سوال اٿاريا تہ شاهہ صاحب جا ڪردار ۽ حوالا ڪڇ سان وابسط هئڻ جي باوجود، فارسيءَ تان نقل ڪرڻ بجاءِ، ڪڇي ساهتيہ طرف اسان جو ڌيان ڇو نہ ويو آهي ۽ وڃڻ گهرجي. اُن بعد، سنڌيءَ ۾ ڪي ليک لکيا. سنڌيءَ ۾ بہ اديبن جو ڌيان ڇڪجيو، ۽ اِن ڏس ۾ وڌيڪ اُونهو لهي، کوج ڪاريہ ڪرڻ لاءِ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي تنهن وقت جي رجسٽرار ڊاڪٽر هسوُ ياڱنڪ، مدر صاحب هري دلگير ۽ سڄاڳہ اديب جينو لالواڻيءَ خواهش اِظهاري

ڪڇ ۽ سنڌ جا قديمي ناتا

رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ ستن ندين جي ڪناري واري ملڪ 'سپت سنڌو' ۾ وسيل هئا. اُنهن ستن ندين مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، ڇهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌو نديءَ جون ڀرتي ڪندڙ نديون ڪابل ندي، گومتي (گومال)، سوت ۽ ڪرم بہ ليکيون وڃن ٿيون. اُنهن ڪناري آريہ لوڪن جون جيڪي بيٺڪون هيون، تن ۾ سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ گنڌار، (قنڌار)، يعني هاڻوڪي پشاور ۽ آسپاس وارو ملڪ، هاڻوڪو افغانستان ۽ بلوچستان اچي ٿي ويا.

آرين جي انهن بيٺڪن کان گھڻو اڳ، سورج ونشي گهراڻي وارا ايوڌيا ۾ ۽ چندر ونشي گهراڻي وارا پرتيسٿان (الهہ آباد) ۾ راڄ ڪندا هئا. سپت سنڌوءَ ۾ رهڻ ڪري آرين جو ملڪ 'سنڌو' نالي مشهور ٿيو. سرسوتي ندي ۽ سنڌو نديءَ جي وچ وارو ملڪ 'ديو ڪرت يوني' سڏيو ويو آهي. جنهن جي اکري معنيٰ آهي-ديو يا ڀڳوان جو جوڙيل ملڪ. (رگ ويد منڊل ٣، سوتڪ ٣٣، منتر ٤).

آرين ۾ هڪڙا سورج ونشي، ٻيا چندرونشي هئا. سورج ونشي گهراڻي مان پهريون راجا اِڪشواڪُ هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ايوڌيا هو، اڪشواڪو جي ڀيڻ جو نالو 'اِلا' هو جا ٻڌ سان پرڻيل هئي. ٻڌ جي پيءُ جو نالو 'سوم' (چنڊ) هو تنهنڪري اُنهيءَ خاندان وارا چندر ونشي سڏبا هئا. چندر ونشي گهراڻي مان پهريون راجا پروروس هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ 'پرتسيٿان' هو.

سنڌ جو واسطو ٻنهي گهراڻن وارن سان آهي. سورج ونشي گهراڻي وارن مان راجا دسرٿ ۽ سري رامچندر پيدا ٿيا. سي قديم زماني ۾ سنڌ ۾ بہ هئا. سنڌ ۾ 'پاتال' نالي هڪ بندر هو. اُهو لاڙ

اِتهاس جي غائب ڪڙين جي جوڙڻ جي ڪاوش ڪندي، مور
محدود دائري ۾ مختصر ۾ ڪتاب تيار ڪيو.

سوپاوڪ آهي، ڪيتريون وابسط ۽ آڏ ڳالهيون حوالا، اُپٽار
اوڪ ٻوڪ، وستار وغيره پاسيرا رکي، مکيہ سار تي ڌيان ڏيڻو پيو
نہ صرف ايترو پر ناتن جي ڪن الڳ الڳ ۽ وڏيڪ پهلن کي ب
پاسيرو رکڻو پيو آهي.

منهنجي هن وسيع ڪوج ڪاريہ لاءِ همٿ افزائي ڪندڙ
گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جو مان جيڪڏهن شڪرگذار
آهيان تہ، مختصر ۾ صرف سنڌ ڪڇ جي آپسي لاڳاپن تي نئين
سر الحدو مواد تيار ڪرائي، اِشاعت ڪرڻ جو ذمو نباهيندڙ
پنهنجي پنج ڏهاڪا پراڻي دلبر ۽ رهبر دوست، ڊاڪٽر نارايڻ
ڀارتيءَ جو بہ اوتروئي شڪرگذار آهيان.

مهاشوراتري
ا مارچ ٢٠٠٣

جينت ريلواڻي
راجڪوٽ

سڪ ۽ شرڌا سان ارپيون ٿا

’لوڪ ڪوي، پدم شري دادا هوندراج دکايل
کي‘

دانوَ، راڪشس دئتيہ ناگہ وغيره. هن اُسر سنسڪرتيءَ بي حد ترقي ڪئي هئي. داس ۽ دسيوُ قومون بہ وسيل هيون. اَسُر ۽ آرين جي جهيڙن وقت دسيوُ لوڪن پنهي جي طرفداري ڪئي هئي. هنن اَسُرن ۾ ئي هڪ طاقتور حاڪم هو مڌوَ. ڪرشن ڪيس ماريو هو تڏهن هو مڌوسوَدن چوايو هو. پُراڻن ۾ جيڪو پاتال جو ذڪر اچي ٿو اُهو سنڌوَ جي اڀيان ڪڇ ۽ سوراشٽر جو پاتال نگر هو. ناگہ جاتي ترقي پرست هئي ۽ سندن ڪافي زور هو. اَجا بہ ناگہ پوڄا هلندڙ آهي گهوگهو يا گوگو پوڄا يا ناگ پنچيم ان ناگ لوڪن جي نشاني آهي. پاڻ کي اوڇ ڪل جا يا آريہ ڪل جا سڏائيندڙ يدو (يادو)، پروُ، پرگو وغيره بہ حقيقت ۾ اسَر هئا.

سوراشٽر ۾ پهريون آريہ راجا منوُ وئوسوت جو پٽ شرياتي آيل هو. شرياتي جو پٽ هو اَنرت. اِن بعد هي پرڳڻو اَنرت نالي مشهور ٿيو. پوءِ يادو آيا. يادون آريہ راجا رئوت (रेवत) کي هارايو. رئوت جي ڌيءَ جو بلرام سان وواه ٿيو. رئوت شڪست کائي اَرجينت پهاڙ تي هليو ويو. اِهو پهاڙ پوءِ رئوت گري گرنام ليکيو وڃي ٿو. بعد ڪرشن دوارڪا وسائي دوارڪا کان مٿرا تائين ۽ سنڌوَ مکہ کان اولهہ ايشيا تائين يادون جو زور ڦهلجي ويو. يادو پاڻ ۾ وڙهيا تہ انيروَڌ جي پٽ وجرناڀ کي ارجن ساڻ وٺي ويو ۽ هستناپور جي گادي تي وهاريو. اُن ڪُل جا لوڪ بعد سنڌ ويا ۽ راڄ ڪيو. ان مان گڄ نالي يادو گڄني. عزني وسايو. ان ڪل مان سما جاڙيجا، ڀٽي چڙن، سما وغيره جاتيون ڦٽي نڪتيون جن سنڌ، ڪڇ، سوراشٽر مٿان حڪومت ڪئي.

سوراشٽر جي قديم قومن ۾ آڀيرجاتي بہ وسندڙ هئي جا ناگ ڪُل مان هئي. هي آڀير سنڌوَ، ڪڇ ۽ سوراشٽر کان وٺي مالوا تائين ڦهليل هئا ۽ حڪومت بہ ڪئي هئي، ڪڇ سوراشٽر ۾ اُهي آهر يا آڀير ليکيا وڃن ٿا.

ان بعد ٻاهرين ملڪن جون قومون شڪ هوڻ وغيره آيا تہ ڪترپ موُريہ وغيره بہ اَچي وسي ويا.

اِنهن قومن مان ڪيترين جاتيون ڦٽي نڪتيون جيڪي اتهاس ڪال کان هاڻ تائين وسيل آهن.

۾ هو، جتان سنڌو ندي ٻه وڏيون شاخون ٿي وهندي هئي. اڪشواڪو -سورج ونشي ڪُل وارا اُنهي پاتال بندر ۾ رهندا هئا. پُراڻن پٽاندر راجا اعشواڪو جو هڪ پاءُ شرياتي هو، جنهن جي اولاد مان 'آنرت' نالي هڪ راجا هاڻوڪي گجرات وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪيو، تنهن ڪري گجرات وارو پاسو سندس نالي پٺيان 'آنرت' سڏبو هو. دسرٿ کان پوءِ سنڌ جو حاڪم پرت هو.

چندر ونشي گهراڻي وارا آريہ لوڪ جدا جدا ڪُلن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنج مکيہ هئا يدو (يادوُ يا جادو) تروسو، پُرو، اَنوُ ۽ درهيو.

راجا پروروس جو پرپوٽو هو ييياتي ڪيس ٻہ راڻيون هيون. ديوياني ۽ سرمشٺا ديوياني ءَ مان ٻہ پٽ يدو ۽ تروسو پئدا ٿيا ۽ سرمشٺا مان ٽي پٽ ورهيو، انوءِ ۽ پرو ٿيا. انهن پنجن پٽن جو اولاد سندن نالي پٺيان سڏبو هو.

يدوءَ جو اولاد يادو (يادوونشي) ۽ جادوُ (جادو ونشي) سڏبا هئا. سري ڪرشن بہ جادو ونشي ڪل مان هو. سندس ابا ڏاڏا، يدوُ ۽ سندس اولاد، ڪجهہ وقت سنڌ ۾ هئا. جسلمير جا ڀٽي راجپوت ۽ سنڌ ڪڇ ڪاٺياواڙ جا سما راجپوت بہ جادوَ ونشي ڪل مان آهن.

يدو ۽ ترسوُ سنڌ ۾ اچي رهيا هئا. انهن کان سواءِ ٻيا 'پروَ' آريہ هئا. انهن مان پرت نالي راجا ٿي گذريو آهي، جو دشينت ۽ شڪنتلا جو پٽ هو. رگ ويد واري زماني ۾ اُنهن مان ڪي شتدري- ستلج تہ ڪي سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا.

چوٿان، 'اَنوَ' آريہ هئا، جي پرشتي راوي جي ڪناري رهندا هئا. پنجان 'درهيو' هئا. جن مان هڪ جو نالو گنڌار هو. جو هاڻوڪي پشاور ۾ راڄ ڪندو هو، جو گانڌار سڏبو هو. اهي درهيو لوڪ سنڌو نديءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين (ڪابل ندي وغيره) جي ڪنارن تي رهندا هئا.

جئمل پرمار اَپٽي لوڪ سنسڪرتي ۾ لکي ٿو تہ پُراڻن ۾ نوَ کنڊ ڄاڻايا ويا آهن هنن نون کنڊن مان ڇئن کنڊن سان سنڌو ۽ سرسوتيءَ جو واسطو رهيو آهي.

قديم زماني ۾ آسُر قومون وسيل هيون جن جون ڄاتيون هيون،

حڪومتون ۽ لڏپلاڻ

اِتهاس ڪال جي اڳ جي تفصيلن جو مدار گهڻي ڀاڱي ويد، پراڻ، رامائڻ، مهاڀارت ۽ ٻين ڪٿائن تي رهيو آهي. اِهي ڪٿائون بعضي تضاد ڀريون به رهيون آهن ته الڳ الڳ مت متانتر به رهيا آهن. انهن ڪردارن، قومن يا حڪومتن جو عرصو به الڳ الڳ ٻڌايو ويو آهي. پر سڪندر جي حملي بعد ۽ چين جي هيو اين سنگ ۽ ٻين ياترين جي لکيل احوالن بعد اِتهاس جو ڪو سلسلو جڙندو نظر اچي ٿو. ان بعد ڪيترن حاڪمن پنهنجا اِتهاس لکايا هئا يا ڪن ودوانن اِتهاس لکيا هئا. انهن مان ڪيترا اِتهاس يا ته هڪ طرفا رهيا آهن يا اڌورا ۽ بخض ڀريا. انهن اِتهاسن کي جوڙي ڪري جيڪي اِتهاس لکيا ويا آهن. اُنهن مان ميسر ٿيل مواد جي آڌار تي سنڌ ڪڇ ۽ سوراشٽر مٿان، اِتهاس ڪال کان وٺي جيڪي حڪومتون راڄ ڪري ويون آهن ۽ هنن ٽنهي ايراضين ۾ جيڪي لوڪ وسيل آهن، انهن جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو رهيو آهي، اِهو صاف ظاهر ٿئي ٿو.

عيسوي سن کان ٥١٦ سال اڳ ايران جو بادشاه دارا سنڌ تي لاهي آيو هو ۽ حاڪمن کي ڏن ڀيرو ڪيو هئائين. بعد سڪندر سنڌ تي ڪاهي آيو هو. اِنهن يونانين کي تڙي ڪڍڻ بعد سنڌ مٿان موريه گهراڻي جو راڄ رهيو. سمراٽ اشوڪ بعد، عيسوي سن کان ١٨٠ سال اڳ ٻيهر يونانين سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ڪجهه حصو قبضي ڪيو. بعد شڪ ۽ سٿين ڪاهي آيا پر هن ديش ۾ وسي ويا. ان بعد سن ٨٠ ع ۾ ڪشان گهراڻي جي لوڪن سنڌ تي حڪومت ڪئي. سن ٣٢٠ع کان گپت گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو. ان بعد گرجر، اَپيرو (اهر)، ۽ هوڻ آيا. اَپيرن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت جو بنياد وڌو. انڪل

معين حوالن مان ڏسجي ٿو تہ سنڌ-ڪڇ-سوراشٽر جو
قديم قومون آڀير ناگ وغيره هيون جن کي ان آريہ ليکيو ويو هو
بعد اُهي الڳ الڳ جاتين جي نالي سان سڃاتا وڃن ٿا. وقت ج
وهڪري ۾ اِنهن سمورن خاندانن جون علحدہ شاخائون پيدا ٿي ويو
لڏپلاڻ بہ ٿيندي رهي. سنڌو سنسڪرتيءَ جا اِهي سمورا باشند
پنجاب، سنڌ، ڪڇ سوراشٽر، گجرات، راجستان ۽ ٻين پرڳڻن ۾ ٽڙ
پکڙيا پيا آهن. وقت جي وهڪري ۾ سڀني جي الڳ الڳ پڇاڻ ڪر
ٿي ويئي آهي. پر انهن سڀني جو مُول آهي سنڌو ماتري جي سنڌ
سنسڪرتي.

سنڌو ماتري جا آهي باشندا، سنڌ ڪڇ ۽ سوراشٽر ۾ وسيا پ
آهن تہ اُنهن مان ٿي هنن ايراضين مٿان حڪومتون برپا ٿينديون
رهيون آهن. ڪڇ جا جاڙيجا. سوراشٽر جا سئنڌو ۽ جيٺوا، والا
چڙاسما، جاڙيجا ۽ ڪاٺي، مڪوٽا جهالا ناگر ۽ لوهاڻا، وغيره اِنه
سڀني جو مُول 'سنڌ' رهيو آهي. يعنيٰ ڪڇ، سوراشٽر جا موجود
نواسي مُول سنڌ جا آهن.

اچي ويئي. ڪلهوڙا حقيقت ۾ سنڌ جا اصلي رهاڪو هئا. هڪ قبيلي جا هئا. سنڌن نسل ’سنڌي چنا‘ هيو. پر مسلمان بڻجي ويا هئا ۽ بعد پاڻ کي عرب ملڪ جا عباسي سڏائڻ لڳا هئا. سنڌ هيل تائين ڌارين حڪومتن ۽ حملاورن طرفان خوب ظلم سٺا هئا. هاڻي ٿورو امن شانتي شروع ٿيندي. پنجاب، ملستان، راجسٿان، ڪڇ ۽ گجرات جا هندو سنڌ ۾ اچي وسڻ لڳا هئا. سن ١٨٠٣ع ۾ ٽالپرن ميرن جي حڪومت شروع ٿي. ٻيهر ظلم ۽ ماري مسلمان ڪرڻ جو راڄ شروع ٿيو. ميرن جي پاڻ ۾ گهرو جنگ به جاري رهي. حڪومت ڪمزور ٿي وئي. سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ مٿان قبضو ڪيو. ميرن جي ڏينهن ۾ سنڌ مان ڪيترا هندو لڏي ٻين وارن راڄن ۾ هليا ويا هئا. انگريزن جي حڪومت شروع ٿيندي، سنڌ جي هندن، صدين بعد چڻ راحت جو ساهه کنيو هو. پر ان ڌاري حڪومت پنهنجا پير کوڙيندي آزادي جي هلچل شروع ٿي. ديش سڄو آزاد ٿيو. پر سنڌ پوءِ به هندن جي هٿن ۾ نه رهي. پاڪستان جو حصو ٿي وئي. سنڌ جي هندن کي هند ۾ لڏپڏاڻ ڪرڻي پيئي.

ڪڇ مٿان حڪومت جو اِتهاس ڏسجي ته سڪندر جي حملي بعد ڪڇ مٿان موريه، شُنگه ۽ گريڪ لوڪن جو راڄ رهيو هو. اِن بعد عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ شاليواهن جي عرصي ۾ شڪ لوڪن جو راڄ رهيو. شڪن کي هارائي وڪرمادتيه حڪومت قبضي ڪئي. ان بعد شاهه ونش، گپت ونش ۽ ولڀ گهراڻي جو راڄ رهيو. بعد چاوڙا، سولنڪي آيا. ستين صديءَ ۾ آيل سولنڪين بعد نائين صديءَ ۾ واگهيلن ايراضيون هٿ ڪيون. ڪاٺين جو به زور وڌيو ۽ کن ايراضين مٿان حڪومت برپا ڪئي.

واگهيلا، چاوڙا، سولنڪي ۽ ڪاٺين کي شڪست ڏيئي سنڌ جا سما ڪڇ ۾ آيا ۽ آهستي آهستي سمورو ڪڇ سمن جي حڪومت هيٺ اچي ويو. جام موڙ ۽ منائي جي ڪڇ ۾ اچڻ بعد ڪڇ ۾ سمن جو زور وڌندو ويو.

ان بعد جام اَنڙ جي ونش مان سنڌ مان لاکو ۽ لاکيار ڪڇ ۾ آيا. هنن ڪڇ ۾ ستا قبضي ڪرڻ بعد، آهستي آهستي سمورو ڪڇ ٻيهر سنڌن حڪومت هيٺ اچي ويو. سنڌ جي اِن سمن جي ڪڇ

ڏيڍ سؤ سال سندن راڄ رهيو. بعد ڪشمير جي هڪ برهمڻ چ
حڪومت قبضي ڪئي ۽ برهمڻ گهراڻي جو بنياد وڌو. تنهن وقت س
جي حڪومت جون حدون ڪشمير، مڪران، اومان ۽ سورت ۽ قنو
تائين ڦهليل هيون. سن ٦٤٢ع ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت شرو
ڪندڙ چچ جي پٽ ڏاهرسين (ڏاهر) جي وقت ۾ سن ٧١١ع ۾ عرب
سنڌ تي حملو ڪيو.

سنڌ مان لڏپلاڻ شروع ٿي. ڪيترا پنجاب طرف ته ڪيترا ڪ
طرف هليا ويا.

عرب خليفي سنڌ مٿان پنهنجو نائب مقرر ڪيو. پر اُنهن نائب
جي حڪومت صرف سن ٧٥٠ع تائين هلي. خليفن جو زور ڪمز
ٿيندي، سنڌين ٿورين ايراضين کي ڇڏي وري سنڌ پنهنجي قبض
ڪئي. نائبن براهمڻ آباد جي ڀرسان منصوره شهر اَڏيو. ۽ ٻيو
محدود ايراضيون سندن هٿن ۾ رهيون. باقي سموري سنڌ ٻيهر هند
جي هٿ ۾ اچي ويئي. الڳ الڳ ايراضين ۾ الڳ الڳ هندو حڪومتو
برپا ٿي ويون. مرڪزي ستا ٽٽي چڪي هئي، پر صاحبي عربن ج
ليکي ويندي هئي. سن ١٠٢٢ع ۾ محمود غزنويءَ ڪاهه ڪري نائب
کي ٽڙي ڪڍيو. ان مان گڏ عرب حڪومت جو خاتمو ٿي ويو پر سن
دهلي جي مسلم بادشاهن جي هٿ هيٺ ٿي وئي. جيتوڻيڪ ٻوءِ
حڪومت جون واڳون سنڌ جي هندن جي هٿن ۾ هيون. هوُ دهل
جي بادشاهت کي ڏن ڀريندا هئا.

سنڌ جا سومرا، پرمار راجپوت هئا. سومرو ۽ ويڳو نالي ٻه ڀائ
قليفن جي پاران نواب مقرر ٿيل هئا. هوَ خود مختيار ٿي ويا ۽ سن
۾ سومرا حڪومت جو بنياد وڌو. سنه ١٠٥٠ع کان ١٣٥٠ تائين سن
مٿان هنن ڏيهي حاڪمن جي حڪومت رهي. ان بعد يادوڪل جي
سمن جي حڪومت شروع ٿي جيڪا سنه ١٥٢٠ع تائين جاري رهي

سنه ١٥٢٠ع ۾ ارغونن ۽ بعد ترخانن سنڌ قبضي ڪئي. س
١٥٩١ع ۾ ترخانن کان کسجي سنڌ اڪبر جي مغل سلطنت هيٺ
ائي. ١٧٣٦ تائين مغلن جي حڪومت رهي. ڪلهوڙن مغلن سا
جنگ جوٽي ۽ سنڌ جا ڪي ٽڪرا آزاد ڪرايا. جدا جدا ٽڪرن
ورهايل سنڌ وري گڏجي هڪ ديش ٿي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت هيٺ

سنڌ جي سمن ڪڇ ۾ راڄ برپا ڪيو ته سمن سان گڏ ٻيا ڪيترا هندو به وچي ڪڇ ۾ رهيا. سوراشٽر جي سورن ۾ چڙا سما حڪومت شروع ٿي تنهن وقت ۾ سنڌ جا ڪيترا راجپوت واپاري ۽ ٻيا هندو سوراشٽر ۾ وڃي وسيا. اهڙي نموني سوراشٽر ۾ جاڙيجا گهراڻي جو راڄ شروع ٿيندي سنڌ جا ڪيترا هندو هالار ايراضي ۽ بعد ۾ هند پکڙجي ويا. ٿرپارڪر جي مکواڻن سوراشٽر جي جهالاواڙ ۾ راڄ برپا ڪيو ته ڪيترا هندو گجرات ۽ سوراشٽر طرف هليا ويا. اِن کان اڳ عربن جي ڪاهه سبب، سنڌ جي سئنڌون ۽ ٻين راجپوت جاتين سوراشٽر ۾ وڃي حڪومت برپا ڪئي تنهن وقت به ڪيترا هندو هنن جي پوئتان سوراشٽر ۾ وڃي ويس. ائين سنڌ جي راجپوت جاتين ٻين هنڌ حڪومت برپا ڪرڻ سبب به سنڌ جي هندن جي لڏپلاڻ ٿيندي رهي هئي. پر ان جو نتيجو اڳتي هلي اهو نڪتو جو سنڌ جي هندن ۾ ڪابه لڙاڪو قوم نه رهي ۽ لڙاڪو جذبو نه رهيو. سوريه ونش راجپوت لوهاڻا هٿيار ڇڏي واپار ۾ جنجي ويا هئا ۽ ٻيا راجپوت سنڌ کي الوداع ڪري ويا هئا. سنڌ جي ترپارڪا ۽ سوڍن ۽ ٻين ڪن راجپوت جاتين ڪانسواءِ سنڌ راجپوتن کان خالي ٿي چڪي هئي.

سنڌ ۽ سنڌو ماتري ۾ رچڊ برٽن صحيح جائزو ورتو آهي ته 'حقيقت ڪري سنڌ ۾ کي به شتريه (کتري) ڪونه بچيا آهن. جيڪي انهيءَ اعليٰ نسل جي دعوا ڪن ٿا، سي بنيا (واڻيا) آهن.

●●●

مٿان جاڙجا ڪُل جي نالي ٻچاڙي تائين حڪومت قائم رهي
(ورهاڱي تائين).

سنڌ جي اِنهن سمن جو ڪڇ جي معرفت سوراشٽر ۾ جاڙيج
ڪُل جي نالي راڄ ڦهليو، ۽ اهو بہ ورهاڱي تائين قائم رهيو.

عربن سنڌ فتح ڪئي تہ هندن جي مرڪزي حڪومت ختم
ٿي ويئي. هندن مٿان ظلم ٿيندي ۽ کين مسلمان ڪرڻ جي نيت
سبب ڪيترا هندو سنڌ مان لڏي ڪڇ ۽ پنجاب ڏانهن هليا ويا. تنه
وقت سنڌ جا ڪيترا هندو لوهاڻا، لاکا، سهتا ۽ چنا مسلمان ٿي وي
بعد ڪي سما ۽ سومرا مسلمان ٿيا. جيڪي هاڻ سنڌ ۾ مسلمانن جي
حيثيت ۾ وسيل آهن. بعد ڪيترا هندو خواجا ۽ ميمڻ ٿيا. ارغون
جي راڄ وقت مسلمانن جو تعداد وڌي ويو. سنڌ مٿان ڪاهون ٿيون
هندن مٿان قهر ڪيا ويا. ڪيترا هندو آس پاس جي ملڪن ڏانه
لڏي ويا. اڪبر جي حڪومت وقت بہ سنڌ ۾ مسلمانن جي گهڻائي
هئي، پر ڪنهن حد تائين امن قائم رهيو هو. اورنگزيب جي ڏينه
۾ وري هندن مٿان قهرن جو دورو شروع ٿيو هو. مغلن جو زور ٽٽندي
پنجاب، اَئوڌ ۽ راجپوتانا جي هندن ڪَرُ کنيو. لڙايون ٿيون. بد اَمني
پئدا ٿي، تہ ڪيترا هندو، پنجاب ۽ راجپوتانا مان لڏي سنڌ ۾ اچي
وسيا. ڪڇ ۾ ذڪر پوندي، ڪيترا سنڌ ۾ اچي ويا. ڪلهوڙن جي
حڪومت تائين ڪيترن پاسن جا هندو سنڌ ۾ اچي وسي ويا. مير
جي حڪومت وقت هندن خلاف ڪيترا سخت قانون جوڙيا ويا. هند
ڪي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني زوريءَ مسلمان بڻائڻ جا طريقا اپنا
ويا. سنڌ مان ڪيترا هندو لڏي راجسٿان ۽ ڪڇ سوراشٽر طرف هل
ويا. انگريزن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ سنڌ ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. ان مير
واري ڀاڄ وقت ڪيترا هندو ڪڇ هليا ويا. انگريزن جي حڪومت
وقت امن امان قائم ٿيندي وري آس پاس جي ملڪن جا هندو
سنڌ ۾ اچي وسي ويا پر پوءِ بہ سواءِ ٿرپارڪر جي سموريءَ سنڌ
هندن جو آدمشمار سراسري چوٿون حصو مس وڃي رهيو، جن ڪ
وري ورهاڱي بعد وڻ ڇڏڻا پيا.

هن زور ظلم جي لڏپلاڻ کان سواءِ بہ سنڌ مان هندن جي
لڏپلاڻ ٿيندي رهي هئي. ان جي پس منظر ۾ ڪيترا سبب هئا

سنڌو ندي لکپت کان گھاري‌شيخائي بدين طرف وهندي
هئي. سنڌڙي توڙي راحمڪي بازار وٽ جهاز پڳهہ هڻندا هئا.
سڪندر هتان لنگھيو هو. محمد غزنوي هتان لنگھيو هو.. سنڌڙي
نالي ڪڇ ۾ هڪ بندر هو. ڌرتي ڌڏي تہ ازغيبي بند ٺهي ويو.اهو
الهہ‌بند نالي اجتاء بيٺو آهي.

جيمس برنس ’سنڌ جي دربار‘ ۾ لکيو آهي-سنڌو نديءَ جي
اُڀرندي واري شاخ پراڻ، لکپت ۽ ڪوٽ سير (ڪوٽيشور) وٽان لنگھي
وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

ڀيرومل لکي ٿو: سڪندر جي ڪاه وقت ڪراچيءَ ضلع واري
لاڙ ۾ پاتال نالي هڪ عاليشان بندر هو، جو وڏي واپار جو مرڪز
هو. اُهو پاتال بندر اُتي هو جتان سنڌو ندي ٻہ وڏيون شاخون
ٿي وهي ٿي.

’سنڌ صدين کان‘ ۾ ڊاڪٽر احمد حسن داني لکي ٿو: دوآبي
جي سر وٽ هڪ مشهور شهر جا پڊ آهن جنهن کي عربن ’الرور‘ جو
نالو ڏنو هو، جيڪو اڄ ڪلهہ ’روهڙي‘ سڏ جي ٿو. درياه جي ٻي
پر هاٺوڪو تجارتي مرڪز سکر آهي... پاتال جي ويجهو سنڌون جو
پاڻي ٻن وڏن دريائن ۾ ورهايل آهي. جي ٻئي ويندي سمنڊ تائين
سنڌو جي نالي سان سڏجن ٿا.

ڀارت جا پنج مکيہ ۽ پوتر سرور آهن. اُتر ۾ مانسروور، ڏکڻ
۾ پمپا، اوڀر ۾ بندو، مذيہ ۾ پشڪر، اولهہ ۾ نارائڻ سروور.

مانسرورمان نڪرندڙ سنڌو ندي ڪڏهن اولهہ ۾ ڪڇ جي
نارائڻ سروور ۾ ڇوڙ ڇڏيندي هئي. شريمد ڀاڳوت جو هڪ
سلوڪ ۾ بہ آهي:

جتي سنڌو ندي ۽ سمنڊ جو سنگم ٿئي ٿو، اُن نارائڻ سروور
تيرٿ تي، مُنين ۽ سِڌن تپُ ڪيو.

عيسوي سن کان سوا ٽہ سوَ سال اڳہ سڪندر جڏهن نارائڻ
سروور پهتو تہ اُتان جو نظارو ڏسي آکيو: کير ساگر جي ڪناري وسيل
هن مهاسروور وٽ اچي پهتا آهيون.

سنڌوءَ جو وهڪرو بدلجندو رهيو آهي، هڪ وقت سنڌو نارائڻ
سروور وٽ ڇوڙ ڇڏيندي هئي، هاڻ اُتي صرف ڪي نشان وڃي رهيا

سنڌو ندي

اينسائيڪلوپيڊيا برٽانڪا ۾ ذڪر ملي ٿو ته سنڌو ندي تبت، لداغ، ڪشمير مان وهندي اولهه طرف سرحد پار ڪري پاڪستان ۾ پرويش ڪري ٿي.

هڪ سنسڪرت سلوڪ ۾ جاٽايل ڀارت جي ستن مکيه پراڻه سمرٽيه لوڪ ماتائن مان سنڌو ڀارت جي هڪ مکيه ندي هئي. مانسروور مان نڪري ڪراچيءَ وٽ سنڌو ساگر (عربي سمنڊ) ۾ ڇوڙ ڪندي هئي ۽ ڪري ٿي. ورهاڱي بعد به سنڌ، ڀارت جي حدن مان وهندي پاڪستان جي ملڪ ۾ پرويش ڪري ٿي.

سنڌو، ڀارت جي سنڌ جي ندي هئي ۽ هاڻ به ڀارت جي حصي جي ندي آهي.

هڪ سلوڪ ۾ ذڪر ڪيل سرسوتي به ڀارت جي سنڌ جي ندي هئي جيڪا زير زمين ٿي ويئي هئي.

ڀيرومل مهرچند لکيو آهي: سنڌ ۾ ٻه وڏيون نديون هونديون هيون. هڪڙي 'سنڌو' ٻي 'مهراڻ'. مهراڻ کي هاڪڙو ۽ واهنده به سڏيندا هئا. مهراڻ پنجاب مان اچي بهولپور کي ريج ڏيندي، اروڙيءَ کان الور جي ٽڪري جي هيٺان لنگهندي هئي. اتان رحمڪي بزار ويجهو ڪڇ جي رڻ وٽ پُراڻ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. ڪيس پنجاب جي ستلج جو پاڻي ڀرتي ڪندو هو. هيٺئين پاسي کان سنڌو ندي جو پاڻي ڦليلي واه کان ريڻ واه جي پيٽ مان لنگهي بدين تعليقي جي پريان. پراڻ ۾ وڃي پوندو هو. ڪوري ڪاوي ۾ پراڻ جو پاڻي پوندو هو ۽ لکپت وٽان لنگهي ڪڇ جي نار ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. مطلب اُپرندو نارو ۽ الهندو نارو ٻه وڏا درياه هوندا هئا.

اُتي هيو. سنڌوءَ جي اوپر ڪان مهراڻ وهندي، ڪڇ جي موجوده رڻ ۾ ملي ويندي هئي۽هاڪرو ندي اُتان سمنڊ ۾ وڃي ملندي هئي. سنڌوءَ جا پيا بہ مُکہ رهيا آهن. آهستي آهستي سنڌو اولهہ طرف سُرڪندي ويئي. هن سان واسطو رکندڙ هاڪرو، ستلج بياس وغيره ۾ بہ تبديل آئي. هاڪرو سُڪي ويئي بياس، ستلج جي شاخا بڻجي پيئي. ڪڇ جي اولهہ ۾ سنڌوءَ جو پراڻ نالي وهڪرو وڃي رهيو. اُهو بہ سن ١٧٦٢ع ۾ جهارا جي جنگہ بعد سنڌ جي غلام شاه ڪلهوڙي، مورا ۾ بند جوڙائي وهڪرو بند ڪرائي ڇڏيو.

سن ١٧٦٢ع ۾ سنڌ جي حاڪم غلام شاه طلهوڙي ڪڇ مٿان حملو ڪيو هو. جهارا جي ڀينڪر جنگ ۾ اڪيچار تبلهي ٿي هئي. ڪلهوڙي کي ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيو تہ ساڙ وچان، جنگہ مان موٽڻ بعد سنہ ١٧٦٢ع ۾ هن سنڌ ۾ سنڌو نديءَ جو وهڪري مٿان بند جوڙائي ڇڏيو. اُن ارڙ بند سبب سنڌوُ جو ڪڇ طرف جو وهڪرو بند ٿي ويو. لکپت طرف جي سرسبز ايراضيءَ جي ساوڪ ۽ اُپج ناس ٿي ويا. انُ بد سنہ ١٨١٩ ۾ زلزلو ٿيو. ڪڇ جي جاگرافي بدلجي ويئي. ڪڇ ۾ ايندڙ سنڌوءَ جو رهيو سهيو پاڻي بہ بند ٿي ويو. سنڌوُ سنڌ جي ڪراچي جي حد تائين محدود بڻجي ويئي.

انگريزن جي حڪومت آئي تہ ڪلهوڙي جوڙايل هٺرادو بند جي اڙچڻ هٽائي سنڌوُ جو نير وري ڪڇ تائين آڻڻ جي گهر آئي هئي. ڪڇ جي راءُ ۽ سرڪار وچم مصلتون ٿيون. سن ١٩٣٠ع ۾ يوجنا تيار ڪئي ويئي. ١٩٤٥ع ۾ هند سرڪار سينٽرل واٽر پاور اِريگيشن ائنڊ نيويگيشن ڪميٽي جي رچنا ڪئي. سنڌو جو پاڻي پنهنجي اصلوڪي اڳلي مارگہ تي آڻڻ لاءِ سروي ڪئي وئي ۽ نقشا جوڙيا ويا. پر ورهاڱيءَ سبب ڪم اڳتي وڌي نہ سگهيو. سنڌ پاڪستان جو حصو بڻجي ويئي.

بعد رکنبلا جي وڪاس ۽ گانڌيڌام جي رچنا جي يوجنا سان گڏ سنڌوءَ جو وهڪرو ٻيهر ٻنيءَ کان لکپت مان ٿي نارائڻ سروور تائين آڻڻ جو سوچيو ويو. ڪڇ جي راءُ ۽ گانڌيڌام جي نرماتا ڀائي پرتاب يوجنا ناهي. سردار ولڀ ڀائي پٽيل ان يوجنا سان سهمت ٿيندي نئين سر سروي ڪرائي ۽ نقشا جوڙايا. پاڪستان سرڪار سان

آهن. هاٺي سنڌو ڪراچيءَ وٽ چوڙ ڇڏي ٿي.
سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو ڪڇ جي ڪوري نال تائين هو ۽ اُ
نال جي نذديڪ مشهور ڪوٽيشور مندر هو جو اڃا قائم آهي. چين
ياتري يو.ايس. بہ اُن جو ذڪر ڪيو آهي. رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳو
۽ پراڻن ۾ هن سرسبز ايراضيءَ کي پاتال ديش چيو ويو هو، ان
ڪٿي بہ رڻ ملڪ جو ذڪر ڪونهي، پر سرسبز ملڪ جو ذڪر آهي
مانسروور مان نڪرندڙ سنڌوءَ کي پنجاب جون نديون بہ ڀرتي
ڪنديون هيون. سنڌوءَ جي سمانانتر سرسوتي بہ سنڌ ۽ ڪڇ ما
ٿيندي. سوراشٽر جي ڀرپاس جي ڀرسان ڪنڀات جي ڪاڙيءَ
سمائجي ويندي هئي. عربن جي حملي وقت، سنڌ جي اُها مهرا
ندي سنڌوءَ جي اوڀر ڪان وهندي، ڪڇ جي موجوده رڻ تائي
وهندي هئي. البرونيءَ بہ (سن ٩٧٠-١٠٣٩) سنڌوءَ جي مهڪ شا
ڪڇ جي ڪناري سنڌو ساگر (عربي سمنڊ) ۾ وڃي ملڻ جو ذڪ
ڪيو آهي. سڪندر ۽ ٽاليميءَ (سن ١٥٠ع) ان کي 'لُٽي ٻاري' نا
ڏنو آهي. سڪندر هن سنڌوءَ وهڪري وچان ڪڇ جي جل پرديش
۾ گهسيو ۽ گهميو هو. حملو ڪيو هو ۽ شڪست کائي موٽي ويو ه
سن ٩٥٠ع ۾ زلزلي سبب ۽ سمنڊ ۾ ڀراوُ ٿيڻ سبب ندي
جي هن وهڪري ۾ تبديل آئي. هاٺوڪي رڻ پرديش جي جُڙڻ جي
شروعات ٿي بعد ١٦ جون ١٨١٩ ڏينهن ٿيل زلزلي سبب سنڌوءَ ج
وهڪرو بدلجي ويو. هاڻ رڻ ڪيتر اُڀري آيو. رڻ جي اولهہ ۾ پن
اُڀري آيا. ان کي الهہ بند چيو ويو، نتيجي طور لکپت جي اهميت
گهٽجي ويئي. سنڌڙي نالي بہ هزار چورس ميل زمين مٿان ڪارو پاڻ
ڇانئجي ويو. سنڌڙيءَ جو قديم قلع ۽ بندر ناس ٿي ويو. هن بند
تان دنيا ڀر تائين واپار هلندڙ هو.
رگ ويد جي عرصي ۾ موجوده ڪڇ جي ايراضي ۾ پاتال ديش
هو. ان مان سنڌو، شتدروُ، دش دوتي سرسوتي نالي نديون وهندي
سوراشٽر ڪناري جي سمنڊ ۾ وڃي ملنديون هيون. سرسوتي موجود
ڪڇ جي رڻ مان ٿيندي، گجرات ۽ سوراشٽر مان پار ٿيندي. ڪنڀا
جي ڪاڙيءَ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي. سنڌوءَ جو موجوده وهڪرو اڳ
ان جي اوڀر طرف هو. سنڌوءَ جي اوڀر ۾ وهندڙ وپاشا جو سنگم

ماتا هنگلاج

سچا سامي سچ ڳالهائين، سچو سندن پنڌ
هوت وسي هرهنڌ، پر هنن ڏٺو هنگلاج ۾. (شاھ)

سنڌو سنسڪرتي ماترڪا سنسڪرتي رهي آهي، موهن جو دڙو ۽ هاڪ ڏولاويرا جي کوٽاين مان مليل نشانن مان به ثابت ٿيو آهي ته هن پرديش ۾ ديويءَ جي پوڄا ۽ آستا جو عمل هوندو هو. شاسترن ۽ پُراڻن مان اهڙا حوالا ملن ٿا ته آدي ديوي شڪتيءَ جو آستان سنڌ ۾ آهي ۽ اِها آدي شڪتي ماتا آهي هنگلاج. آدي ڪال کان وٺي سنڌ جا حاڪم ۽ سنڌواسي ماتا جا اُپاسڪ رهيا آهن. اِن سبب ئي سنڌو سنسڪِرتيءَ کي ماترڪا سنسڪرتي چيو ويو آهي.

هنگلاج بابت ڪجهه تفصيلون لکندي ڀيرومل مهرچند ’لطيف سئر‘ ۾ لکيو آهي ته، هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار ۾ آهي. هتي مورت پَٽَ ۾ سمهيل آهي، سڄي پٽ تي هنگلو (سنڌُر) لڳل اٿس. ديويءَ تي هندو چٽ چاڙهين ٿا. جاتي صبح سويل سنان ڪري ڪورو ڪپڙو ٻڌي سرنگهه ۾ اَندر گهري، ڦيرو ڏيئي، ٻئي هنڌان نڪرن. سرنگهه مان رُڳي هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي. ائين وسهندا آهن ته اتان لنگهڻ ڪري مُڪتي ملندي. هنگلاج کي هندو ديوي، ماتا، اَمبا، (اَمان) ۽ ٻين نالن سان سڏيندا آهن. مُسلمان ناني ڪوٺيندا آهن.

سنڌوءَ جون لهرون ۾ ڪولين جي راڄ جو ذڪر ڪندي جيرامداس دولترام لکيو آهي ته ڪولين جي راڄا ’سرننگه‘

مصلحت ڪري اِن يوجنا کي ساڪار ڪرڻ جو سوچيو ويو هو. ڏ بلئڪ
هلس جي ليڪ رش برُوڪ وليم بہ لکيو هو تہ سنڌو نديءَ ۾ وقت
بہ وقت ايندڙ ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ پاڪستان سرڪار يوجنائون گهڙي
رهي آهي پر انهن يوجنائن جو عمل تي نہ سگهيو آهي. سنڌو ج
وهڪرو ڪڇ طرف ڦيرائي انهن يوجنائن جو اِن نموني عمل ڪري
سگهجي ٿو.

پر سياسي سببن ڪري ڪنهن بہ يوجنا جو عمل نہ ٿي سگهي
آهي ۽ ڪڇ، سنڌوءَ جي نير کان وانجهايل رهجي ويو آهي، هوُند
وچايل سنڌو نديءَ جو اڄ ڪڇ ۾ اسان وٽ پوتر آسٿان ۽ تهذيبي
مرڪز ميسر ٿي سگهيو هجي ها.

پر هاڻ تہ پاڪستان ۾ خود سنڌ کي سنڌوُ نير کان وانجهيل
رکڻ جا سياسي منصوبا ٿي رهيا آهن.

جي ماتا هنگلاج جو مُکيہ ڌام سنڌ ۾ آهي.

سوريہ ونشي لوهاڻن ڪانسواءِ سنڌ جا چندرونشي سما ۽ جاڙيجا بہ هنگلاج جا پوڄاري رهيا آهن. رامسنگهہ وڏيڪ لکي ٿو تہ يادوَ ونش ۾ يادوءَ کان چوونجاهہ پيڙهيءَ ۾ ڪرشن ٿيو. ان جي هڪ سو ٽيتاليهين پيڙهيءَ ۾ ديويندر ٿيو. ديويندر کي چار پُٽ هئا. اَسپت، گجپت، نرپت ۽ ڀوپت. هڪ لڙائيءَ دوران هنن چئني ڀائرن هڪ پهاڙ ۾ آسرو ورتو جتي هنگلاج ماتا سندن رکيا ڪئي. نرپت هنگلاج جو پوڄاري بڻجي ويو. نرپت جو پٽ هو سامپت. اُن سامپت جي نالي سان سماونش شروع ٿيو. (سنڌ ۾ انهن يادوونشي سمن جي حڪومت رهي.)

ان سامپت جي ڪُل ۾ لاکياڙ پيڙ ٿيو. جنهن نگر سمئيا وسايو. لاکيار جو پُٽ لاکو ڌرارو. سندس پُٽ اُنڙ سنڌ جو حاڪم هو. اُنڙ جو پُٽ سمو ٻامڻي گاديءَ تي وېٺو. سوراشٽر جي گهمليءَ کي جيتي واپس ورندي هو ڪڇ ۾ رات رهيو. سپني ۾ هنگلاج ماتا کيس چيو تہ تنهنجي آشا پوري ٿي آهي، ان سبب هن آستان تي منهنجي اِستاپنا ڪر. هڪ مورتي ملندءِ، اُن جي اِستاپنا ڪر. صبح جو ڳولها ڪندي ٻامڻيءَ کي مورتي هٿ لڳي. هن اُن جي اِستاپنا ڪئي. ڪڇ جو اِهو آستان هاڻ 'آشاپورا' ليکيو ويندو آهي. آشاپورا هنگلاج جو روُپ ليکيو ويندو آهي. ڪڇ ڪانياواڙ جا جاڙيجا اُن کي ڪُل ديوي ليکيندا آهن. آشاپورا ڪڇ جي ڌڻياڻي ليکي ويندي آهي.

مٿيان حوالا ڏسندي هنگلاج جي اَصليت اِن کان بہ اَڳ جي قديم زماني تائين پهچي ٿي. الگ الگ پُراڻن ۾ شو ۽ شڪتيءَ جي ڪٿا جو ذڪر اَچي ٿو. دڪش جي ڪنيا ستيءَ شِوَ سان وواهہ رچايو هو. پرجاپتي دڪش کي ان وواهہ جو راضيپو ڪونہ هو. هن جڏهن يگيہ ڪرايو تہ شِوَ ۽ ستيءَ کي نينڊ ڪونہ موڪلي. يگيہ جو ٻڌي ستي خوش ٿي ۽ پيڪو گهر سمجهي بنا نينڊ جي دڪش جي ڪرايل يگيہ ۾ وڃي پهتي. دڪش شِوَ لاءِ گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ستيءَ جو اپمان ڪيو. ستيءَ سان گڏ آيل نندي ۽ رُدر

بلوچستان ۾ پنهنجا شهر ٻڌا. نل نديءَ جي ڏاکڻي ڀاڱي ڪ
هنگل ندي ڪري ٿا سڏين. هُن نديءَ جي ويجهو جبل ۾ هنگلا
ديويءَ جو مندر اَڏيو.

ڪولي سنڌ جي قديم قوم رهي آهي. هنن قديم زماني
۾ هنگلاج جو مندر اَگر اڏيو هجي ته الڳ ڳالهه آهي پر جنه
حاڪم جو ذڪر ڪيل آهي اُن عرصي دوران مندر اَڏڻ جي
سامهون رامائڻ ڪال جو سوال اُڀري ٿو. راجا سرنگه جي پُٽن سن
مان گُجرات ۾ وڃي حڪومت هٿ ڪئي هُئي ۽ ڌنڌوڪا شهر اڏ
هو. اِها اِتهاس ڪال جي گهٽنا آهي. هنگلاج جو آستان هن ڪا
اَڳ جو آهي.

اِتهاس ۽ پُراڻ ڪٿائن کي جوڙيندي هنگلاج جي قدي
اصليئت جي ڇاڻ پئجي سگهجي ٿي. لوهاڻا هنگلاج جا پوڄار
رهيا آهن. هن سوريه ونش ۾ سوريه - آدي نارائڻ جي ستي
پيڙهيءَ ۾ اِڪشواڪوُ ٿي ويو.

دانَوَ ديوتائن کي پريشان ڪندا هئا. اِڪشواڪو جنگيو
جوٽي هنن کي ظابتي ۾ رکيو هو. سندس پتني رناديوي
گهوڙي سواري ۽ ڌنوشيه وديا ۾ ماهر هُئي. جنگ ۾ پتيءَ ک
مدد ڪندي هئي. قيدي بڻايل اناريه جاهل ماڻهن کي هوءَ ود
سيکاريندي هئي. سنسڪار ڏيندي هئي ۽ ماءُ جهڙو پيار ڏيند
هئي. ان سبب اناريه لوڪ به سندس عزت ڪندا هئا ۽ ماتا جيا
پوڄيندا هئا. رناديوي آريه ۽ اناريه ٻنهي لاءِ ماتا سمان بڻجي
ويئي. (رناديويءَ جو نالو اپڀرنش ٿي ڪري هاڻ راندل-راند
ماتا نالي سموري گُجرات ۾ پوڄي ويندي آهي.)

’ڪڇ نوُن سنسڪرتي درشن‘ ۾ رامسنگهه راٺوڙ ڄاڻايو آهي
ته ڪڇ ۾ آيل آشاپورا ماتا جو مٺ اُهو رناديويءَ جو روُپ آهي
۽ اُها رناديوي وري هنگلاج جوروپ آهي. قديم زماني کان شڪتي
پوڄا جو واهپو رهيو آهي ۽ سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ ان ماترڪ
سنسڪرتيءَ جي وڏي اهميت رهي آهي. ان شڪتي سمپردا

حب نديءَ کان سونمياڻيءَ وچبو تہ واٽ تي ڪوهيون نظر اينديون. جي سيتا ماتا جون ڪوهيون سڏجن ٿيون.

سنسڪرت پُراڻن مان سڌو گُجراتيءَ ۾ شايع ٿيل گرنٿن ۽ ٻين اديبن جي لکيل تصنيفن ۾ رامچندر راڄ گاديءَ سنڀالڻ بعد پراشچت ڪرڻ هنگلاج جي ياترا تي وڃڻ جو ۽ ائين سنڌ جو سفر ڪرڻ جون ڪٿائون ملن ٿيون.

بنواس جي شروعات ڪندي سيتا مهتا مڃي هئي تہ منهنجو سُهاڳ اَکنڊ رهي ۽ سُکہ سلامتيءَ مان واپس موٽون تڏهن گنگا جي ياترا تي ايندس ۽ پوڄا ڪندس. راوڻ ڪي ماري سيتا کي ڇڏائڻ بعد واپس موٽندي هوُ سڀ ڀاردواج مُنيءَ جي آشرم ۾ رهيل هئا. ڪيل مهتا پوري ڪري ايوڌيا موٽڻ جو خيال هين، پر ياترا لاءِ وقت نہ رهين.

راڄگادي سنڀالڻ بعد ۽ ٿانئيڪو ٿيڻ بعد هنن ياترا ڪرڻ جو ويچار ڪيو. ياترا جي تياري ڪئي ويئي. ايوڌيا کان گنگا ڪنارو دوُر ڪونہ هو. رستي ۾ هنن ياترالن، ساڌو سنتن، برهمڻن کي ڀوڄن ڪرائڻ ۽ دان پُڃ ڪرڻ جو آيوجن ڪيو هو. پر رستي تي ڪنڀودر نالي هڪ رشيءَ ڀوڄن ورتائڻ کان اِنڪار ڪيو. رامچندر خود هن کان سبب پُڇيو. هن چيو تون پيءُ جي آگيا جو پالن ڪري پتنيءَ کي دُشمن جي قبضي مان ڇڏائڻ جو فرض نباهيو آهي پر هڪ ودوان برهمڻ جي هتيا ڪئي آهي. اِهو پاپ ڪيو آهي. مان ڪنهن پاپيءَ طرفان آڇيل ڀوڄن ورتائي نٿو سگهان. رام پسوپش ۾ پئجي ويو. گُروششٽ سان صلاح ڪئي. اِن برهم هتيا جي پاپ کان مُڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ اُن رشيءَ کيس هنگلاج جي ياترا تي وڃڻ جي صلاح ڏني. هن ڪنڀوُدر رشيءَ رام کي ياترا جو مهاتم بہ ٻڌايو. (ست ڪوٽي آنند راماڻڻ- ياترا ڪانڊ - اَڌيايہ پنجون ڪنڀودر آکيان)

گنگا جي ياترا پوري ڪرڻ بعد رام، لڇمڻ، سيتا، هنومان ۽ ٻيا پريوار جا ڀاتي سنڌ طرف ويا. حب ندي (وشوامتري) تائين رٿ ياترا ڪئي. بعد گيرو گپڙا پائي پيري پنڌ ياترا ڪئي.

گڻ جو بہ اپمان ڪيو. ستيءَ کان اِهو سٺو نہ ويو ۽ يگيہ ج
اَگنيءَ ۾ ڪهري پنهنجي آتم هتيا ڪئي. اُن تي نندي ۽ رُ
گڻ سموري يگيہ جو ناس ڪري ڇڏيو ۽ دڪش کي بہ ماري ڇڏي
شِوَ کي هن ڳالهہ جي خبر پوندي هو واردات تي اچي پهتو
ستيءَ جو اگنيءَ ۾ سڙيل مرتڪ شرير ڪڍي ڪروڌ وچان رُدر رو
اختيار ڪيو. هن تانڊو مچائي ڏنو. اُن تانڊوَ کي روڪڻ لاءِ ش
جي هٿن مان ستيءَ جي ڪايا اَلڳ ڪرڻ ضروري سمجهي وشن
سُدرشن چڪر هلايو. ستيءَ جي شرير جا ايڪونجاهہ ٽُڪر ٿي وي
ستيءَ جو شرير غائب ٿيندي مس وچي شِو شانت ٿيو.

جتي جتي بہ ستيءَ جي شرير جا ٽُڪرا ڪريا اُتي بعد
شڪتي پيٺ برپا ڪيون ويون. ستيءَ جو تارونءَ جتي ڪريو اُ
آڏيہ پهريون ۽ مُکيہ شڪتي پيٺ ليکيو ويو. اَگهور پنٿين جو ش
جو ۽ شڪتيءَ جو اِهو مُکيہ مرڪز ليکيو ويو. تارونءَ جو اِهو حص
سنڌ جي مُلتان ۾ ڪريو هو - جتي هنگلاج جو آستان آهي. سن
جو هنگلاج شڪتي ماتا جو مُکيہ آستان آهي.

ڪٿا موجب ستيءَ جي شرير جا باقي پنجاهہ ٽڪرا جتي
ڪريا سموري ڀارت ورش ۾، الڳ الڳ نالي سان اُتي ماتا ج
اِستان برپا ٿيل آهن. شڪتي پوڄا جو مکيہ اِستان هنگلاج سن
۾ آهي. سنڌ ۾ شِوَ شڪتي پوڄا جو گهڻو مهتو رهيو آهي. سن
جي شهر سيوهڻ جو اڳوڻو نالو شِوَ اِستان چيو ويندو آهي. شِوَ ڀڳوا
اِن شِوِ اِستان ۾ واسو ڪندو هو اهڙي مڃتا بہ آهي. همالي
ڪانسواءِ سيوهڻ بہ شِوَ شڪتي جي نواس جو هنڌ ليکيو ويندو آهي

پيرومل لکيو آهي تہ رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سا
گڏجي چوڏهن ورهيہ بنواس ڀوڳڻ نڪتو هو تڏهن انهيءَ عرصي
۾ هنگلاج بہ ويو هو. ڪراچي ڳاڏي کاتي جو هڪ ڀاڱو اڄ تائين
’رام باغ‘ سڏجي ٿو. اُتي اصل هڪ باغ هو. جنهن ۾ هيءَ ٽيله
اَچي ٽڪي هئي. اُهو باغ تلاوَ جي نزديڪ هو. اجتائين اِهو راماس
سڏجي ٿو. رامچندر کياماڙيءَ طرف هڪ ٽڪر جي غار
ايڪانت ۾ گذاريندو هو. اِهو اڄ تائين ’رام جهروکو‘ سڏجي ٿو

کڇ جي ڏٽياٽي

آشاپورا ماتا

ڪڇ جي اولهہ ۾ ڀڄ کان لکپت جي رستي تي آشاپورا مٺ نالي آستان آهي. نہ صرف ڪڇ جا لوڪ پر سموري سوراشٽر ۽ ڪڇ جا، خاص راجپوت، لوهاڻا، آهر، رٻاري، پرواڙ ۽ ٻين جاتين جا لوڪ هتي لڳندڙ ميلي وقت ۽ شخصي مڃيتائون ۽ باسون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪُند ڪُند کان پيري پنڌ هن آستان جي ياترا تي ويندا آهن. هن آستان جو واسطو سنڌ سان بہ رهيو آهي.

هن آستان جي اِستاپنا جون الڳ الڳ ڪٿائون آهن.

هڪ ڪٿا موجب ڏيڍ هزار کن سال اڳہ ديوچند نالي هڪ مارواڙي واڻيو واپار ڪندي هن جڳهہ تي اچي پهتو هو. ماتا جا نوراتري جا ڏينهن هئڻ سبب هو هتي روڪجي پيو ۽ ماتا جي پوجا ڪئي. هوُ سُکي ماڻهو هو. صرف سنتان جي کوٽ هئس. ماتا پرسن ٿي ڪري کيس سپني ۾ چيو تہ هن جڳهہ تي تون هڪ مندر جوڙاءِ. هن جا دروازا ڇهہ مهنا بند رکج. ڇهن مهنن بعد مان اچي تنهنجي منوڪامنا پوري ڪندس. صبح جو اک کلندي ديوچند ڏٺو تہ هڪ ناريل ۽ چوندڙي (چُنري) پيا هئا. هن اُتي مندر جوڙايو.

پنجن مهنن بعد هڪ سنڌيا جو مندر جي اندران غيبي راڳ ۽ جهنڪار جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اڻ تڻ وچان ديوچند دروازو کوليو. آواز غائب ٿي ويو. اندر هڪ مورتي اِستاپت ٿي چُڪي هئي. پر ها اڌوري هئي، پير ڪونہ هئا. ديوچند مورتيءَ کي پرڻام ڪيو. تنهنجي تکڙ جي معافي ورتي. ماتا کيس معاف ڪندي سنتان

سونمياڻيءَ نديءَ کي تنهن وقت سون ماڪشڪ چيو ويندو هو
چندر ڪوپ شنڪر جو روُپ ليکيو ويندو آهي. ڪالي ماتا آسٿان
بعد هوُ مهامايا هنگلاج تي پهتا، هنگلاج جي پوڄا ڪري ڪيس
پرسن ڪيو. رامچندر اُتي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي سوريہ ۽
چندر جا نشان اَنڪت ڪيا. رامچندر اُتي جتي وشرام ڪيو اُهـ
جڳهہ رام جهروڪا چئي ويندي آهي. گرو گورکناٿ جي هنگلاج
ياترا جون بہ ڪيتريون ڪٿائون آهن. گرونانڪ، ميڪرڻ، شاهـ
لطيف جي ياترا جا بہ تاريخي ۽ ادبي حوالا ملن ٿا.

لس ٻيلي جا مسلم ڄام حاڪم اصل ۾ هندو هئا. هنگلاج
جا پوڄاري هئا. ’ڪڇ جا هنگورا‘ چوائيندڙ مسلمان بہ هنگلاج
جا پوڄاري رهيا. عام طور مسلمان هنگلاج کي ناني ڪوٺيندا
آهن ۽ پوڄيندا آهن.

جوڙايو هوندو.

آشاپورا جو آستان هنگلاج ويندي رستي تي اچي ٿو ته مارواڙ جي رٺوجا نذديڪ جتي رامديو پير جو استان آهي، ان کان ٿورو پريرو، پوڪرڻ ۾ به آشاپورا جو آستان آهي.

ڪڇ جي تاريخ نويس رشبروڪ وليم ’ڏ بليڪ هلس‘ ۾ هن نموني ڪٿا ڏني آهي :

جام موڙ جي هڪ پُٽ کي ماتا سپني ۾ ٻڌايو ته تلاءَ جي ڪناري ڪيس اناج جا ڪي اَنمول داڻا ملندا ۽ ناريل ملندو اُتي هن جو آستان آهي. حاڪم ٻن وڻشيه ياڻرن کي اُها جڳهه ڳولهڻ لاءِ موڪليو. هنن اِها جڳهه ڳولهي لڌي ۽ مندر جوڙايو. ڪين مندر ڇهه مهنا بند رکڻ جي هدايت هئي. پر غيبي سنگيت جو آواز ٻُڌي هڪ ياڻُ دروازو کولي ڇڏيو. ماتا جي مورت اَڌوري رهجي ويئي.

وليم جي ڏنل ڪٿا جو ڪو بنياد نظر نٿو اچي. ديوچند واري ڪٿا جو بدليل روُپ ٿو لڳي. اَگر اَجو ۽ اَٽاگور مندر جوڙايو آهي ته هوُ اصل سنڌ جا هئا ۽ جام ڦول سان ڪڇ ۾ آيا هئا. اُن حساب سان ٻن سنڌي واپارين مندر جوڙايو هو.

ٽئين ڪٿا کي اِتهاسڪ وزن ملي ٿو. ڪڇ جي ودوان ڪوجنڪ رامسنگهه راٺور صرف اِن ٽيئن مڃتا جي ئي تصديق ڪئي آهي. هو لکي ٿو، اُنڙ جو پُٽ نگر سمئيا جي گاديءَ تي آيو. گهملي فتح ڪري، سنڌ واپس ورندي هوُ ڪڇ ۾ ترسيو هو. رات جو ڪيس سپني ۾ ماتا هنگلاج درشن ڏنس ۽ چيائينس ته تنهنجي آشا پوري ٿي آهي، صبح جو توکي هڪ مورتيءَ جو درشن ٿيندو، اُن جي اِستاپنا ڪري پوجا ڪري. صبح جو بامنيءَ کي (ٻانيٽيو) جا گورا پٽ وٽ مورتي ملي. هن ان جڳهه تي ان جي اِستاپنا ڪرائي. سندن آشا پوري ٿي هئي. آستان جو نالو آشاپورا ماتا ٿيو.

آشاپورا هنگلاج جو روُپ ليکي ويندي آهي. هنگلاج جي ياترا ڪنن هئڻ سبب هنگلاج جي روُپ ۾ آشاپورا جي ياترا ڪئي

جو وردان ڏنو.

هي آستان سنتان پراپتيءَ لاءِ پوِتر ليکيو ويو. ديوچند جي
ونش جا ماهيشوري واڻيا (جين) ليکيا ويا. مارواڙ جا کيتر
ماهيشوري جين هتي اَچي وسيا. هوُ جين سمپردايہ جا هوندي ب
آشاپورا ماتا کي ڪُلديوي ڪري مڃيندا آهن. سنتان پراپتيءَ جي
ديوچند جي آشا پوري ڪرڻ سبب هن آستان جو نالو آشاپورا پيو

ٻي ڪٿا موجب لاکو ڦولاڻيءَ جي پيءُ ڄام ڦول جا ٻہ خاص
ڪارياري هئا- اَجو ۽ اڻاگور. هنن ٻنهي وڻشيہ ڀائرن آشاپورا جو
مندر جوڙايو هو.

ياد رهي تہ ڄام ڦول جي پالنا سنڌ ۾ ٿي هئي. سندس
پاليندڙ ماءُ اَجو ۽ اڻاگور وٽ چاڪري ڪندي هئي. هي ٻئي ڀائر
سنڌ جي دلوُراءِ جا ڪارياري هئا. دلوُراءِ جي مدد سان ڄام ڦول
ڪڇ جو پنهنجو راڄ واپس هٿ ڪيو هو. اَجو ۽ اڻاگور هن سان
گڏ ڪڇ آيا هئا.

ٽين ڪٿا موجب سنڌ جي نگر سمئيا جي ڄام اُنڙ ڪانياواڙ
جي گھمليءَ جي جيٺوا مٿان حملو ڪيو هو پر ناڪامياب رهيو هو.
نراش ٿي هو واپس آيو هو. سندس پُٽ ڄام بانيڻي گھمليءَ مٿان
حملو ڪري سندس ناش ڪيو هو. سنڌ واپس موٽندي هو هن جڳھ
تي ڪڇ ۾ ترسيو هو. رات جو کيس هنگلاج ماتا درشن ڏنو. هتي
مندر جوڙائڻ لاءِ آگيا ڪئي. ماتا جي آگيا موجب بانيڻي مندر
جوڙايو. سندس پيءُ اُنڙ جي گھمليءَ تي جيت پائڻ جي جيڪا
آشا هئي اُها ماتا پوري ڪئي هئي. اُن سبب هُن ان آستان جو
نالو رکيو هو 'آشاپورا'.

'جئہ آشاپورا' ۾ ماڌو جوشيءَ جي راءِ موجب آشاپورا جي مڃتا
هنن ٽنهي ڪٿائن کان بہ قديم اڳاٽي رهي آهي. سڪند پراڻ جي
هڪ سلوڪ جو حوالو ڏيندي هن لکيو آهي تہ برهمڻن آشاپورا مندر
جي اِستاپنا ڪئي هوندي، ديوچند وغيره مرامت ڪرائي نئين سر

اُڏيرولعل - جهوليلعل

اڪثر سنڌي تاريخ نويسن جي لکڻ موجب ٺٽي جو ظلمي حاڪم مرکہ شاهہ، هندن کي اِسلام ۾ آڻڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺو هو. هندن سنڌوءَ جي ڪناري پرماتما کي وينتي ڪئي، آڪاشوائي ٿي. نصرپور ۾ راءِ رتنچند جي گهر ٻالڪ اُڏيري لعل جنم ورتو. هن هندو ڌرم جي رکيا ڪئي. ڪين مرکہ جي ظلم مان نجات ڏياري، مرکہ کي بہ سبق سيکاريو. هو پلي تي سوار ٿي پر گهٽ ٿيو هو. نيزو کوڙي ڪبڙ جو وڻ ۽ جل پيدا ڪيو. اُتي جيڪو آستان ٺهيو سو پنهنجي سوٽ پڳر ٺڪر کي سونپي پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي انترڌيان ٿي ويو. هن هنگلاج جي ياترا ڪئي هئي. سنبت ١٠٠٧ چيٽي چنڊ جي ڏينهن هن اوتار ڌريو هو ۽ بڊي جي سڏي چوڏس سنبت ١٠٢٠ ڏينهن انترڌيان ٿي ويو. (جنم سن ٥١-٩٥٠ع انتر ڌيان سن ٩٦٣ع)

يعني سندس عمر صرف ١٢-١٣ سال هئي. جنهن دوران هن ڌرم بچائڻ، سبق سيکارڻ، اُپديش ڏيڻ، ياترا ڪرڻ، آستان برپا ڪرڻ، ڪرامتون ڏيکارڻ جا ڪاريہ ڪيا.

ٿوري ڦيرڦار سان نہ صرف ڌرمي ڪتابن ۽ جيون ساکين ۾ پر تاريخي سنڌي گرنٿن ۾ بہ آسڻا ۽ تاريخ جي هيءُ اَهم گهٽنا اڪثر دهرائجندي رهي آهي.

’سنڌ جي هندن جي تاريخ‘ ۾ اينٿونہ جو حوالو ڏيندي ڀيرومل مهرچند لکيو آهي تہ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو ۽ حاڪم سما گهراڻي جو مرکب خان هو ۽ شايد جام رائدان هو. (سن ١٤٥٤) تنهن وقت سيد يوسف الدين قادري اِسلام جي پرچار

ويندي آهي.

جام بامني سنڌ جي سمو هو. سما هنگلاج جا پوڄاري هئا
ڪڇ جا ڄاڙيجا حاڪم بہ سنڌ جا سما هئا. ڪڇ جا لوهاڻا، آهر ۽
ٻيون جاتيون بہ هنگلاج جا پوڄاري رهيا آهن. 'آشاپورا ڪڇ واسين
جي ماتا'، ڪڇ جي ڏٽياڻي ليکي ويئي ۽ ليکي وڃي ٿي.

مانگهہ، چيٽ، آکاڙ ۽ اَسو مهني جي ايڪم ڏينهن کان
نوراتري شروع ٿيندي آهي، سال ۾ چار دفعا نوراتري جو ميلو لڳندو
آهي، ۽ ماتا جيءَ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. گجرات پر جا لکها
ماڻهو پيري پنڌ ياترا تي ويندا آهن. هن آستان جا پوڄاري ڪاپڙي
ساڌو هوندا آهن. ميڪرڻ هن مٺ ۾ ٿي بيک ورتو هو. شاهہ لطيف
هن ڪاپڙي پرمپرا جي ساڌن جي ساراهہ جا ڍڪ پريا آهن.

تائين سمئيا سنڌ مٿان لاکو ڦلاڻي جو راڄ هو. سندس بهادريءَ جون لوڪ ڪٿائون اڄ به ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ٻڌيون ۽ لکيون وڃن ٿيون. سندس پُٽ ڄام اُنڙ بعد، سنبت ٩٩١ ۾ سندس پوٽو ڄام سمو پيو گاديءَ تي هو. هوُ ايترو ته بهادُر هو جو خراسان جي حاڪم نصيرودين سنڌ مٿان چڙهائي ڪئي ته کيس ٽوٽا چٻائي هڪالي ڪڍيو هو. سنبت ١٠٤١ تائين هن سنڌ جي گادي نگر سمئيا تان راڄ ڪيو. ان بعد به سمن جو راڄ هئڻ جا حوالا ملن ٿا. سنبت ٩٥٦ کان سنبت ١٠٤١ تائين جڏهن ٻه بهادر حاڪم سنڌ جي نگر سمئيا نٽي جي ايراضيءَ جا حاڪم هئڻ جا اِتهاسڪ حوالا موجود آهن، تڏهن اِن وچ ۾ سنبت ١٠٠٧ ۾ مرکه نالي ڪو مسلم حاڪم ٿيو هجي ۽ سوبه نٽي ۾ ته اِها ڪٿا وڏيڪ کوج لاءِ آماده ٿي ڪري.

’سنڌو سپيتا‘ ۾ مهراج دوارڪا پرساد شرما لکيو آهي: سنڌي پنهنجي امرلال تي جائز اَيمان ڪري سگهن ٿا. جنهن ظلم جي پاڙ پٽڻ لاءِ وقت جي ظالم حاڪمن سان خونخوار چوٽون کائيندي نيٺ کين نيچو نوائي ڌرم جي اِستاپنا ڪئي. رڳو گهٽتائي اُها آهي جو سنڌ واسين پنهنجي هن ’ويرپُرش‘ جي ويرتا ڀريل ڪارنامن کي اِتهاسڪ رنگ ڏيڻ بدران شرڌالو ڀڳتن جي اثر هيٺ اچي رڳو سندس ڪرامتون جي پنجڪڙن ڳائڻ ۾ ئي پنهنجو شان سمجهيو ۽ انهن جي بي سمجهه سبب اسان جو امر اُڏيرولال، دُنيا جي اڳيان اِتهاسڪ وير پُرش نه بلڪ هڪ اولياءُ يا ڪرامتي اوتار جي صورت ۾ پيش ٿيو آهي.

ليلارام رُچنداڻيءَ ’اُڏيرولال‘ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته سندس خيالي تصوير ۾ سندس عمر ستر-اسي ورهين کان به مٿي پيئي لڳي.. (ٻارهن سالن جي ٻالڪ صورت جي تصوير نه)... اُڏيرولال جو جنم سنبت ١٠٠٧ ۾ ٿيل چيو وڃي ٿو، پر اُن کان پوءِ جي شاعرن شاهه سچل ساميءَ جي شعرن ۾ ان جو ڪوبه ذڪر ڪونهي. جيتوڻيڪ ٻين ڌرمي آستانن هنگلاج، دوارڪا ۽ درياهه جي پوڄا جا ذڪر آهن، پر اُڏيرولال جو نه.

لاءِ نَنِّي ۾ آيو. نَنِّي جو حاڪم سيد جو مريد ٿيو تہ سيٺ ماڻڪجي
پٽن ۽ لهاڻن جي ست سو آکهين سميت اِسلام اختيار ڪيو اِنهي
وقت سنڌ ۽ هين لهاڻن درياہ شاہ کي پُڪاريو.

سنبت ١٠٠٧ (سن ٩٥٠-٩٥١) ۾ نَنِّي جي حاڪم مرکہ ش
هندن کي زوريءَ مُسلمان ٿي ڪيو تہ سندن رکيا لاءِ شري ا
اُڏيري لال صاحب اوتار ڌريو هو. ساڳيءَ ريت هن ڀيري بہ (يعني
سن ١۴٥۴ ۾ بہ) ورڻ ديوتا اَچي ساڻن سهاءِ ٿيو جنهن ڪري هي
هندن جو بچاءُ ٿي ويو.

هن لکٺي موجب، ڌرم جي بچاءُ لاءِ اُڏيري لال سن ٩٥٠
١۴٥۴ع ۾ بہ دفع اوتار ڌارڻ ڪيو هو.

ڀيرومل 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ لکيو آهي : نَنِّي جي
حاڪم مرکہ شاہ هندن کي زوريءَ مُسلمان ٿي ڪيو تہ هنن دريا
شاہ کي پُڪاريو. سنبت ١٠٠٧ ۾ چيٽي چنڊ شُڪروار جي ڏينهن
نصرپور جي رتني نالي ٺائيبند جي گهر اُڏيري لال جنم ورتو
اُڏيري لال جي درگاہ جا مجاور مسلمان آهن ۽ کيس 'شيخ طاهر
ڪري ڪوٺين ٿا. هوُ زنده پير بہ ڪوٺجي ٿو.

آستا ڀريل هنن ڏند ڪٿائن جي حوالن ٻُنيان ٿي سگهي ٿو
اِتهاس جون ڪي ڪڙيون لکل هُجن پر اِتهاس ۾ سنبت ١٠٠٧
سن ٩٥٠ع يا اُن جي آسپاس، نَنِّي ۾ مرکہ نالي ڪو مسلم حاڪ
ٿيڻ جو ثبوت ملي نہ سگهيو آهي. نہ صرف ايترو پر نَنِّي جي
ايراضيءَ ۾ اِن عرصي ۾ ڪنهن مسلم حاڪم ظلم ڪيو هُجي
اِها اَڻ ٿيڻي گهٽنا ٿي لڳي. ان جا ڪي سبب آهن:

سن ٧١١-٧١٢ ۾ عربن جي حملي بعد بہ ۽ سنڌ جي
مرڪزي ستا ٽٽڻ جي باوجود بہ سنڌ مٿان مڪاني حاڪمن جي
حڪومت رهي هئي. سمن ۽ سومرن گهڻو پوءِ مسلم ڌرم اختيا
ڪيو هو. اِن کان اڳہ هوُ هندو ڌرم ۽ سنڌ جا رکوالا ٻڻيا رهيا هئ
سمن برپا ڪيل ۽ سمن جي لاڳيتي راڄ سبب، ٺٽو ۽ آس پاس
ايراضي اڳ نگر سمئيا نالي مشهور هئي. سنبت ٩٥٦ کان ٨٦

سبب ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽليءَ هن ڪٿا کي ’نيم تاريخي گهٽنا ۽ ڪرامتي ڏند ڪٿا‘ سڏيو آهي. اِتهاس جي ضرور ڪا گهٽنا يا انش سمايل هوندو. دريالال جي پوڄا سنڌين کان سواءِ ٻيون قومون به ڪنديون آهن. گُجرات ۾ رهندڙ لهاڻا به درياهلال جا پوڄاري رهيا آهن. گجرات ۾ وسندڙ لهاڻا وقت به وقت سنڌ مان لڏي ڪري اَچي گُجرات ۾ وسيل آهن. اُڏيرلال جي اوتار بابت سندن ڪٿائون به سنڌي ڪٿائن سان مشابهت ٿيون رکن. پر ڌرم بچائڻ جي جنهن گهٽنا سبب هندن پوڄا ڪئي ۽ اُڏيرلال اَوتار ڌارڻ ڪيو، ان گهٽنا جو تورو بدليل پر سمورو احوال گجراتي ڪٿائن مان ملي سگهيو آهي.

’جسراج سنڌ نو سوريه‘ جي ليکڪ پريمجي والجيءَ جي راءِ موجب اُڏيرولال ۽ جسراج هم عمر هئا. (جسراج ٻارهين صديءَ ۾ ٿي ويو هو) وسنجي چترڀج ٺڪر جي راءِ موجب اُڏيرولال ١٢٥٤ع ڌاري جنم ورتو هو.

هنن ڏنل ڪٿائن موجب ٺٽي جي ويجهو ايراضيءَ تي راءِ داماجيءَ جو راڄ هو پر ٺٽي تي قبضو مسلم حاڪم مرکہ جو هو. جنهن کي ’تاريخ مسوُتيءَ‘ راءِ ڏن سڏيو آهي يا مکربخان لکيو آهي. هو اِسلام ڦهلائڻ جي ڪاروائي ڪرڻ لڳو. ڪيترا هندو لڏي راءِ داماجيءَ جي ايراضي ۾ وڃي رهيا. مرک جي راڄ ۾ هندو سيٺ ماڻڪجي هو. هوُ لهاڻن جي چوراسي برادرين جو مُکي هو. دڙڪي داٻ لالچ سان هو مسلمان ٿيو. سندس ٻه پُٽ ۽ ست سو آکيون به مسلمان ٿيا. راءِ داماجيءَ جا ٻه صلاحڪار هئا سارنگہ ڌر شاستري ۽ رتن راءِ. شاستري بهادُر ۽ ودوان هو ۽ رتن راءِ خزانچي. ٻنهي گڏجي لوڪ سنگهٽن ڪيو. سندس ٻيا ساٿي هئا- ڪوي دسرٿ ٻاروٺ ۽ مينگهومل. رتنراءِ جي گهر ۾ نصرپور جي لهاڻن جو ميڙ ٿيو، مرک آخرين نامو موڪليو هو، سندس وزير آهيو، نصرپور ۾ اَچي وارد ٿيو. هندن ڏمڪيءَ کان نہ ڊڄي ڪري مقابلي جو فيصلو ڪيو. اوچتو سنڌو نديءَ ۾ گرجنا ٿي ۽ پلي

ليلارام وڏيڪ لکي ٿو تہ ’سن ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي محمد قاسم جي موت ڪان پوءِ سنڌي لوڪن عربن سان لڙايون ڪري سنڌ جو ڪافي حصو عربن ڪان ڇني ورتو هو. خليفن جي نائبن جي هٿ رُڳو ڪراچي ضلع جي لاڙ وارو ڀاڱو وڃي رهيو هو انهن عربن جي حڪومت بہ ٧١١ع ڪان ٧٥٠ع تائين چاليهہ سال مس هلي. ايتري قدر جو سن ٩٩٦ع ڌاري الور، امرڪوٽ نگرپارڪر تي مارواڙ جي راجپوُتن جو قبضو ٿي ويو هو....محمد بن قاسم ڪان پوءِ سنڌ ۾ ڪٽي بہ مسلم حڪومت تمام طاقت واري نہ هئي. ڏهين صديءَ ۾ ئي راجپوُتن زور وٺڻ شروع ڪيو. اَهڙين حالتن هيٺ ڪو مسلم نواب ظلم ڪري اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ نـ تي اَچي ٺٽي جي حاڪم جو مُقابلو ڪرڻ لاءِ سوين ميل دوُر نصرپوُ ۾ اُڏيرولال جنم وٺي ٿو ۽ اُن جو مندر ٺنڊي آدم، نوابشاه جي ويجهو اُڏيرلال جي ڳوٺ ۾ ٺهي ۽ ٺٽي ۾ خود ڪويادگار نہ هجي سا عجيب ڳالهہ ڇئجي ... سنڌ جي اِتهاس تي ڪيترن ئي سنڌي ودوانن قلم هلايو آهي پر ڪنهن بہ تاريخ نويس اُڏيرلال تي ڪُجهہ ٿوس روشني نہ وڌي آهي.‘

مٿي دوارڪا پرساد شرما، اُڏيرولال لاءِ ’وير پُرش‘ اَکر ڪم آندو آهي. سنڌ ۾ مسلم حڪومت دوران، هندن مٿان ظلم ٿيند رهيو هو. ٿي سگهي ٿو ڪنهن وقت اِن ظلم خلاف سنڌ جي ڪنهن وير پُرش بغاوت ڪڙي ڪئي هجي. نوجوانن جو لشڪر ٺاهي گهوڙي تي چڙهي هن ظالم حاڪم مٿان ڪاه ڪئي هجي. سنڌ ڪي سمنڊ جو ڪنارو رهيو آهي تہ سنڌو ندي بہ. بحري واپار ۾ سنڌي ماهر هئا. ٿي سگهي ٿو ڪي اَهڙيون ٻيڙيون ٺاهيون ويون هجن جيڪي اَڄ جي سبمرين جيان پاڻيءَ جي اَندر ترنديون پوءِ ڪناري تي پرگهٽ ٿيون هجن. ان وير پرش اُڏيري لال پلي آڪا جي سبمرين ۾ سوار ٿي لشڪر سميت اوچتو ڪناري تي پر گهٽ ٿي ڪري ظالم حاڪم ڪي ٿوٽا ڇبايا هجن ۽ اوچتو ٻيڙيءَ مان پر گهٽ ٿيڻ جي گهٽنا کي چمتڪار طور ڪنيو ويو هجي. شايد ان

پهتو، واپس سنڌ ۾ پنهنجي ڳوٺ جهيجهن ۾ آيو. هن سڄي هنڌ اَمن ۽ اَنسانيت جو پرچار ڪيو ۽ آخر ۾ سنڌو نديءَ ۾ اَنترڌيان ٿي ويو.

گُجراتي ليکڪ نارائڻ وسنجي ٺڪر 'دريالال' ۽ هرويائي ٺڪر 'لهاڻارتن ديپ' نالي ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ بہ اُڏيريلعل جي جيونيءَ تي روشني وڌل آهي.

هنن لکيل ڪٿا موجب لهاڻا ٺڪر ديوپاس جي ونش ۾ داماجي ۽ لاکاجي ٻہ ڀائر هئا. لاکاجي ڪاٺياواڙ جي جوڙيا شهر ۾ رهيو، داماجيءَ ڀڄ وسايو. ڀڄ مان ڪوٽيشور بندر ۽ ٺٽي نگر سان سندن واپار هلندڙ هو. داماجيءَ جو پٽ ماٽڪجي ڀڄ جو نگر سيٺ بڻيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ مٿان احمداباد جي احمدشاه جي حڪومت هئي. هن جو سنڌ جو نائب هو مڪبرخان، جنهن کي مرک شاه چيو ويندو هو. سندس وزير هو ايوب خان. هن کي آهيا چيو ويندو هو. مرک ماٽڪجيءَ کي ٺٽي جو نگر سيٺ مقرر ڪيو. ماٽڪجي ٺٽي ۾ رهڻ لڳو. تنهن وقت بغداد مان پير عبدل شاه هسني دين جي پرچار لاءِ آيل هو. ماٽڪجيءَ جا پٽ سندس پرچار ۾ اَچي ويا. ماٽجڪيءَ جا ٽہ پُٽ ۽ ٻيا ڇهہ لهاڻا مسلمان ٿيا. سندرجيءَ جو نالو آدم، هنسراج جو احمد ۽ روجيءَ جو محمد رکيو ويو. سنڌ ۾ هاهاڪار مچي ويو. ماٽڪجيءَ جي ڪٽنب جو هندن بهشڪار ڪيو. ڪڇ ۽ سنڌ ۾ لهاڻن جون پنچائتون وينيون. ماٽڪجيءَ کي حقي پاٽيءَ تان لاٿو ويو. مرک کي خبر پوندي هن هندن مٿان ظلم شروع ڪيو ۽ ڏهن ڏينهن اَندر مسلمان ٿيڻ جو آخرين نامو ڏنو. لهاڻا اڳوان ٽوڪمل، اَڏنمل، نندمل، ململ ٺڪر، گرورتنيشور ۽ برهمڻ پُورا جوشي سڀ سنڌو نديءَ تي گڏ ٿيا. اَن جل جو تياڳ ڪري ٽن ڏينهن نائين وروڻ ديوتا جي پوڄا ڪئي. چوٿئين ڏينهن آڪاشواڻي ٿي تہ نصرپور جي رتنراءِ جي گهر ديوڪيءَ جي ڳ

جهڙي صورت واري ٻيڙيءَ ۾ هڪ جوان ايندو ڏٺائون. هن وز
کي چيو ته هفتي اَندر ساڻس ملاقات ڪبي، ظلم جو اَنت ايند
جوان غائب ٿي ويو. اُهو جوان هو رتنراءِ ٺڪر جو پُٽ اُديه چند
اُڏيرولال. اُديه چند کي برهمڻ وٽ وديا حاصل ڪرڻ لاءِ موڪل
ويو هو. هوُ نيتي شاستر، راجنيتي ۽ شستر وديا ۾ ماهر هو. ه
پين جوانن کي فوجي ڍنگ سان سکيا به ڀئي ڏني ته ڌرم جو رنؤ
به پريائين. هو ماهر گهوڙيسوار هو. مقابلي جون تياريون ڪر
هو درياهه ۽ ميداني فوج وٺي ٺٽي پهتو. اوچتو هن محل تي حم
ڪيو، مرک ڏڪي ويو، اُڏيرلال کيس تعصب ڇڏي نيتيءَ سا
راڄ ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ جيئن اوچتو حملو ڪري آيو هو، تيئ
غائب ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن تي مرک وزيرن ۽ مولوين جو ميڙ ڪوٺايو. هن
سختي ڪرڻ جي صلاح ڏني، ٺٽي جا هندو ڏڪي ويا ۽ سن
ڪناري گڏ ٿيا. هنن لڏپلاڻ جو اِرادو ڪيو. اُتي اُڏيرولال ۽ سندس
سورما ساٿي اَچي ويا، هنن کين آٿت ڏنو ۽ بچاءُ به. هندن مرک
سان لڙڻ جي ڪمر ڪسي.

مرک کي خبر پوندي هن اُڏيري جي سئنا تي حملو ڪر
جو حڪم ڏنو. هندن جهوليلال جو نعرو هڻي مقابلو ڪيو. اُڏير
جي ٻاڻن سان مرک جي لشڪر جا ڍير ڍرا ٿي ويا. پنهنجن ماڻه
کي نديءَ جي ٻئي طرف سلامت رکي اُڏيري نديءَ ۾ گها
هڻايو. ڏوڪيندڙ پاڻيءَ سبب ٺٽي ۾ هاهاڪار مچي ويو. مرک
جو محل ٻُڏڻ لڳو. مرک آڻ مڃي، صلح ڪيو. گهارو بند ڪ
ويو. مرک ۽ سندس ماڻهو سُڌري ويا ۽ اُڏيري جا پوئلڳ
بڻجي ويا.

راءِ ڏاماجيءَ کي هن ڪاميابيءَ جي خبر پيئي ته هن هن
مومن کان زمين وٺي مندر ٺهرايو. اُهو مومن ۽ سندس زال چيلا ٿ
رهيا. اُڏيرولال پنهنجي سوٽ پگڙ ٺڪر کي وٺي لوڪ ڪلياڻ
نڪري پيو. ڪڇ ڪاٺياواڙ ويو. اُتان راجستان مان ٿي پنجاب

اُڏيريلال جي اِستوتيءَ ۾ نوراترين ۾ جيئن ماتاجيءَ جا گربا ڳايا ويندا آهن تيئن اَڏيريلال جا گربا بہ ڳايا ويندا آهن.

आज आनंद अपरंपार छे रे
अमरलाल नो अवतार धरे रे

مٿئين گربي ۾ اُڏيرولال لاءِ اُڏيرو، جهوليلعل، امرلعل، دريالعل، لعل سائين، زنده پير، جيوتي وارا وغيره سنڌين جيان سنبوڌن ڪيل آهن. نصرپور، رتنراءِ ۽ ديوڪي نالا ڪم آندل آهن ساڳئي وقت گربي ۾ جنم جو سنبت ١١٠٧ جاڻايل آهي.

اُڏيريلال جي اُتسو ۽ ميلي سان سنڌيءَ ۾ 'هو-جمالو' اَکر بہ جڙيل رهيو آهي.

ڪڇ سوراشٽر جي لوڪ ساهتيہ ۾ بہ 'هو-جمالو' جا گيت ملن ٿا. گجرات لوڪ ساهتيہ مالا (ڀاڱو-١٢) جو هي ڪڇي لوڪ گيت :

हो जमालो रे बेली, हो जमालो
असीं माडु कच्छ जा, हो जमालो
कारा डुंगर कच्छ जा, हो जमालो
मीठा माडु कच्छ जा, हु जमालो.

● ● ●

رپ مان، مان جنم وٺندس. چيٽي چنڊ جي ڏينهن ورُڻ ديو
جنم ورتو، جنم وٺندي ئي هن چمتڪار ڏيکارڻ شروع ڪيا
مرک کي سبق سيکاريو.

هن ڪٿا ۾ سنڌي ڪٿائن ۾ ڪيتريون سمانتائون نظر اچ
ٿيون. پر هن ڪٿا ۾ ٺٽي شهر جو ذڪر اچي ٿو. ٺٽي شهر س
۱۵۴۹ع برپا ڪيو ويو هو. اِن موجب هيءَ گهڻنا سورهين صدي
يان پوءِ جي ٿي سگهي ٿي، پر احمدشاهه پندرهن صديءَ ۾ ٿ
ويو هو. انجي ڪال جي لحاظ کان هن ڪٿا ۾ به تضاد ٿا نظ
اچن.

مٿي ذڪر اچي ٿو تہ سن ۱۴۵۴ع ۾ سنڌ جو حاڪم مرڪ
خان هو ۽ هو گجرات جي سلطان احمدشاهه جو نائب هو. 'گجرا
نو راجڪيہ اَني سانسڪرتڪ اِتهاس' گرنٿ ۾ گجرات جي ه
مڪمل ۽ مقبول اِتهاس مان بہ گُجرات جي ڪنهن سلطان جي
نائب جي حيثيت ۾ مڪرب خان نالي سنڌ جو حاڪم هئڻ ج
ڪو حوالو ملي نہ سگهيو آهي.

ڪڇ، سوراشٽر ۽ سموري گجرات ۾ سنڌين جيان چيٽي چن
جو ڏينهن نئين سال طور ملهايو ويندو آهي. صديون اَڳہ سنڌ ما
اچي وسيل ۽ هاڻي گجراتي ٿي ويل لهاڻا، ڀاٽيا، ڀاٽسالي ۽ سمن
ڪناري رهندڙ جاتيون درياهه لال، درياهه شاهه، درياهه پير نالي ه
ڏڻ ملهائيندا آهن. سنڌين جيان ڪيترن گُجراتي لهاڻن جي
ه‍رن ۾ بہ جهوليلعل جون تصويرون نظر ايندون آهن. ڪڇ
خاص طور سوراشٽر جي ڪيترن هنڌن تي بہ سو چار سو سال پُرا
دريالال جا مندر بہ آهن. ورهاڱي بعد سنڌين پنهنجا مندر جوڙا
آهن اُهي الڳ، گجراتين جوڙيل مندرن ۾ بہ اَکنڊ جوت جلندي
رهندي آهي ۽ جهوليلعل جي تصوير يا پتلو رکيل هوندو آهي
موربي، مولي، چوٽيلا، جوڙيا، ٻالمبا وغيره ايراضين ۾ لهيا
صديون پراڻن مندر ۾ چيٽي چنڊ ڏينهن ميلا بہ لڳندا آهن

سنڌ ۾ راءِ گهراڻيءَ کان اڳ سن ٦١٢ع ۾ راڻا شولال نالي راجا هوندو هو. سندس راڄ نگر ٺٽي کان برهمڻ آباد ۽ لس ٻيلي تائين ڦهليل هو. محمد-بن-قاسم جي حملي وقت سنڌ ۾ برهمڻ آباد ۾ آڪشيہ نالي لوهاڻا راجا جي حڪومت هئي. ڏاهر جي هار بعد سنڌ مان برهمڻ گهراڻي جي راڄ جو انت آيو پر لوهاڻن جو راڄ قائم رهيو هو. سن ٧٩٠ع ۾ لوهاڻا راڻا انوپپال ايترو تہ طاقتورهو جو پر ڏيهي حملاخورن جي مٿان حملو ڪري ڪين شڪست ڏيئي قابل پيهر لوهاڻن جي قبضي ڪري ورتو هو ۽ نالو ڦيرائي اصلوڪو نالو ڪپيشا رکيو هو. سن ١٠٤٨ع راڻا وڇراج جي گذري وڃڻ بعد جشراج گادي سنڀالي. تنهن وقت پنجاب سنڌ جو اولهہ اُتر ڀاڱو ۽ مُلتان لوهاڻن جي زير سايع هو.

تن ڏينهن ۾ چنگيزخان ڀارت مٿان حملو ڪيو ۽ لٽمار ڪئي. لٽمار ۽ قتل عام ڪندو هو سنڌ طرف اڳتي وڌيو. سنڌو ندي پار ڪري هن ملتان مٿان حملو ڪيو. جشراج لوهڳڙھ ۾ هئو. حملي جي ڄاڻ ملندي سيناپتي سنڌوُديو سان گڏ لشڪر وٺي مقابلو ڪرڻ لاءِ هو ملتان طرف ويو. چنگيزخان ملتان جي قلع تائين پهتو هو تنهن وقت ئي جشراج ۽ سنڌو ديو بہ ملتان پهچي ويا. هنن چنگيزخان کي للڪاريو. جشراج هڪڙي ئي تير سان چنگيزخان جي مٿي جو تاج ڪيرائي ڇڏيو. اُن للڪار تي چنگيزخان جشراج مٿان ڀالي سان حملو ڪيو. جشراج اُهو گهاءُ بچائي پنهنجي ڀالي سان چنگيزخان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو هو. تاريخ جي هڪ خونخوار لٽيري کي سنڌ جي سرزمين تي هڪ سنڌي سوريہ راجا ختم ڪري ڇڏيو هو.

چنگيز جهڙي بهادُر ۽ خطرناڪ حملاور جو خاتمو ٿيندي آسپاس جي مسلم حاڪمن ۾ ڌڪاءُ ڦهلجي ويو. تاتار غزني ۽ ٻين مسلم حاڪمن گڏجي لوهاڻن جو زور ٽوڙڻ لاءِ جشراج کي ختم ڪرڻ جا گهاٽ گهڙيا.

جشراج جي شادي ٿيڻي هئي. منڊپ ۾ اتسو ملهائجي رهيو هو. موقعي جو فائدو وٺي تنهن وقت مسلم حاڪمن جشراج جي راڄ

دادا جشراج

ورهاڱي بعد سنڌ مان هند ۾ لڏي آيل سنڌي سماج
گهڻائي لوهاڻن جي آهي. اِن سبب سنڌي اڪثر لوهاڻا ليکيا ويند
آهن. تاريخي دور ۾ الڳ الڳ وقت تي ٿيل لڏپلاڻن دوران لوها
پنجاب گُجرات ۽ ٻين پرانتن ۾ به ڦهليل آهن. ڪڇ گُجرات ج
لوهاڻا پاڻ کي اَصل سنڌ جا وطني سڏائڻ جي باوجود سنڌ جي
آخرين هندو حاڪم طور دادا جشراج کي مڃيندا آهن ۽ ڪيس
اِشٽديو ڪري به ليکيندا آهن. اِهو برابر آهي ته سن ٧١٢ع ۾
ڏاهرسين جي هار بعد سنڌ مان هندن جي مرڪزي ستا ٽُٽي چُڪي
هئي. پر پوءِ به هندو حاڪمن جون خود مختيار حڪومتون جاري
رهيون هيون. گهڻو پوءِ سمن ۽ سُومرن جي حڪومت رهي هئي. پ
اُهي دهلي سلطنت کي ڏن ڏيندڙ طعبيدار حڪومتون هيون. جڏهن
ڪِ يارهن صديءَ تائين هندوُ راجا دادا جشراج جي سنڌ مٿان خو
مختيار حڪومت قائم رهي هئي. اُن سبب ئي گُجرات جا لوهاڻ
۽ تاريخ نويس ليکڪ سنڌ جي پوئين هندو راجا طور دادا جشرا
کي تاريخ ۾ اهميت ڏيندا رهيا آهن. لوهاڻا سوريه ونشي رگهوڪل
يعني رامچندر جي ونش جا ڪتريه آهن. پنجاب سنڌ مٿان ۽ ا
سموري ايراضيءَ مٿان لوهاڻا جو راڄ هو ۽ عربن جي حملن تائين
بعد ۾ يارهن صديءَ تائين گهٽ وڌ ايراضيءَ تي هنن جو راڄ قائ
رهيو هو. سن ٦٨٠ع ۾ عربن گنڌار تي حملو ڪيو ۽ فتح حاصل
ڪري راجڌاني ڪپيشا جو نالو ڦيرائي قابل رکيو هو بعد لوهاڻ
ڪنڌهار جي ڏکڻ ۽ ملتان جي اُتر ايراضيءَ ۾ پنجاب ۾ لوه ڳڙ
قلع جوڙايو هو. اِها ايراضي اڳ ۾ لوهاڻن جي زيرسايع هئي
اُتي تڪششلا نالي وديا ڌام هوندو هو. هن لوهڳڙه ۾ راڻا وسُپال
جو راڄ هو.

ماتنگ ديو

سنڌ ۾ ميگهوال وَنش ۾ ماتنگ ديو جو جنم ٿيو هو.
سنڌ ۾ جام لاکي ڏارا جو راڄ هو. تن ڏينهن ۾ سنڌ جي روُم
شال نالي ڳوٺ ۾ هڪ سارسوت برهمڻ رهندو هو. جوتش، منتر-
نتر وديا ۾ هو ماهر هو. هن اِن وديا تي گرنٿ لکيا هئا. ان
رهمڻ کي چار پُٽ هئا. سندس موت بعد ڀائرن جو پاڻ ۾
گرنٿ تان جهڳڙو متو. گرنٿن جي ورهاست ناممڪن هئي. هر
گرنٿ جو حوالو ٻين گرنٿن سان جڙيل هو. ان سبب مڪمل وديا
جي ڄاڻ لاءِ سڀني گرنٿن جي گڏيل اهميت هئي. اَگر ڀائر
گرنٿ ورهائي کڻن تہ اڌوري وديا جو اِمڪان هو. اِن سبب ڀائرن
اري وٽيءَ تي گرنٿن مٿان پهرو ڏيڻ شروع ڪيو. هڪ ڀاءُ
نهنجي پهري وقت گرنٿ کڻي ڀڄي نڪتو، ڄاڻڻ بعد ٻين
ائرن سندس پيڇو ڪيو.

ڀڄي نڪتل ڀاءُ سنڌ جي منگڙا ڳوٺ ۾ پهتو، پيڇو ڪندڙ
ي ڀائر بہ اُتي پهچي چُڪا هئا. اُنهن کي ڏسي ڀو جو ماريو
و اڇوُتن جي بستيءَ ۾ هليو ويو. هڪ اڇوُت جي گهر ۾ هن
سرو ورتو. ايتري ۾ پيڇو ڪندڙ بہ اچي پهتا. جهوپڙيءَ ۾ لڪڻ
ي ڪا جڳهہ ڪانہ هئي. اڇوُت جي ڪنواري ڌيءَ سُمهي پيئي
ئي. اڇوُت کيس اِن بستري تي سُمهي پوڻ لاءِ چيس : جيئن
ي پيڇو ڪندڙ ڀائرن اَچي پُڇا ڪئي تہ اڇوُت جواب ڏنو،
تي ڪوبہ آيل ڪونهي، هي سُمهيل شخص تہ منهنجو نائي
هي. ڌيءَ ۽ نائي بستري تي سمهيل آهن. رات جي وِڳڙي ۾
ن جواب تي وشواس رکي ٽئي ڀائر موٽي ويا. صبح جو ڀڄي

ڪرم سنگهہ کي صوبيدار مقرر ڪيو.

مسلم حاڪمن جا ڍڍر ڍرا ٿي ويا. هاڻ هنن ڪنهن بہ حالت ۾ جشراج جي وڌندڙ طاقت ختم ڪرڻ جو سٽ سٽيو. جشراج جي شاديءَ جي موقعي تي ڳائيون ڀچارائي منڊپ ۾ ويس بدلائي دوکي سان پٺيءَ تي وار ڪري هنن تاريخ ٢٢ جنوري ١٠٥٨ع ڏينهن جشراج جو خون ڪرايو. جشراج جي عمر صرف ٢٦ سال هئي.

جشراج جي سيناپتي سنڌو ديو جو اَصل نالو سُڌير مهراج هيو. سندس بهادُريءَ سبب کيس سنڌو ديو جو لقب ڏنو ويو هو. سندس پيءُ جو نالو وشنوپرساد شرما هيو ۽ هو سارسوت برهمڻ هو. سنڌ جو ڪوئٽيا جو وطني هو.

جشراج جي موت بعد سنڌي سرحد پرانت مان هندن جي طاقت ختم ٿي ويئي. لوهاڻن جي لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. جشراج تائين لوهراڻا لوهاڻا کتري هئا. هنن راڄ ماڻيو ۽ کتري ڌرم اپنائيندي جنگيون جوٽيندا رهيا. ان بعد هنن هٿيار ڇڏي ڏنا. سنڌ ۽ پنجاب ۾ ٽڙي پکڙي ويا. کڇ ۽ اِن بعد سوراشٽر طرف بہ هلي ويا. هوُ ڌنڌي واپار ۾ پئجي ويا. ٿرپارڪر جا سوڍا بہ سوريہ ونشي لوهراڻا آهن. ٿرپارڪر ۾ هنن پنهنجون جاگيريون سنڀالي رکيون. اُهي سوڍا کتري راجپوُت ٿي بڻجي رهيا. ٻيا لوهاڻا وئشيہ بڻجي ويا.

ڪُجهہ عرصو بعد ان برهمڻ جي پتني گرڀوتي بڻي. ويم وقت برهمڻ پل گهڙين جو حساب ڪيو تہ کيس لڳو تہ ڪنهن مقرر وقت ٻار جو جنم ٿيڻ سان اِهو ٻالڪ مهاپرش بڻجي سگهندو. اِن سبب هن پتنيءَ جي پيٽ تي هڪ ڏورو تنگ ڪري ٻڌي ڇڏيو. جوڳي وقت تي هن اُهو ڏورو ڇوڙي ڇڏيو. اِهو ٻالڪ ماءُ جي پيٽان تنگ. ڏورو ڇٽڻ بعد ڄائو هو. ان سبب سندس نالو 'ماتنگہ' رکيو ويو.

'يدوُ ونش پرڪاش' موجب سنڌ مٿان ڪابل جي سُلطان حملو ڪيو هو ۽ لاکي منتر جي شڪتيءَ سان کيس شڪست ڏني هئي. لاکا ڏارا ان برهمڻ کي ديوتا جو درجو ڏيندي چيو هو تہ هن ڪانپوءِ منهنجا سُما ونش جا پويان بہ تنهنجي ونش کي ديوتا ڪري ليکيندا. اُن تي لاکي جي راڻي گوهل راجڪُماريءَ برهمڻ کي اهڙو وردان ڏيڻ لاءِ چيو تہ سندس پُٽ اُنڙ گاديءَ جو وارث بڻجي. برهمڻ شرط وڌس تہ اَگر سندس ۽ سندس ونش هٿان راڄ تلڪ ڏيارڻ جو رواج قائم ڪيو وڃي تہ هوُ اهڙو وردان ڏيندو. راڻيءَ شرط قبول ڪيو. ان بعد سما ۽ جاڙيجا راجائن جي اِها روايت رهي آهي تہ راڄ گديءَ تي وهندي هوُ ميگهوال شخص کان راڄ تلڪ ڪرائيندا آهن.

لاکي ڏاري جي سنڌ مٿان سنبت ٩٥٦ کان ٩٨٦ تائين حڪومت رهي هئي. (سن. ٩٠٠-٩٣٠)

ماتنگہ ڪيتي واڙي ڪندو هو ۽ پيءُ وٽان جوتش شاستر جو گيان حاصل ڪيو هو. هوُ اروڻاچل پرديش، آسام تائين ياترا تي ويو هو ۽ چين ديش بہ تي آيو هو. هن ٻن ڪنيائن سان وواهہ رچايو هو. کيس موٽڊ ديو ۽ لڻنگہ ديو نالي ٻہ پُٽ هئا.

ڪڇ سنڌ ۽ ڪانياواڙ ۾ ميگهوالن سان ٻُرو وهنوار ڪيو ويندو هو. هوُ اڇوت ليکيا ويندا هئا. ماتنگہ سڀ هنڌ صحيح ڌرم جو پرچار شروع ڪيو ۽ ڇوُت ڇات جي هن وهنوار خلاف آواز اُٿاريو. ڪڇ جي پڌر ايراضيءَ جي حاڪم آسپت واگهيلا جي

نڪتل برهمڻ موڪلائڻ چاهيو، پر اڇوُت چيس تہ هاڻ تون نڪ
وڃي سگهين. منهنجي ڌيءَ سان هڪ بستري تي تون سمهي
آهين ۽ توکي سندس پتيءَ طور ڄاڻايو آهي. منهنجي ڌيءَ هاڻ
ٻئي جي پتني ٿي نہ ٿي سگهي. توکي کيس پتنيءَ طور قبولڻ
پوندو. لاچار بڻجي اُهو برهمڻ، اڇوت جو نائي بڻجي اُتي
ئي رهيو.

ڪُجهہ عرصي بعد، پنهنجي روزي روٽي ڪمائڻ لاءِ پتنيءَ
کي وٺي هوُ سنڌ جي راڄڌاني نگر سُمئيا (ٺٽو) هليو ويو.

تنهن وقت سنڌ مٿان لڙائيءَ جا بادل ڇانئجي رهيا هئا
گوهلواڙ (ڀاونگر) جي راجڪُماريءَ جو مڱڻو قنوج جي راجا سان
ٿيو هو. پر راجڪُماريءَ پنهنجي مرضيءَ سان سنڌ جي راجا لاک
سان وواهه رچايو هو. قنوج جي راجا وير وٺڻ لاءِ غزنيءَ جي سلطان
کي نينڊ ڏني. غزنيءَ کي سنڌ مٿان خار هئا. سنڌ جي ڄام
نرپت غزنيءَ جي فروزشاه کي شڪست ڏيئي، غزنيءَ واپس سنڌ
جي قبضي ڪئي هئي. سنڌ ۽ غزنيءَ وچ ۾ دشمني هلندڙ هئي
هي موقعو ملندي غزنيءَ جي سلطان، وڏي لشڪر سان سنڌ مٿان
حملو ڪيو.

هن برهمڻ کي اِهو معلوم ٿيندي هوُ حاڪم لاکا سان وڃي
مليو. کيس پنهنجي وديا کان واقف ڪرايو ۽ کيس وڃہ ينتر تيار
ڪري ڏنو. لڙائيءَ ۾ سنڌ جي ننڍي لشڪر سلطان جي شاهي
لشڪر مٿان سوڀ حاصل ڪئي. سلطان ڀڄي نڪتو. اِن گهٽنا
بابت هڪ دوهو آهي.

धुरारे जी धूरसे भडें पअे भंगाण,
नगर समै जे जाम के, नमें शाह सुलतान ।

هن سوڀ بعد ڄام لاکي اُن برهمڻ کي دربار ۾ گهرايو ۽
سندس سموري حقيقت معلوم ڪئي. کيس سالياني ٻڌي ڏنو ۽
'برهمڻ ديو - ديوتا' طور درجو عنايت ڪيو.

جاگيردار يڪمُشت ٿي ويا. ٿرپارڪر جي ڏيپلي ڳوٺ ۾ ابڙو جيئاڻيءَ وٽ سڀ گڏ ٿيا. سنڌ جي هنن ننڍن حاڪمن يڪمُشت ٿي ڪري سومناٿ ٽوڙڻ جو بدلو وٺڻ جو نشچيہ ڪيو. سڀني گڏجي ماتنگ. ديو کان بہ مدد گهري. پويشيہ جاڻيندڙ ماتنگہ ديو کي پنهنجو موت نزديڪ نظر ايندي بہ هن لڙائيءَ ۾ لشڪر سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو. حيدرخان ڪڇ لتاڙي سنڌ ۾ پهتو. ٿرپارڪر جي ابڙي جيئاڻيءَ جي مهنتداريءَ هيٺ سنڌي راجپوُتن جو لشڪر تيار بيٺو هو. سنبت ۱۰۹۳ جي چيٽ مهني ۾ اِها لڙائي لڳي. ماتنگ. ديو پنهنجي پُٽ لٽنگ. ديو کي بہ نياپو موڪلي گهرائي ورتو هو. اُماس ڏينهن شروع ٿيل لڙائي ٽہ ڏينهن هلي. چوٿين ڏينهن ويساکہ جي آکا ٽيجڙيءَ ڏينهن مسلم لشڪر جي بارود سامهون، راجپوُتن جون تلوارون پالا شڪست کائڻ لڳا. جام رائگهڻ پڇڻ لڳو. اَبڙو جيئاڻي کيس پڇڻ کان روڪڻ لاءِ هن کي سمجهائي رهيو هو، تہ ان ڳالهہ جو فائدو وٺي حيدر سندس پُٺيان گهاءُ ڪري کيس ماري ڇڏيو. راجپوُت لشڪر ۾ ڦڙڦوٽ مچي ويئي. ماتنگ ديو لشڪر جون واڳون سنڀاليون پر حيدرخان ترت ئي سندس مٿان حملو ڪري ماتنگہ ديو کي ماري ڇڏيو. سنڌ جي راجپوُتن جي شڪست ٿي.

جيت جي نشي ۾ حيدرخان اجا ٿورو اڳتي وڌيو مس تہ کيس ٻيو مقابلو ڪرڻو پيو.

پتا ماتنگہ ديو جو نياپو ملندي لٽنگہ ديو ڪڇ مان سنڌ طرف هليو. رستي تان سما سومرا راجپوت ۽ ميگهوال بهادرن کي گڏ ڪندو نندي لشڪر سميت هو اچي ٿرپارڪر پهتو تہ سامهون کان ئي حيدرخان جي لشڪر سان اچي ٽڪريو.

حيدرخان ماتنگہ ديو کي ماري وڌو هو، اِهو جاڻي هن حيدرخان کي جنگہ لاءِ للڪاريو. اِن نندي جنگہ ۾ لٽنگہ ديو جي پالي حيدرخان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. ڪيترو مسلم لشڪر مري ويو يا پڇي ويو. سومناٿ مندر جو اپمان ڪرڻ ۽ ٽوڙڻ جو

ظلم خلاف بہ هن آواز اُٿاريو. آسپٽ سپاهين سميت سندس مٿا
حملو ڪري ڪيس مارائڻ چاهيو تہ ماتنگہ پنهنجي چمتڪار
شڪتيءَ سان سندس خاتمو ڪري ڇڏيو هو.

سنڌ ۾ مسلمانن جو زور وڌي رهيو هو. اِسلام جو پرچ
ڪري خاص طور هيٺئين طبقي ڪيءَ ميگهوالن کي مسلما
بڻائڻ جو پرچار هلي رهيو هو. ڪڇ جي واگهيلا جو خاتمو ڪر
ماتنگ سنڌ ۾ پنهنجي ڳوٺ وڳوڪوٽ ۾ آيو. پُٽ لٽنگہ ديو سا
گڏ هن ڌرم پرچار شروع ڪيو. ميگهوالن کي مُسلم ٿيڻ کا
روڪيو. سنڌ ۾ لاکو ڌرارا جي هندو راجپوٽ جي حڪومت هئي
اِن سبب غزنيءَ سميت سپني مسلمان حاڪمن گڏجي ڪر
لاکي کي شڪست ڏيڻ جو منصوبو ڪيو هو. لاکو بهادُر هو. هو
مٿان هنگلاج ماتا جي ڪرپا هئي. پر مسلمانن جي گڏيل شاهي
لشڪر سامهون لاکي جو لشڪر محدود هو. هڪ راءِ موجب ماتنگ
ديو جي چمتڪار سان لاکي جي جيت ٿي. لاکي بعد جام اُنڙ
گادي نشين ٿيو. اُنڙ جو پُٽ جام سمو پيو گادي نشين ٿيو
سنبت ۹۹۱ خراسان جي نصرودين حملو ڪيو. سُمي ڪيس
شڪست ڏنيءَ سنبت ۱۰۴۱ تائين راڄ ڪيو. ان بع ماتنگہ دي
ڪٽنب سميت ٿرپارڪر جي ڏيپلا ڳوٺ هليو ويو. اُتي اُبڙ
جيئاڻيءَ جي حڪومت هئي. ماتنگہ جي پُٽ لٽنگہ ديو جي
پتني گرپوتي هئي، ڪيس ڪڇ ۾ پُٽ جائو جنهنجو نالو ماتڱ
ديو رکيو ويو.

محمد غزنويءَ هندستان مٿان حملو ڪري سومناٿ مند
ٽوڙيوءَ لٽ مار ڪئي. لُٽ جو مال ڪٺي هوُ پاٽڻ (ويراوَل) کا
سمنڊ رستي غزنيءَ روانو ٿي ويو. سيناپتي حيدرخان کي
باقي لشڪر سوڌو سنڌ ڪڇ جي رستي کان واپس اچڻ جي
هدايت ڪئي.

سومناٿ جو مندر ٽڻڻ ۽ حيدرخان جو هن رستي تان واپس
ورڻ جو احوال جاڻي سنڌ جا ننڍا ننڍا راجپوٽ حاڪم ۽ رجوا

زمين دوز ٿي ويو. (سنبت ١١٣٠)

اِن بعد سندس پُٽ ماتنگ ديو ميگهوال سماج جي اڳواڻي ورتي. راجپوتن ۽ ٻين هندن ۾ هن ڌرم جو پرچار شروع ڪيو. ڪڇ جا سما راجائون سندس عزت ڪندا هئا. سنڌ ۾ هندن مٿان ظلم وڌڻ سبب، هن هندن کي لڏي ڪڇ وسائڻ جي پريرڻا ڏني ۽ ساڳئي وقت ڪڇ جي راجائن کان کين وسائڻ لاءِ سهوليتون ۽ سلامتي ميسر ڪرائي ڏنيون.

هن ٻه شاديون ڪيون هيون. هڪ پتني کترياڻي هيس ۽ هڪ ميگهوال. کترياڻيءَ جي پيٽان ٿيل پُٽ جو نالو هيس موَن ۽ ميگهوال ڪنيا جي ڪکُ مان ڄاوَل پٽ جو نالو هيس مامئه ديو.

هي اُهوئي مامئه ديو آهي جنهن جا سنڌي ساهتيه ۾ مامُوئي فقير نالي سان پويشيه واڻيءَ جا ست بيت ميسر هئڻ جو ذڪر ملي ٿو ۽ اَوائلي سنڌي ساهتيه جو خزانو ليکيو وڃي ٿو.

●●●

سنڌي راجپوُتن بدلو ورتو پر اِن ۾ ماتنگہ جو ہليدان ب
شامل هو.

تاريخ ٦ جنوري ١٠٢٦ع سومناٿ مندر ٽوڙيو ويو هو. ڪڇ
۽ سنڌ جي رستي کان سندس لشڪر واپس موٽيو هو. جتي ڪيس
مقابلا ڪرڻا پيا هئا ۽ بيحد نقصان سهڻو پيو هو.

گُجرات نوراجيہ اِتهاس مان اِن حقيقت کي پشٽي ملي ٿي
تہ غزنويءَ کي سومناٿ ٽوڙڻ بعد واپس موٽندي ڪڇ ۽ سنڌ جي
سوروِيرن ڪيس ٽوٽا ڇپايا هئا ۽ سومناٿ ٽوڙڻ جو بدلو ورتو هو
ان اِتهاس ۾ ساڳئي وقت اِهو بہ ذڪر ڪيل آهي تہ سومناٿ کان
واپس موٽندي هندن جو بادشاه پرم ديو، غزنويءَ جو رستو روڪي
بيٺو هو. اِن سبب ڪڇ ۽ سنڌ ۾ سندس لشڪر جي حالت خست
ڪئي ويئي هئي. اِهو پرم ديو ڪير هو سو پڪ سان چئي نٿو
سگهجي. ماتنگہ پراڻ ۾ اِهو صاف لکيل آهي تہ غزنويءَ جو لشڪر
واپس موٽڻ وقت، سنڌ ۽ ڪڇ جي سرزمين تي سنڌي سوروِيرن
لشڪر جو مقابلو ڪيو هو، سندس تباهي آندي هئي ۽ سپهہ سالار
جو بہ خاتمو آندو هو. اِنهن سنڌي سوروِيرن جي اڳواڻي ماتنگہ
ديو ڪئي هئي. پر جيئن تہ ماتنگہ ديو ڪو سياسي اڳوان يا
حاڪم ڪونہ هيو، اِتهاس ۾ اِن گهٽنا سان سندس نالو جُڙي نہ
سگهيوآهي، پر صرف ڪنهن 'پرم ديو' جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

غزنوي لشڪر جي سپہ سالار حيدرخان جو خاتمو ڪري ۽
سندس لشڪر کي پڇائي ڪڍڻ بعد ماتنگہ ديو جو پٽ لٽنگہ ديو،
پتني ۽ پٽ ماتنگہ ديو سان گڏ سنڌ جي ٽرٽي ڍنڍ تي اچي رهيو.
مسلمانن جي زور وٺڻ سبب سما، سومرا ۽ ميگهوال ڌرم بدلائي
رهيا هئا. لٽنگہ ڏيو هاڻ اڳواڻي ورتي ۽ ڌرم بدلائڻ جي اِن
هلچل سامهون آواز اُٿاريو. هن هندو ڌرم جي پرچار ڪاريہ شروع
ڪيو ۽ هندن کي ڌرم نہ بدلائڻ لاءِ سمجهائڻ جي ۽ همٿ ڏيڻ
جي ڪوشش ڪئي. سنڌ ۾ فساد ٿيڻ لڳا. مسلمانن جي ظلم جو
مقابلو ڪندي لٽنگہ ديو بہ شهيد ٿي ويو. سنڌ جو ڳوٺ ٽرٽي

ڪتابن ۾ مامئه ديوجي اِها ڪٿا وستار سان ڏنل آهي، جنهن جو سِنڌ سنڌ سان رهيو آهي.

اِنهن ڪٿائن موجب مامئہ ديو سنڌ جو هو ۽ سنڌ جي نگر سمئيا مان سن ۱۲۰۰ ۾ ڪڇ جي لاکيارويار جي حاڪم جام رائڌڻ وٽ ويو هو. رائڌڻ مامئہ کي پنهنجن ڇهني پٽن کي آشيرواد ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو هو. مامئہ کيس ’چارئي ڪُمار جام ٿيندا‘ اهڙي آشيرواد ڏني هئي. ڪڇ جا اَهير راجپوت جاڙيجائن سان دُشمني رکي ويٺا هئا. مامئہ جي آشيرواد سان اَهيرن جي هار ٿي ۽ ڪڇ جي اِها جيتيل ايراضي موڙ پير کي ڏيئي مامئہ جهوناڳڙه ويو. راکينگار چوٿون مامئہ جو متر هو. مامئہ جهوناڳڙه ۾ چڱو عرصو رهي پيو. هڪ ڏينهن شترنج راند کندي مامئہ جي شرير ۾ جڻ بجلي گهمي ويئي ۽ سندس شرير ڏڪي اُٿيو. مامئہ چيو ’مونکي مارينڊڙ جو نگر سمئيا ۾ جنم ٿي چُڪو آهي، مونکي هاڻ هُن وٽ وڃڻ گهرجي.‘

راکينگار عجب کائي چيس، ’اوهان سما ونش جا ديوتا آهيو، ڪو سمو اوهان کي ڪيئن ماريندو؟

مامئہ چيس، ’ڀاوي پربل آهي، اهو مٽيا ٿي نٿو سگهي. مونکي سامهون کان اُن وٽ وڃڻ گهرجي.‘ جهوناڳڙه کان سنڌ ويندي رستي ۾ گهمليءَ جي جيٺوا حاڪم کي هن اطلاح ڏنو تہ، جام اُنڙ جو پُٽ جام بانيٺيو گهمليءَ جو ناس ڪرڻ اچڻو آهي.

اتان هو ڪڇ جي وڙسر ۾ جام ابڙو وٽ پهتو. (هي اُهو ابڙو آهي جنهن سنڌ جي سومرين جي عزت جي رکيا خاطر قُرباني ڏني هئي.) ابڙي جو هڪ لنگهو سيوڪ هو. هن مامئہ جي ڪرامت جي پرکيا ڪرڻ خاطر ٻليءَ جو ماس رڌي مامئہ کي کائڻ لاءِ ڏنو. مامئہ پرکي ويو. هن ٿاليءَ جو ڇنڊو ٿاليءَ مٿان هنيو تہ ٿاليءَ مان جيئري ٻلي اُٿي نڪتي، سڀ تپرس ۾ پئجي ويا. مامئہ ناراض ٿي ڪري ابڙي کي چيو تہ تون ٻلي

مامئہ-مامُوئي فقير

سنڌيءَ ۾ مامئہ‌ديو يا مامُوئيءَ جو ذڪر هيل تائين عدم
موجود رهيو هو، سواءِ سندس ستن بيتن جي ذڪر جي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڀيرومل مهرچند لکيو آهي تہ
سمن جي گهراڻي جو حاڪم ڄام تماچي اڄ تائين مشهور آهي.
سندس وقت ۾ ستن فقيرن ڪي اڳہ ڪٿيون شعر ۾ ڪيون هيون.
سندن ڇيل بيت اڄ تائين موجود آهن. اهي 'مامُوئي' فقيرن
جا بيت سڏجن ٿا. هسٽري آف سنڌي لٽريچر ۾ پروفيسر
لعلسنگهہ اجواڻي ۽ ٻين تاريخ نويسن بہ ساڳي ڳالهہ
دهرائي آهي.

'سنڌ جو سئلانيءَ ۾' سندن وڏيڪ ڄاڻ ڏيندي لکيو آهي
تہ 'مائي مڪلي ۽ بلڙي ٻئي پاڻ ۾ ڀينرون ڇوڻ ۾ اچن ٿيون.
هنن جا ست ڀائر هئا جي مامُوئي فقير سڏجن ٿا. بعد گهوگهو
۽ نانگ جي ڪٿا جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ ست ڀائر هئا
جن کي ڪرامت سبب غيب جي خبر پين ۽ اڳ ڪٿيون
ڪرڻ لڳا.

'سنڌي لوڪ ڪٿائون' ۾ ليلارام رُچنداڻيءَ گوگو جي ساڳي
ڪٿا جو ذڪر ڪندي مامئہ ديوجي ڪڇي ڪٿا جو بہ ٿوري ۾
ذڪر ڪيو آهي تہ مامئہ ديو، ماتنگہ جي تيرهين پيڙهي هو.
هن ڪيترا چمتڪار ڏيکاري ڄام نندي‌ءَ کي بہ چمتڪار
ڏيکاريو، جنهن کيس ماري ڇڏيو.

'ڪڇ پرديش نولوڪ ساهتيہ'، 'ڪڇ ديش جي جهوني
وارتائون'، 'ڪڇ ڪلاڌر'، 'ڪڇڙو ڪامڻگارو' ۽ ٻين ڪيترن

هئا. هندن مامئہ ديو کي واپس آيل ڏسي گهيري ورتو. پر مامئہ کين صاف صلاح ڏني تہ سنڌ ۾ ڌرم جي رکيا نہ ٿي سگهندي. بهتر آهي لڏي ڪري ڪڇ هليا وڃو. تنهن وقت سنڌ مان جهجي تعداد ۾ لڏپلاڻ ٿي. هندو لڏي ڪري ڪڇ هليا ويا.

مامئہ ديو اِهو بہ محسوس ڪيو تہ خود ڄام بہ مسلمانن جي اثر ۾ آهي. هن پلي ڌرم نہ بدلايو هو پر مسلمانن کي ڌرم بدلائڻ جي پرچار کان روڪيو بہ ڪونہ هو ۽ هندن کي سلامتي بہ ميسر نہ ڪئي هئي.

مامئہ ديو سنڌ جي ڳوٺن جو دورو شروع ڪيو. هتي ڌرم جو پرچار ڪرڻ جو مطلب ڪونہ هو، ڌرم بچائڻ جو مطلب هو. ڌرم بچائڻ لاءِ ڳوٺ ڳوٺ مان هن لڏپلاڻ شروع ڪرائي، نتيجي طور مُسلم ڌرم کي اَنگيڪار ڪرڻ وارن جي سنکيا گهٽجي ويئي. ان ڳالهہ تي، مُلان ۽ مولوين بکيڙو ڪڙو ڪيو. هنن ڄام وٽ وڃي مامئہ جي خلاف شڪايت ڪئي. ڄام نياپو موڪلي مامئہ کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو.

مامئہ ديو نگر سمئيا پهچڻ جو ڄاڻي ڄام جي ماءُ اصلڪيءَ کيس شان مان سان محل ۾ گهرائڻ جي ڄٽ کي هدايت ڪئي. ڄام بہ کيس عزت سان دربار ۾ گهرايو. پاءُ پيڻ پاڻ ۾ ملي خوش ٿيا. مڪليءَ بہ واقفيت ڪرائيندي ڄٽ کي چيو تہ هي تنهنجو مامو آهي، ودوان گياني آهي، کيس عزت ۽ شان مان سان رهائج. ماءُ جي هدايت موجب ڄام مامئہ کي عزت مان سان رکيو، پر سندس اندر ۾ خار هئا.

ڪيترا ڏينهن گذري وڃڻ بعد هڪ ڏينهن مامئہ کي اُداس ڏسي ملڪيءَ پاءُ کان اُداسي جو سبب پڇيو، پر مامئہ کلي ڪري ڳالهہ کي ٽاري ڇڏيو. کيس پرون پئجي ويا هئا تہ اَڄ سندس آخرين ڏينهن آهي.

ان ڏينهن ڄام مامئہ کي خاص نينڊ ڏيئي دربار ۾ وٺي ويو. دربار سموري پريل هئي ۽ گنپيرتا ڇانيل هئي. مامئہ کي

بهادُر آهين پر تو پنهنجي اردگرد هلڪن ماڻهن کي رکيو آهي
تو وٽ مهتا (وزير يا صلاحڪار) ميندرا يا چارٽا ڪونهن، تڏهن
لنگهي جهڙا ڪن لڳا اٿئي. ان سبب تنهنجي ناستي ٿيندي
ڪڇ جي الڳہ الڳہ حاڪمن وٽان ٿيندو، ڪيترا چمتڪار ڏيکاريند
حب پهاڙ جي رستي کان ڪيترن سالن بعد هو سنڌ جي نگ
سمئيا اَچي پهتو. نگر سمئيا جو حاڪم هو ڄام نندا. نندا جي
ماءُ کي مامئہ ڌرم جي پيڻ ڪيو هو. ان سبب نندا مامئہ کي
مامو ڪري ڪوٺيندو هو. ياد رهي تہ سنڌ جي ڄام لاکي ڪڇ
وڃي گادي برپا ڪئي هئي ۽ سنڌ جي سُمن جي ڪڇ ۾ جاڙيجا
نالي حڪومت شروع ٿي هئي. ان ڄام لاکي جي پُٽ رائگهڻ جي
حڪومت وقت مامئہ سنڌ مان ڪڇ ويو هو.

سنڌي لوڪ ڪٿائن ۾ مائي مڪليءَ جي ڪهاڻي آهي تہ
مڪليءَ جا ست پائر هئا، جيڪي ماموئي فقير چوائبا هئ
پرماتنگہ پراڻ موجب مائي مڪلي مامئہ جي پيڻ هئي، اِها ڪ
هن طرح آهي :

نگر سمئيا جو حاڪم هو ڄام اُنڙ. جي پٽنيءَ جو نالو ه
مڪلي. مڪليءَ مامئہ کي ڌرم جو ڀاءُ ڪيو هو. کيس اولاد ڪون
هو. هڪ دفعو هن اِهو ڏُک ظاهر ڪندي مامئہ کي اولاد لا
آشيراواد ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو. تنهي ڪالن جي ڄاڻون مامئہ سندس
اڳلي جنم جا ڪرم ڏسندي چيس تہ توکي اولاد ٿيڻو ڪونهي
اِهو ٻُڌي مڪلي روئڻ لڳي ۽ بيحد ڏُک محسوس ڪيو. مامئ
پيڻ جو ڏُک سهي نہ سگهيو. هن آسيس ڪيس تہ توکي پُٽ
ٿيندو. سنتان نہ ٿيڻ جو تنهنجو وگهن دور ٿيندو پر اهو سنتان
منهنجي موت جو ڪارڻ بڻجندو.

ان مڪليءَ جو پُٽ هو نندا، جنهن مامئہ ديو جو خاتمو ڪي
هو. مامئہ ديو ڪيترن سالن بعد سنڌ واپس پهتو هو. سنڌ جون
حالتون ڪافي بدلجي چُڪيون هيون. سنڌ جو چڱو حصو مُسلمانن
جي قبضي ۾ چُڪو هو. گهڻا هندو ڌرم بدلائي مُسلمان ٿي چُڪ

جا پيد پين کي ڏيکاري ڪمزوريون ظاهر ڪري سگهي ٿو، هن تلوار سان ماماڻه جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. ماماڻه جو سر ٿالهہ ۾ وجهي ڪريو. پر رت جوهڪ ٽيپو بہ ڪونہ هو. دربار ۾ هاهاڪار مچي ويو.

ماماڻه جي پيڻ مڪليءَ کي خبر پوندي دربار ۾ اچي ورلاپ ڪرڻ لڳي. پُٽ جام مٿان پنڪو سنڪو ڪيو ۽ ماماڻه جي وردان سان سندس جنم ٿيو هو اِهو راز بہ ظاهر ڪيو. ان هنيا سبب جام بہ پڇتاءُ ظاهر ڪيو.

هوڏانهن ماماڻه ديو پنهنجي روحاني شڪتيءَ سان پنهنجي چئن پٽن کي حقيقت کان واقف ڪرايو، سندس چار پُٽ متيہ ديو، پاڳونت ديو، مالڻ ديو ۽ لالڻ ديو نگر سمئيا اچڻ لاءِ روانا ٿي ويا. يوڳي پرش ماماڻه ديو يوڳہ وديا سان پنهنجو ساهہ روڪي رکيو. هن ٿالهيءَ مان پنهنجو سر هٿ ۾ کڻي رکيو ۽ ڌرم جو اُپديش ڏيڻ سان ڳڏ کي اڳڪٿيون ڪيون. ساڍن ٽن ڏينهن بعد ماماڻه پنهنجو سر هٿ ۾ کڻي، ٽئي ۾ آيل مڪلي ٽڪرين جي نگر سمئيا جي مڪلي شمشان ڀوميءَ طرف هليو. اُتي سندس چئني پٽن سندس انتيم ڪرياڪرم ڪيو. نوي سالن جي عمر ۾ ويساک مهني جي اونداهي چوٿ سنبت ١٣١١ ڏينهن ماماڻه پويان ساهہ ڪنيا.

ڪڇ جي لوڪ ڪٿاڪارن هيءَ ڳهٽنا ماتنگ پراڻ کان ٿورو الڳدي نموني چيون آهن. هنن سيني نگر سمئيا جو حاڪم جام نندا جو ذڪر ڪيو آهي ۽ دهليءَ جي بادشاهہ جو ڪو نالو نہ ڏنو آهي.

ڪڇ جي لوڪ ڪٿائن موجب جام کي ماماڻه پنهنجن پيرن تي بهاريو ۽ اکيون بند ڪري نظارو ڏسڻ لاءِ چيو. نندا کي دهليءَ جي بادشاهہ جي زنان خاني جو نظارو نظر آيو. هڪ حوض ۾ بيگمون اُگهاڙيون ٿي سنان ڪري رهيون هيون. هڪ بي حد سهڻي بيگم نندا مٿان موهت ٿي وئي. نندا مٿان ڪام سوار ٿي

لڳو تہ ضرور ڪنهن خاص ڳالهہ تي بحث ٿيڻو آهي. درٻار شرو
ڪندي ڄام پنهنجي مامي مامئہ کي چيو تہ توهان خلاف را
کي ڪافي شڪايتون پهتل آهن. منهنجي ئي راڄ ۾ جنتا ڪ
پڙڪائي کين سنڌ ڇڏي، لڏي وڃڻ لاءِ پرچار ڪري رهيا آهيو
نتيجي طور راڄ جي رعيت گهٽجندي ٿي وڃي.

مامئہ صاف جواب ڏنو تہ حڪومت عام جنتا کي سلامتي
ميسر ڪري ڏيڻ ۾ ناڪامياب رهي آهي. هڪ ڌرم گروءَ ناتي
رعيت جو ڌرم بچائڻ منهنجو فرض آهي ۽ اُن سبب کين ڌرم
جي رکيا خاطر ڪچ هليو وڃڻ لاءِ هدايت ڪئي آهي، اهو ڪ
گناه ڪونهي.

ڄام کي اهڃان لڳو تہ راڄ سلامتي ڏيڻ ۾ ناڪامياب رهي
آهي اهڙو الزام راڄ مٿان تهمت سمان آهي. پر مامئہ صاف چيس
تہ سنڌ جو ڪيترو آدم مسلمان بڻجي ويو آهي، اِها تنهنجي
حڪومت جي ناڪاميابي ئي آهي.

ڄام بچاءُ ڪندي چيو تہ مسلمان سيد ۽ مولوي ڪارناما
چمتڪار ڏيکاري عام جنتا تي پنهنجو اَثر ڄمائن ٿا ۽ ان اث
هيٺ هوُ ڌرم بدلائن ٿا. اِهو هنن جو علم اهي، قابليت آهي
هندو ڌرم گُرو اِئين نٿا ڪري سگهن. توهان وٽ اهڙي قابليت
هجي تہ درٻار کي چمڪتار ڪري ڏيکاريو.

مامئہ پُڇيس تہ ڪهڙو چمتڪار ڏسڻو اَٿيئي. ڄام چيو
مونکي هتي ويٺي دهليءَ جي بادشاه ۽ درٻار جو درشن ڪرايو
مامئہ چيس ، ٺيڪ آهي، ڪُٽ جو هڪ وڏو ٿالهہ گهرائي
هتي رکاءِ. مان توهان کي اُتان جو نظارو ڏيکاريندس.

مامئہ ٺاهرنيءَ جو پرساد ٺهرايو. پوڄا ڪئي. بعد ڄام
سڄي درٻار کي ٿالهہ ۾ نظارو ڏسڻ جي نينڊ ڏني.

ٿالهہ ۾ پهريون دهليءَ شهر جو نظارو اُڀري آيو. بعد درٻار
۾ ويٺل علائودين ڏسڻ ۾ آيو. سڀ متاثر ٿي ويا، پر ڄام کي
اونڌي مت سُجهي. کيس لڳو، هي شخص ڪڏهن منهنجي درٻار

۾ ڪيس آخرين هندو سما حاڪم ڄاڻايو ويو آهي. اهڙو امڪان بي بنياد نٿو لڳي. سوڀاوڪ سندس پٽ جو نالو فيروز رکيو ويو هجي. ننڍا وقت سندس راڄ ڪمزور ٿيو ۽ سندس پُٽ وقت ختم ٿيو. اُن حساب سان سمن جو آخرين حاڪم فيروز ٿي سگهي ٿو پر سمن جو آخرين هندو حاڪم ننڍا، يعنيٰ نظام الدين هو. لوڪ ڪٿا ۾ ذڪر ڪيل انهن گهٽنائن کي تاريخي پنيرائي به ملي ٿي.

مامئہ - ماموئيءَ جو ذڪر شاه جي رسالي ۾ به اچي ٿو:

پرين ڪان پاسي ٿيا، مامو مين مثال،
جانب جي جمال، رڳي پس ريٿو ڪيا.

اوئلي دور جي سنڌي ادب ۾ ماموئي فقيرن جي ڪيل اڳڪٿين جا هٿ آيل ست بيت، اهم جڳهه والارين ٿا.

’ڪڇ پرديش نو لوڪ ساهتيہ‘ ۾ اهڙا تيرهن بيت ڏنا ويا آهن. ’ڪڇ ديش ني جهوني وارتائو‘ ۾ ڏه اڳ ڪٿيون ڏنل آهن. ’ڪڇ ڪلام‘ ۾ دليراءِ ڪاراڻيءَ ستاويه اڳڪٿيون ڏنيو آهن، تہ ’ماتنگ پراڻ‘ ۾ چويه ڏنل آهن.

●●●

ويو. هن بيگم کي آغوش ۾ کڻڻ لاءِ ڊوڙ پاتي.... تنهن وقت ئي
مامئه نندا کي پنهنجي پير تان هيٺ لاهي ڇڏيو. نظارو ڏٺ
ويو. نندا مامي سامهون شرمسار ٿيڻ لڳو. نندا جي من ۾ هڪ
شڪ به پئدا ٿيو. مامئه کيس بادشاه جي زناني خاني جي اُگهاڙ
ڏيکاري هئي. ڪڏهن هو ٿي ڪنهن شخص کي سندس زنان
خانو به ڏيکاري سگهي ٿو. هن تلوار سان مامئه جو سرڌڙ کان
ڌار ڪري ڇڏيو.

دليراءِ ڪاراٺي لکي ٿو ته مٺو ڪپجڻ بعد مامئه ديو سراپ
ڏنو ته سما ونش جو سنڌ مٿان راڄ ختم ٿي ويندو. پر پنهنجي
پيڻ جو لحاظ رکندي اِهو به چيو ته نندا آهي تيستائين سندس
راڄ رهندو بعدم نه، اِن سراپ جو هڪ دوهو آهي.

जां समुं तां सामैं, जां नंदो तां राज,
समा छडींधा सिंधड़ी, थींदा अडे. अकाज ।

پنهنجو سر هٿ ۾ کڻي مامئه، پوشيهواٺي اُچاريندو هلي
ويو. نوت ڳوٺ ۾ هن جو ڳالهائڻ بند ٿي ويو. رائما بزار جي مندر
راجپوتن کي خبر پوندي هو اُتي پهچي ويا ۽ لاش کڻي رائمابزار
ڳوٺ ۾ سندس انتم ڪريا ڪئي.

نندا جنهن ڏينهن مامئه جو قتل ڪيو ان ڏينهن کان ئي
هو بيمار پئجي ويو. کيس اکين ۾ درد ٿيڻ لڳو بعد ۾ ويهجي
ويس. جام نندا بعد سنڌ مٿان سما گهراڻي جو راڄ ختم ٿي ويو.

جام نندي‌ءَ بعد جام فروز تخت تي ويٺو. ان وقت سمن
جي حڪومت جي پڇاڙي ٿي. هو عياشي هو. سندس خاصخيلي
ماڻهن تي ظلم ڪندا هئا. مرزا قليچ بيگ جام نندي‌ءَ جو بدليل
نالو نظام الدين ڄاڻايو آهي. ظاهر ٿئي ٿو ته نندا اسلام اختيار
ڪيو هو. ڪجهي ڪٿائن موجب به جام نندا جي عرصي ۾
مسلمانن جو زور وڌي رهيو هو ۽ خود جام به مسلم ڌرم طرف
مائل هو. جام نندا مسلم ڌرم اختيار ڪرڻ سبب ڪجهي ڪٿائن

آباد وسايو. اُهو ناس ٿيو تہ پنهور وسايو.

مسلم فارسي تاريخ نويسن يا مذهب پرچارڪن جيڪي ڪُڇ لکيو، اسين ان بڪواس کي اِتهاس طور دُهرائيندا رهيا آهيون. اِها حقيقت هاڻ عام طور ظاهر ٿي چُڪي آهي تہ سنڌ هند جا جيڪي بہ بانڪا بهادُر، داناءَ، دانوير، نيايہ پريہ، ودوان، سلڇڻا حاڪم يا ٻيا شخص هئا، انهن جي اهميت گھٽائڻ لاءِ هنن فارسي دانن منگھڙت الزام هڻي ڪين ڪيرائڻ جي ڪوشش ئي ڪئي آهي ۽ اسين انهن جي ٻي بُنياد ڳالهين کي چٻاڙيندا ۽ اوڳاريندا رهيا آهيون.

ڪڇ نہ صرف سنڌ جو پاڙوسي پرڳڻو رهيو آهي پر حڪومت ۽ تهذيت جي نقط نگاه کان ٻئي گڏوگڏ رهيا آهن.

سنڌي لوڪ ڪٿا آهي ’سسئي پنهوُ‘ پنهور جو حاڪم هو دلوُراءِ، ڪڇي ڪٿا موجب دلوُراءِ سوڍا گھراڻي جو هو (۽ نہ سومرو) سسئيءَ جي قابليت ڏسي کيس چونگي وصول ڪرڻ لاءِ عملدار طور مقرر ڪيو هو. اِن سلسلي ۾ ئي ڪافلي سان لنگھندڙ پنهوُن سان سسئيءَ جو پريت جو پيچ لڳو ۽ وواه رچايو.

جيڪو دلوُراءِ پنهنجي ڌيءَ، پاڻيجيءَ کي بہ نٿو بخشي سگھي، اِن سسئيءَ کي بہ ضرور وواه جي پهرين رات پاڻ وٽ گھرايو هوندو. پر اهڙو ذڪر نہ لوڪ ڪٿا ۾، نہ شاه صاحب ۽ ٻين جي ڪلام ۾ ملي سگھيو آهي. لوڪ ڪٿاڪارن ۽ سنت ڪوين دلوُراءِ کي بخشيو نہ هجي ها، پر ان جي اُبتڙ اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ تنهن زماني ۾ بہ دلوُراءِ اهڙو داناءُ ۽ اُدار دل حاڪم هو، جنهن عورت جي قابليت جو قدر ڪيو، سرڪاري عملدار جو عهدو ڏنو ۽ پرديسي پنهوءَ سان لائون لهڻ جي ڇوٽ ڏني.

ٻي ڪٿا آهي تاريخي گھٽنا جي. ڪَڇ جي حاڪم ڄام ساڙ جي وڌندڙ طاقت ڏسي، گھرڻ واگھيلا کيس دوکي سان مارائي ڇڏيو. ساڙ جي ڇهن مهنن جي پُٽ کي بچائڻ لاءِ داسي ٻار کي کڻي سنڌ طرف ڀڄي نڪتي. قوُل نالي اِهو ٻار وڏو ٿيندي هٿيار هلائڻ ۾ ماهر ٿي ويو. هڪ شينهن ڏهڪاءَ ڦهلائي ڇڏيو هو، دلوُراءِ اِن جو

دلوُراءِ

سنڌي تاريخ نويسن ۽ ڪن ليکڪن جي راءِ موجب، سنڌ ۾ دلوُرا نالي هڪ حاڪم هوندو هو. هوُ ظلمي هو ۽ سندس ڦهرن سبب نگريون زمين دوز بڻجي ويون هيون. اُن راءِ جي پٺڀرائيءَ ۾ اڪثر 'تحفت الڪرام' نالي هڪ فارسي تاريخ ۾ ڪِنِ ڏند ڪٿائن جو آڌار ڏنو ويندو آهي.

ڪن جي راءِ موجب دلوُراءِ برهمڻ آباد جو حاڪم هو ۽ سراپ سبب اِهو نگر غرق ٿي ويو. هنن ليکڪن موجب، جيڪا ڪنيا پرڻبي هئي، دلوُراءِ کين پهرين رات پاڻ وٽ گهرائيندو هو. هڪ دفعي پنهنجي سڳي ڀاڻيجيءَ کي بہ سُهاڳ جي پهرين رات پاڻ وَٽ گهُرايو. هن جي آہ نڪرندي نگري غرق ٿي ويئي.

ٻي ڪٿا موجب، سندس سڳي ڌيءَ جي شادي هئي، هن ڌيءَ سان بہ پنهنجو پاپي قانون لڳايو. ڌيڻس ايشوَر در ٻاڏايو، نگري غرق ٿي ويئي.

هڪ سيد گهراڻي جي ڇڄ لانگهائو ٿي. دلوُرءِ سيد نياڻيءَ کي رات جو پنهنجي محل ۾ حاضر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سيد ڀڄي نڪتو. سندس ٻيڙيون روانيون ٿينديءَ درياءُ سُڪي ويو.

هڪ سوداگر جي زال نهايت خوبصورت هئي. دلوُراءِ کيس پاڻ وٽ گهرايو، سوداگر مهلت گهري، رات جو ڀڄي نڪتو. خُدا در ٻاڏايو، شهر غرق ٿي ويو.

مطلب دلوُراءِ جي ڦهرن ۽ ڪلورن جو ڪو انت ڪونهي. مزو وَري اهڙو جو آهہ ۽ سراپ سبب نگر ناس ٿيندا رهيا، ماڻهو سڀ زمين دوز ٿي خُدا جي دربار ۾ وڃي پهتا. کين ظلم کان نجات ملي. پر دلوُراءِ خود هر دفع بچندو رهيو. الور ناس ٿيو تہ هن برهمڻ

تن ڏينهن ۾ چوپايو مال ڀڄائڻ هڪ عام رواجي ڳالهه هئي. دلوُراءِ جو اِهو ڪم ڪونه هو پر سنڌ جي ڪن شاهينگن جو هو. اوڏو ۽ هوتل به ڪو پنهنجو ڀڄايل ڏڻ حاصل نه ڪيو هو. سنڌ جي سرحد ۾ گهري ڪن رهاڙين کي پڪڙي سندن مال ڀڄائي نڪتا ۽ ائين وڃايل چوپايو ڏڻ هٿ ڪيو. هن ڪٿا ۾ به دلوُراءِ مٿان ڪٿي به چندا هنيل ڪونهن.

دلوُراءِ سان لاڳاپو رکندڙ اهڙيون بيون به ڪيتريون گهٽنائون ملن ٿيون.

سنڌيءَ ۾ دلوُراءِ بنسبت جيڪي به گهٽنائون ملن ٿيون سي سموريون اُت-پٽانگ من-گهڙت ۽ دويش-ڀاوَ سان ڀرپوُر ٿيون لڳن. ٻئي طرف ڪَڇ سوراشٽر جي ڪٿائن موجب، دلوُراءِ ظالم حاڪم هئڻ جا ڪي به اهڃاڻ نٿا ملن. اُلٽو سندس سورهيائي اُدارتا، نياءُ پريتا ۽ داناءِ پڻي جا اُهڃاڻ ملن ٿا. تاريخي ڪردار لاکو ڦوُلاڻيءَ ۽ ٻين گهٽنائن کي ڏسندي دلوُراءِ نائين صديءَ ۾ سنڌ جو حاڪم هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ، لاکي ڦوُلاڻيءَ جو جنم سن ٨٥٥ع ۾ ٿيو هو ۽ لاکو دلوُراءِ جو ڏوهٽو هو.

سنڌ ۽ ڪَڇ جو پاڻ ۾ اٽوُٽ سنبنڌ رهيو آهي. سنڌ جي حاڪمن ۽ لوڪ ڪٿائن جا حوالا ڀٽ ۽ چارڻن جي ڏوهيڙن معرفت ڪڇيءَ ۾ محفوظ رهندا آيا آهن. ان حالت ۾ دلوُراءِ جي ظلمن ۽ قهرن جون ڪٿائون ڪَڇيءَ ۾ به ميسر هئڻ گهربيون هيون. اُن جي اُبتڙ دلوُراءِ جا جيڪي حوالا ملن ٿا، سي سندس بهادُري، داناءُ ۽ دانشمند حاڪم جي حيثيت جا ملن ٿا.

سنڌيءَ ۾ فارسيءَ جو نقل ڪندي، مسلم توڙي هندو ليکڪن، دلوُراءِ سان سراسري انياءُ ڪيو ٿو لڳي. ها، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ’سوُمرن جو دور‘ ۾ دلوُراءِ بابت الڳ الڳ روايتن جو ذڪر ڪندي ڪيس ’داناءُ‘ حاڪم ڪوٺيو آهي.

●●●

شِڪار ڪرڻ نڪتو. شينهن جو اوچتو حملو ڏسي ڳانيوُن چاريندڙ ڦوُل پنهنجي هٿيار سان ڪيس ماري وڌو ۽ دلوُراءِ بچي ويو. جاچ ڪندي دلوُراءِ کي ڦولڪمار جي حقيقت معلوم ٿي. هن ڪيس ۽ پاليندڙ داسي ماءُ کي محل ۾ آسرو ڏنو، پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ۽ بعد پنهنجو لشڪر ڏيئي پنهنجو ڪڇ جو راڄ واپس هٿ ڪرڻ لاءِ همٿايو. ڪڇ جو حاڪم بڻيل هن ڦوُل ڪمار کي دلوُراءِ جي ڌيءَ مان جيڪو پٽ پئدا ٿيو اِن جو نالو رکيو ويو لاکو. ڦوُل جو پُٽ هئڻ سبب هوُ اڳتي هلي لاکو ڦولاڻيءَ نالي اِتهاس ۾ مشهور ٿي ويو.

هن ڳهٽنا موجب عوام کي شينهن جي آزار کان ڇڏائڻ لاءِ خوُد شڪار تي نڪرندڙ دلوراءُ هڪ بهادُر حاڪم هئڻ، اڻ سچاتل بهادُر جوان جو قدر ڪندڙ، لشڪري مدد ڏيئي حق حاصل ڪرائيندڙ نياءُ پريه حاڪم هو دلوُراءِ. وڪيو داتار هڪ ٻيلي جو جاگيردار هو. ڪيس ٻه زالون هيون. وڏي پٽني دلوُراءِ جي نياڻي هئي.چارڻ سمنگه هن کان غير موسمي شيءَ گهري. اُن جي پوُرائي ڪرڻ ناممڪن هو چارڻ کي ڏنل وچن ٽارڻ به مُمڪن نه هو. نتيجي طوُر سمنگه وڪئي جو مٿو گهريو. ننڍي زال خواهش ظاهر ڪئي ته پهرين مان سرُ ڏيندس. وڏي زال چارڻ کي مارائي ڇڏڻ جي صلاح ڏني. وڪئي ان کي ڏهاڳ ڏيئي ڇڏيو. هوُءَ پيءُ دلوراءِ وَٽ هلي ويئي ۽ ڪيس پڙڪايو. دلوُراءِ نائي وڪئي کي پاڻ وٽ گهُرائي ورتو ۽ سزا ڏيڻ چاهي. جڏهن ڪيس وڪئي جي اُدارتا، دانويرتا ۽ وچن جي محڪمتا جي ڄاڻ پئي ته هن اُلٽو چارڻ جي هتيا جي صلاح عيوض پنهنجي ڌيءَ کي ڇينيو ۽ وڪئي جو مان سنمان ڪيو.

هن ڳهٽنا ۾ دلوُراءِ ڌيءَ جو غلط طرف نه ڪٽندي نائيءَ جي عمدن ويچارن هلت ۽ پاونا جو قدر ڪندڙ ڏسڻ ۾ تو اچي.

هوتل پدمڻي لوڪٿا موجب، دلوُراءِ جي ايراضي جا ڪي شخص ڪڇ مان چوپايو مال ڪاهي ويا. هڪ طرف اوڍو ۽ ٻئي طرف هوتل پنهنجو چوپايو ڏڻ واپس هٿ ڪرڻ لاءِ سنڌ ويا، ٻنهي جي مُلاقات ٿي. ٻنهي ڳڏجي ڪري سنڌ جي ايراضيءَ مان چوپايو ڏڻ ڇڏايو ۽ واپس ڪڇ سوراشٽر هليا ويا.

تخت سنڀاليندڙ راجا لاءِ بہ اِها سُونهائيندي ڳالھ ڪونہ هئي. تخت سنڀاليندڙ لاءِ تہ وزير، سپهہ سالار، درٻاري، صلاحڪار وغيره ۽ حالتن جو جائزو، اهميت رکندو هو، گهروُ حالتون يا صلاح نہ.

چنيسر ماءُ کان پُڇڻ لاءِ ماءُ جي ڪمري ۾ ويو. ماءُ کي دربار ۾ هليل ڪارروائيءَ کان واقف ڪيو ۽ هاڻي ڇا ڪريان اُهو سوال پُڇيو، ماڻس جواب ۾ چيس،

’مون تہ جڻيو پُٽ ڪري پر تي پئين تون ڌيءُ‘

ماءُ جي ڦٽڪار ٻُڌي چنيسر زال جي ڪمري ۾ ويو. پتنيءَ چيس، ’اڳي هيوسين بہ جڻيون، هاڻين ٿيوسين ڌيءُ‘

چنيسر منهن پيلو ڪري راڄ دربار ۾ واپس آيو. هو تخت تي ويهڻ جي آس ۾ واپس موٽيو هو.

پر پرپٺ دربار جو ماحول بدلجي چُڪو هو. درٻارين کي لڳو تہ جيڪو شخص وقت سر فيصلو نٿو ڪري سگهي ۽ درٻارين جي صلاح موجب نٿو هلي سگهي، مردن جي فيصلي وقت ماءُ زال جو محتاج رهڻ جو سوچي ٿو سگهي، اُهو ڪنهن بہ وڏا وقت، ديش ۽ راڄ کي ڪيئن سنڀالي سگهندو؟

اِهو سوچي ڪري درٻارين ننڍي راجڪُمار دودو کي تخت تي وهارڻ جو فيصلو ڪيو.

چنيسر ماءُ ۽ زال جون ٺٺوليون ٻُڌي پيلي منهن واپس موٽيو هو تہ هت بہ سندس مخول اُڏائي وئي ۽ مٿان وري ڪائونس راڄ بہ کسيو هو.

ان بي-عزتيءَ غُصي جو روپ ورتو. هن بدلو وٺڻ چاهيو. ان بدلي جي باهہ ۾ پڙڪندي هوُ سڌو پهتو وڃي دهليءَ. دهليءَ ۾ تن ڏينهن ۾ علاوالدين کلجيءَ جو راڄ هو. هندستان جي الڳ الڳ ڏيهي راجائن مٿان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني حملا ڪري، لڙايون لڙهي ۽ ظلم گُذاري هن سلطنت برپا ڪئي هئي ۽ سلطنت جو ڦهلاءُ ڪري رهيو هو.

چنيسر علاوالدين جي شرن ورتي ڪيس عرض ڪيو تہ هوُ سنڌ مٿان حملو ڪري دودي کي هارائي ڪري هو ڪيس راڄ واپس وٺي

دودو - چنيسر

سنڌ جي عمرڪوٽ ۾ همير سومري جي ڪُل جي راجا پونگل سومري جو راڄ هو. هوُ بهادُر هو. ڪيس پنهنجي تلوار تي فخر هوندو هو. ان سبب تلوار ۾ موهه به هئس. پر هڪ دفع تلوار ۾ گهوبُ پئجي ويس. ڪو ڪاريگر هن گهبُ جي مرامت ڪري تلوار ڪي اڳيه جيان سُهڻي بڻائي نه سگهيو. آخر عام اعلان ڪيو ويو. هڪ لُهار ڪاريگر جي ڌيءَ تلوار ناهڻ ۾ ماهر هئي. هن راجائي اعلان منظور ڪيو پر هڪ شرط به وڌو. هن چوائي موڪليو ته اگر راجا هن سان شادي ڪري ڪيس راڻي بڻائي ته هوُءَ تلوار جو گهوبُ مرامت ڪري ڏيندي. راجا شرط منظور رکيو. لُهار ڪنيا تلوار اهڙي ته ڪاريگريءَ سان مرامت ڪئي، جو تلوار اڳ جيان نظر اچڻ لڳي. گهبُ غائب ٿي ويو هو.

راجا ڏاڍيو خوش ٿيو. هن اُن ڪنيا سان شادي رچائي. اُن مان ڪين هڪ پُٽ ڄائو اُن جو نالو رکيو ويو چندريشوَر. پر عام طور هن کي چنيسر نالي پُڪاريو ويندو هو. راجا ٻي شادي هڪ راجپوت جي ڪنيا سان ڪئي. اُن مان به ڪيس هڪ پُٽ ڄائو. اُن جو نالو رکيو ويو دودو.

وقت گذرندي ويرم نئي لڳي. راڄ پونگل ٻُڍو ٿي ويو. ٻئي راجڪُمار جوان ٿي ويا. راجا جو ديهانت ٿيندي راڄ درٻار گڏ ٿي. روائت موجب وڏي راجڪُمار چنيسر کي ڄام جو راڄ مُٽڪ پائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. چنيسر کي تخت تي ويهڻ لاءِ چيو ويو.

پر پري درٻار ۾ چنيسر چيو ته هوُ پهرين ماءُ کان پُڇي اچي پوءِ اچي تخت سنڀاليندو.

درٻار دنگ رهجي وئي. اِها راجپوُتي روايت ڪونه هئي.

ٻُري نظر راڄ محل جي جوان سُومرين ۾ کُتل آهي. اُن سبب لڙائيءَ دوران ئي دودي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي دودي ڪانسواءِ اِن جي نزديڪ جي ايراضيءَ ۾ ڪڇ جو ابڙو ئي هڪ اهڙو بهادُر هو جنهنجي اُدارتا ۽ سُورياهي چوڌس ڦهليل هئي. ڪڇ جي وڙسر ايراضيءَ ۾ جام ابڙو ابرائيءَ جو راڄ هو. سُومريون اُن وٽ محفوظ رهي سگهنديون. اِهو سوچي دودي محل جون جوان سُومريون اوڏانهن روانيون ڪري ڇڏيون هيون. هڪ سو چاليهه سُومرين کي وٺي ٻه بانڪا جوان ڀاڳ سُومرو ۽ ڀيٽو چوهاڻ ڪڇ طرف روانا ٿيا.

ڪڇ ۾ اِهو ٽولو جام آريءَ وٽ پهتو. جام آريءَ وچن ڏنو تہ علاوالدين اگر پيڇو ڪيو تہ هوُ ڪيس رستي ۾ روڪڻ جي ڪوشش ڪندو. ٽولو اڳتي هلي جٽيجا ابڙائي وٽ پهتو. هن ٻُڌايو تہ بهادُر ابڙو اڃا پرتي آهي. هن بہ ساڳيو وچن ڏنو. ٽولو اڃا اڳتي وڌي موڙ وٽ پهتو. موڙ بهادُر جوان هو ۽ تنهن ڏينهن ئي سندس شادي هئي. هوُ سمجهي ويو تہ شاهي لشڪر ضرور پيڇو ڪندو. ماءُ جي سمجهائڻ جي باوجود بہ هن شاديءَ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو.

هن وچن ڏنو تہ هوُ لشڪر کي ضرور روڪيندو. هن اِن وقت کان ئي لڙائيءَ جي تياري شروع ڪري ڇڏي. ٽولو اڳتي وڌي جنيير جي جاگيردار وٽ پهتو. هن بتيءَ طرف جو ابڙيءَ جو رستو ٻُڌايو.

هن پنڌ دوران ست سُومريون مَري چُڪيون هيون. آخر ٽولو وڙسر پهتو. ڀاڳ سُومرو ابڙيءَ وٽ ويو ۽ ڪيس دودي جو نياپو پهچائي نياڻين کي آسرو ڏئي ۽ بچاءُ ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. ابڙي چيو :

’پلي آيون پينرون، ابڙو چئيٺو اڇ، آيون اکين مٿي‘

ابڙي سنڌ جي راڄ محل جي سُومرين کي باعزت وٺي اچڻ لاءِ ڳاڏا جوڙي موڪليا. ڳاڏن جو ڌڻ ڏسي سُومرين سمجهيو تہ شايد سُلطان اچي پهتو آهي، اِن دهشت ۾ پنج سُومريون تنهن وقت ئي مري ويون. باقي سُومريون ابڙي جي مهمان محل ۾ سلامت پهچي ويون.

هيڏانهن سنڌ ۾ دودي جي شهيد ٿيڻ بعد علاوالدين قلع ۾

ڏياري. اِن جي بدلي ۾ چنيسر پاڻ راجا ٿيندو تہ علاوالدين جي آ
مڃي ڪري هلندو. ڪيس اِها لالچ بہ ڏني تہ سنڌ جون سُومريو
بيحد سُهڻيون آهن. ڪيس راڄ ملندي محل جون سُومريون سندس
حوالي ڪري ڇڏيندو.

سنڌي سُومريون حاصل ٿيڻ جي لالچ ۾ هو هرڪجي ويو. پ
پنهنجي سلطنت ڦهلائڻ لاءِ اهڙا گهر جا ڀيدي شخص گهُربل هئ
ٿيون ؛ علاوالدين ميواڙ سوڌو ڪيترن راجن کي هارائي آڻ مڃائي
چُڪو هو پر اجا تائين هوُ سنڌ کي قبضي ڪري نہ سگهيو هو. ڪيس
هي سونهري موقعو ملي ويو.

علاوالدين سنڌ طرف هڪ قاصد موڪليو ۽ دودي کي چوائي
موڪليو تہ تخت تان لهي ڪري راڄ چنيسر جي حوالي ڪري ڇڏي
۽ ٻيو چوُنڊ سُهڻيون سُومريون ڪيس ڀيٽ موڪلي. هوُ انهن سان شادي
رچائيندو.

قاصد وٽان نياپو ٻُڌي ڪري دودو آگ-ببوُلا ٿي ويو. سڀني
درٻارين جو بہ جوش ڀڙڪي اُٿيو. راجپوُت لشڪر مرڻ-مارڻ لاءِ تيا
ٿي ويو. عام جنتا چنيسر تي ڦٽڪار وجهڻ لڳي. سڀني جو فيصل
بيٺو تہ اِها بي-عزتي سهڻ جهڙي ڪونهي. نہ صرف ظالم علاوالدين
جو مُقابلو ڪرڻ گُهرجي پر هن کان بدلو بہ وٺڻ گُهرجي. چنيسر ج
جُوان پُٽ نگر ڪُمار بہ ڀڙڪي اُٿيو. هن درٻار ۾ اچي اعلان ڪيو ت
هوُ لڙائيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان نہ رهندو. هوُ پنهنجي وطن سا
رهندو. ديش دروهي پيءُ کان ڪاڪا دودي کي سات ڏيندو.

سنڌ جا سومرا ماڻهو دودو طرف رهيا. علاوالدين جي مسل
لشڪر سان سنڌ جو صرف هڪ غدار هو - چنيسر.

دودو ۽ چنيسر راڄ جا ٻئي حقدار ڀائر مارجي چُڪا هئا. چنيس
جو پُٽ بہ شهيد ٿيڻجي چُڪو هو، سنڌي سُومرا بہ جنگ ۾ ويرگتي
حاصل ڪري چُڪا هئا. سنڌ جي راجپوُت سُومرن جي آزاد سنڌ
علاوالدين جي شاهي لشڪر اڳيان ويران ۽ غُلام ٿيڻجي وئي هئي.

راجا دودي کي اِهو احساس تہ ضرور هيو تہ شاهي لشڪر اڳيا
محدود راجپوُت گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندا. ٻيو علاولدين جي

هيو پر دغابازيءَ سان ڪيس مارڻو ڪونہ هيو. بهادُريءَ سان مرڻو مارڻو هيو. اِن سبب ميگهوال ڪيس ماريو ڪونہ پر سندس ڪناري ڪٽي ورتي اُن جڳهہ تي پنهنجو چمڙو ڪٽيندڙ ڇُرو رکي ڇڏيو ۽ هو واپس هلي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ابڙي جو راجڪمار سپڙ علاوالدين جي تنبوءَ ۾ ويو. سُلطان سمجهيو تہ هوُ شايد سُومريون واپس ڪرڻ ۽ ٺاهہ ڪرڻ لاءِ آيو آهي، پر سپڙ چيس تہ هي سُلطان، تون ٻلي اسانجو دُشمن آهين پر هن وقت اسانجي زمين تي آهين ان سبب تنهنجي حفاظت ڪرڻ بہ اسانجو فرض آهي. اسان پنهنجي اڱڻ جي عزت نہ وڃڻ ڏينداسين تہ ڪو توکي دوکي سان ماريو ويو. اسين سامهون ڇاتي کولي وڙهندڙ آهيون. پُٺيءَ ۾ ڇُرو هڻندڙ ڪونہ آهيون. پنهنجي جان بچائڻي هجيئي تہ بهتر آهي تہ تون واپس هليو وڃ. علاوالدين غُصي تي ويو. اُن ئي سُپڙ ڪناري ڪڍي کيس ڏيکاريندي چيو تہ تنهنجي ڪناري اسان وٽ آهي، اِهو ثبوت آهي تہ اسين تنهنجو خاتمو بہ ڪري سگهيا هجون ها.

الاولدين هڪ ٻُڪو تي ويو. حقيقت جاٽي هن جون وايون بتال تي ويون، کيس جيوَت-دان ڏيندڙ هنن بهادُرن سان نہ وڙهڻ جو بہ خيال آيس پر سندس مٿان سُومريون حاصل ڪرڻ جو ڀُوت سوار تي چُڪو هو. آخر لڙائي شروع تي. سُلطان جو هڪ سردار محمدشاهہ جيڪو قاصد بڻجي ٺاهہ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو، ڪڇي راجپُوتن جي بهادُري ۽ ايمانداري ڏسي طرف بدلائي ابڙو جو پاسو ورتو. سٺن ڏينهن جي جنگ ۾ سپڙ شهيد ٿيو. بعد محمدشاهہ بہ شهيد ٿيو. راجپوتن جو خاتمو ٿيندو ويو. پر سُلطان جي ڪافي لشڪر بہ ختم ٿي چُڪو هو. ايڪويهہ ڏينهن بعد ابڙو اڪيلو وڃي بچيو.

ابڙو سنڌي سُومرين کي ڪير جو ڪنورو ڏيندي چيو تہ اسانکان توهانجي حفاظت لاءِ جيترو ٿي سگهيو آهي سو ڪيو آهي، هن کير جو رنگ بدلجي ڳاڙهو ٿي وڃي تہ سمجهجو هاڻي ابڙو نہ رهيو آهي. تيستائين مان توهانجي رکشا ڪندو رهندس. بعد توهان پنهنجو رستو پاڻ ڳولهي ولجو.

گهڙيو. مرد سڀ مارجي چُڪا هئا. عورتون آس-پاس ايراضين طرف هليون ويون هيون. جوان سُومريون ڪجهه طرف هليون ويون هيون. سُلطان کي ڪاريءَ وارا ڪک نصيب ٿيا. اِهو معلوم ٿينديءَ علاوالدين سُومرين جو پيڇو ڪرڻ لاءِ ڪجهه طرف ڪُوچ ڪئي. رستي تي ڄام آري، جکيجو، موڙ، ابڙائي ۽ جنهير واري وٽي تي سڀني شاهي لشڪر سامهون مورچو کڙو ڪيو. بهادُريءَ سان وڙهي لشڪر کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سڀني پنهنجي پراڻن جو ٻليدان ڏنو. آخر لشڪر وڙسر طرف هليو.

ابڙو کي سمورو احوال ملندو رهيو هو. لڙائي اڻ ٽر آهي اِهو هو سمجهي چُڪو هو. لشڪر رستو ڀُلجي ويو، تہ ابڙي ٽڪريءَ تي ڪپهہ جون ٻُنڙيون ساڙائي، روشني ڪرائي ۽ لشڪر کي وڙسر جو رستو ڏيکاريو. لشڪر وڙسر کي گهيرو ڪيو.

وڙسر جا ڄام سُوروير جوان ڳڏ ٿيا. سڀني يڪراءِ فيصلو ڪيو تہ عورتن جي عزت بچائڻ لاءِ جان جي آهوتي ڏيڻي پوي تہ بہ ڀلي ڏجي، پر سُومريون الاعودين جي حوالي واپس نہ ڪيون وينديون. الاعودين ٿورو شانت رهيو. سامهون کان رستو ڏيکاري ۽ جنگ جي نيندب ڏيندڙ ۽ ٻين جي خاطر وڙهڻ لاءِ تيار ٿيندڙ هن بهادُر ابڙي سان لڙائي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. سُومريون سندس حوالي ڪيون وڃن تہ هو چُپ چاپ واپس هليو ويندو اهڙي خاطري بہ ڏني. پر راجپُوتن عزت وڃائڻ کان مرڻ پسند ڪيو. سنڌ جي سُومرين جي لڄ سندن عزت هئي. هنن ڳالهين دوران ابڙو بہ الاعودين کي سبق سيکارڻ لاءِ ۽ لڙائي ٽارڻ جي چالاڪيءَ ڀري ڪوشش ڪئي. ابڙو جو بهادُر ساٿي هيوڪورسا ميگهوال هو تمام ڏينڊو هو. پر بيحد ڦُرت همٿوارو ۽ چالاڪ هيو. هو ذات جو چمار هيو. رات جو اُونده ۾ ڪُتي جي کل اوڍي ڪُتي وانگر چئن پيرن تي هلي ڪري ميگهوال دُشمن تنبُن ۾ پهچي ويو. چوڪيدارن ڪُتو سمجهي کيس هتان هُتان هڪلي ڪڍيو. آخر هو ڳولهيندي سُلطان جي تنبوءَ ۾ پهچي ويو. ميگهوار چاهيو هجي ها تہ ڀر ننڊ ۾ سُمهيل علاوالدين جو تنهن وقت ئي خاتمو ڪري سگهي ها. پر ابڙو کيس منع ڪئي هئي ڀلي دُشمن

ڪَڇ جو درويش - ميڪرڻ

گۆڍارت جوُن ڳاليوُن، وَڏيِ وَڙ بٽيون،
تاٽي ڪي نہ پڇيوُن، موُن پڻ نہ چئيون.

سنڌي ٻوليءَ جون ڇهہ شاخائون آهن. سنڌيءَ جي عظيم شاعر عبدل لطيف جو اَصلوڪو ڪلام لاڙي اُچارن سان آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ اُن ڪلام جو لاڙي اُچار ڦيرائي ڳهٽي قدر وچولي سنڌيءَ جو روپ ڏنو ۽ شاه صاحب کي وڏيڪ عوام تائين پهچايو.

اهڙي ئي نموني سنڌي اَدب جو جهجهو مواد ڪڇيءَ ۾ بہ چيل ۽ لکيل آهي، پر نہ ڄاڻ ڇو سنڌي عالمن جو اُن طرف خير کو ڌيان ڇڪيو آهي. شاه صاحب جا ڪردار سنڌي بہ آهن تہ ڪَڇي بہ. خود شاه صاحب ڪَڇ ڪانياواڙ جو دورو بہ ڪيو هو. سندس ڪلام جيترو سنڌي زبان تي آهي، اوترو ڪڇ جي زبان تي بہ آهي.

اِن حالت ۾ اسان جو ڌيان سنڌي ڀاشا جي ڀيڻ ڪڇي ٻوليءَ طرف بہ وڃڻ گهربو هو. ڪُجهہ بدليل اُچارن سان ڪاٺياواڙي اُچارن جي وزن سان، ڪڇي ٻوليءَ ۾ رچيل ڪلام، سنڌي ڀاشا جو ئي حصو آهي.

مٿيون بيت بہ صرف ڪڇي لهجي جو اُچار بدلي وچولي سنڌيءَ جو روُپ ڏيڻ سان هيٺئن پڙهيو ويندو :

ڳجهارت جو ڳالهيون، وڏي ٻڙ ٻٽيون،
توڙي ڪنهن نہ پڇيون، مون پڻ نہ چيون.

اِهو بيت چيل آهي ڪڇيءَ جي وچولي دور جي مشهور سنت ڪوي ميڪرڻ جو. عام طور دادا ميڪڻ نالي مشهور ميڪرڻ جو جنم ڪڇ جي ڪونيڙي ڳوٺ ۾ سن ١٦٦٦ع ۾ ٿيو هو. سندس پيءُ جو نالو هو هردوُر جي ڀٽي.

پوئين ڏينهن جي جنگ دوران ابڙي به نهايت بهادُريءَ سان وڙهندي ويرگتي حاصل ڪئي، ڪير جو رنگ بدلجڻ لڳو. سُومرين لاءِ هاڻي ڪو رستو نه رهيو هوُ اُتان پڄي نڪتيون.

علاوالدين سُومرين جو پيڇو ڪيو. سڀ رستا بند ڏسي سُومرين ايشوَر در پرارٿنا ڪئي. چيو وڃي ٿو ته تنهن وقت ئي ڌرتي ڦاٽي ۽ سومريون ڌرتي ماتا جي گود ۾ سمائجي ويون.

وڙسر پرسان اڄ به اِنهن سنڌي سُومرين جو ستيءَ جو آستان موجود آهي. ابڙو جتي شهيد ٿيو اِنهيءَ جڳهه تي به سندس آستان نهيل آهي. نزديڪ وڏو قبرستان به آهي، جيڪو ثبوت آهي ته مُسلم لشڪر سان خطرناڪ لڙائي اِن جڳهه ئي لڳي هئي.

دهليءَ کان سنڌ ۽ سنڌ کان ڪڇ تائين هيترو پيڇو ڪرڻ، جفاڪشي ڪرڻ ۽ لڙايون لڙڻ جي باوَجود به آخر علاوالدين کي ڪاريءَ وارا ڪک نصيب ٿيا.

آخر تائين ڪيس سُومريون هٿ نه لڳي سگهيون. منهن پيلو ڪري علاوالدين دهلي واپس موٽيو. پر اُتي دوکيباز موت جي ڇايا سندس اِنتظار ڪري رهي هئي. دهليءَ مان لنبي غيرحاضريءَ سبب سندس سردار مليڪڪافور پنهنجو زور جمائي ورتو هو. علاوالدين جي دهلي واپس ورندي دوکيبازيءَ سان ڪافور سندس خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ دهليءَ جي گادي پنهنجي قبضي ڪري ڇڏي.

تاريخي لحاظ کان هيءَ گهٽنا سن ١٣١٦ع جي آهي.

●●●

ڪيس رڌي سڌيءَ سان ڀرپور ڪانوڻ ڏني. اُن ڪانوڻ مان هن زندگي ڀر بکين ۽ اُڃايلن جي ٻُڪ ۽ پياس ٻجهائي، تڏهن کان هوُ ’ڪانوائيءَ وارو ڪاپڙي‘ نالي مشهور ٿي ويو.

بعد ۾ ٻارهن سالن تائين هن بلڪا ڳوٺ ۾ واسو ڪيو ۽ اُتان هردوار جي ياترا تي روانو ٿيو. هردوار مان هوُ هنگلاج جو درشن ڪرڻ لاءِ سنڌ طرف روانو ٿيو.

سنڌ جي جهوڪ ڳوٺ مان لنگهندي هڪ عجيب گهٽنا ٿي گُذري. مسلمان بستيءَ واري جهوڪ ڳوٺ ۾ هڪ مسجد هئي. اُن جو مجاور هو شاه قلندر. ميڪڻ جنهن وقت ڳوٺ مان لنگهي رهيو هو، تنهن وقت ملان ٻانگ ڏيئي رهيو هو. ميڪڻ جي ڪانوڻ جون گهنٽيون وڄي رهيون هيون ۽ هوُ رام نام اُچاريندو لنگهي رهيو هو.

مُلان غصي ٿي ڪري ميڪڻ کي روڪيو ۽ کيس مجاور وٽ حاضر ڪيو. ميڪڻ خلاصو ڏيندي چيو تہ مُلان جي ٻانگ ڪوُڙي هئي.اگر هوُ سچيءَ دل سان عبادت ڪندو هجي ها تہ ’مونکي لنگهندو ڏسي نہ سگهيو هجي ها ۽ نہ گهنٽيءَ جو آواز سندس ڪنن تي پيو هجي ها.

شاه قلندر چيو تہ، تون اهڙي ٻانگ ڏئي سگهندين؟ ميڪڻ ها چئي.

ٻئي ڏينهن تي سنڌو ڪناري سڄو ڳوٺ اچي ڪٺو ٿيو. ميڪڻ سنڌوءَ ۾ سنان ڪيو. بعد پنهنجي ڪيسري رنگ جي چادر نديءَ جي جل مٿان وڇائي عرض ڪيو :

هي سنڌوُ ماتا، مونکي بندگي ڪرڻي آهي. ٿوري دير پنهنجي وهڪري کي روڪي ڇڏ.

ميڪڻ پاڻيءَ مٿان وڇايل چادر مٿان ٿي بيٺو ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪئي.

قدرت جي ڪرامت اهڙي جو سڀ حاضرين نماز پوري ٿيڻ تائين پنهنجي سُڌ ڪوئي ويٺا.

يعني شاه لطيف جي جنم کان صرف ٢٣ سال اڳ ميڪرڻ جو جنم ٿيو هو. شاه صاحب جوانيءَ ۾ جن ڏينهن ۾ ڪڇ جو دورو ڪيو هوندو تن ڏينهن ۾ ميڪڻ ڪڇي عوام جي زبان تي اُڪرجي چُڪو هو. شاه صاحب سن ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي. ميڪڻ سن ١٧٢٩ع ۾ چالاڻو ڪيو هو. ميڪڻ شاه کان عمر ۾ وڏو هئڻ جي باوجود، شاه ۽ ميڪڻ کي سنڌي اَدب جا همعصر به چئي سگهجي ٿو.

ڪڇ جي ياترا تان موٽڻ بعد، شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ بار بار ڪاپڙيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن ته ميڪڻ خود هڪ ڪاپڙي سادُو هو.

ننڍپڻ کان ئي ميڪڻ جو روحانيت طرف لاڙو هو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ هن پنهنجو گهر ڇڏي آشاپورا مندر جي شرڻ ورتي. مندر جي مهنت کان چيلو ٿيڻ جو نام وٺي هن ڪاپڙيءَ سادوءَ جو بيکه پاتو.

اِن مندر جي تاريخي اهميت رهي آهي. سنڌ جي سمن جي ڪُل ديوي هئي- هنگلاج. سموبامني ڪاٺياواڙ گهمليءَ تي فتح حاصل ڪري سنڌ واپس واري رهيو هو. تڏهن ڪڇ مان گذرندي رات جو اُن آستان تي ترسيو هو. رات جو هنگلاج ماتا کيس سپني ۾ اچي چيو هو ته هن جڳهه تي کيس سندس مُورتي ملندي، اُن جي پوڄا ڪج.

اَسر جو سمي ٻامنيءَ کي ماتا جي مُورتي ڏسڻ ۾ آئي. هن اُن مورتيءَ جي اِستاپنا ڪرائي اُتي مندر جوڙايو. جيئن ته سمي جي آشا پوري ٿي هئي، هن اُن مندر جو نالو رکيو- آشاپورا. تڏهن کان سما ۽ اُن بعد جاڙيجا چوائيندڙ ونش جا راجپوٽ، آشاپُورا کي ڪُل ديوي ڪري پوڄيندا آهن. اُن مندر جي پوڄا ۽ سنڀال ڪاپڙي سادو ڪندا آهن. اُهو آستان ’ماتا جو مٺ‘ نالي مشهور آهي.

ڪُجهه سال ماتا جو مٺ ۾ رهڻ بعد ۽ گيان حاصل ڪرڻ بعد، ميڪرڻ جوان عمر ۾ ياترا تي نڪري پيو.

ميڪڻ گرنار ۾ گرو دتاتريه جي چوٽيءَ تي پهتو. ڇهن مهنن تائين اُتي پنهنجي ڏوٽي دکائي رهيو. دتاتريه راضي ٿي ڪري

ميکڻ در مٿڻ آيا. فاتما چيو، ’دادا اوهين جيکو چئو سو ست.‘
جواب ۾ ميکڻ چيو، ’اَما، ست نہ اَٿ‘ قدرت اَهڙي جو فاتما کي چار دفعا ٻہ ٻہ جڙوا پٽ ڄاوا!
عمر سُکي اِنسان هو، هن پنهنجي ملکيت جو اَڌ حصو ميکڻ کي ڏيڻ چاهيو. پر ميکڻ اِنڪار ڪيو. آخر عمر ڪنهن وٽان هڪ ڳڏه جو وڇڙو قبول ڪيو. اُهو وَڇڙو اڳتي هلي لاليو جي نالي سان مشهور ٿيو.
سنڌ کان ڪڇ ايندي چوويهن ڪوهن جي ڦهليل ڪاري رڻ ۾ جاترالو بک پياس کان بيحال ٿي ويندا هئا. ميکڻ موتيءَ نالي هڪ ڪُتو پاليو. هن موتي ڪُتي ۽ لاليو ڳڏه کي عام جي شيوا ڪرڻ جي سکيا ڏني. لالئي ڳڏه جي مٿان پکل روٽلن جي هانڊي ۽ پاڻيءَ جا مٽ رکي ڪري ڪيس موتيءَ سان گڏ رڻ طرف موڪليو ويندو هو. موتي اڄاڻ ياترالن اڳيان وڃي پڇ لوڏي کين لالئي طرف وٺي ايندو هو. جاترالو روٽلو کائي مٿن جو ٿڌو پاڻي پي ترپت ٿيندا هئا.
اُن بعد ميکڻ، سنڌ جي رستي تي ٻنيءَ نزديڪ ڌرنگ ڳوٺ ۾ پنهنجي ڌوڻي دکائي ۽ اُتي آشرم ٺاهيو. لاليو ڳڏه ۽ موتي ڪُتو بکايل ۽ اُڃايلن جي شيوا ڪندا رهيا ۽ ميکڻ جي زندگيءَ جا ساٿي ٿي ڪري رهيا.
سچل جيان ميکڻ بہ مُلن، مولوين ۽ ٻانيٽن جي چنڊ ڪدي آهي:

ٺاڪر ٿي نکايو، مُلان ڏني ٿي ٻانگهہ،
اُن مالڪ جي گهر جو، آهي نکو ٺانگہ.

دلپت وحدت ال وَجوديءَ وارو خيال اِظهاريندي چيو هو:

چا تون وڏو پاڻ ۾، ترڪن واٽين وير،
جي پهر ۾ پاڻ ڏٺي، تان ڪرڙ ۾ ڪير؟

ساڳي ڳالهہ اُن کان اڳہ ميکڻ چئي آهي :

پهر ۾ پڻ پاڻ، ناه ٻيو ۾ پيو،
نم ۾ اوُ نارائڻ پوءِ ڪندي ۾ ڪير؟

نماز پوري ٿيندي ئي شاھ قلندر ميکڻ کي پنھنجي پاڪر ۾
ڪنيو ۽ سندس پنھي ڳلن تي ھٿ ڦيريندي چيو :

ھي ھندوءَ فقير، مان توکي پنھنجي يادگيريءَ جي نشاني
تو بخشانءِ. ھي خدائي نُور ھميشه پاڻ سان رکجانءِ.

ھن جي اِئين چوندي ئي ٽيھن سالن جي ميڪرڻ جي چھري
تي ھڪ لنبي ڏاڙھي اُڀري آئي. ميڪڻ زندگيءَ ڀر اُن خدائي
ڏاڙھيءَ جي حفاظت ڪئي.

شاھ قلندر ڪيس پاڻ سان وٺي آيو. ۽ پاڻ سان گڏ گاديءَ تي
وھاري روح رھاڻ ڪئي. تنھن وقت ميڪڻ ھيءَ ساکي چئي ھئي

ھندو ۽ مسلمان جو مڇي مٽي منداڻ،
مرم نه ڄاڻي ميڪڻ چي،
آدمي لوڪ اجاڻ،
مسلمان ڪھي محمد، ھندو ڪھي رام
دوُجا ڪوئي ديکون نھين، جسکو ڪرون پرڻام.

شاھ قلندر کان موڪلائي ميڪڻ ھنگلاج طرف ھليو.

ھنگلاج مان موٽندي ٿي ۽ خيرپور مان ٿيندو ميڪڻ ترپارڪر
پار ڪري سڪه پوُر ڳوٺ پھتو. سڪه پوُر ۾ ھن پنھنجي ڌوڻي دکائي.
اُن ئي ڳوٺ جي ڪن آھر جوانن اعتراض ورتو. ميڪڻ دکايل ڌوڻيءَ
کي پنھنجي چادر ۾ وجھي ڪلھي تي رکي ھلندو ٿيو. اِھا روئداد
ڏسي ڳوٺ جي بزرگن ھن کان معافي ورتي. ميڪڻ چيو، ھن ڳوٺ
۾ ٻن قسمن جا ڪتا رھن ٿا. ھڪ ڦھرين ٿا پونڪين ۽ ٻيا ڦُنيان ٿا
پونڪين. ھن بعد، ھن ڳوٺ جو نالو سڪه پوُر نه پر ’ٻڪُترا‘ رھندو.

ميڪڻ اُتان ڪنٽ ڪوٽ پھتو. اُتان ميڪڻ جنگي ڳوٺ طرف
روانو ٿيو، جتي ٻارھن سالن تائين ڌوُڻي دکائي رھيو.

بعد ۾ ھن ڪڇ جي لوڙائي ڳوٺ ۾ ڌوُڻي دُکائي. لوڙائي ۾
ھڪ مسلمان ڪنڀر رھندو ھو. نالو ھوس عمر. سندس زال جو نالو ھو
فاتما. سٺ سالن جي عمر تائين به ڪين ڪو اؤلاد نه ٿيو ھو. ٻئي

پير پيغمبر اوليا، مڙئي ويا مري،
ڇوڙ اوڏانهن جون ڳالهيون، نہ آيو ڪو وري.

چتو ڀڳت : چتو ڀڳت اصل ۾ ترجي منجي ڳوٺ جو هو. بعد ميرپور خاص جي هڇونگا ۾ آستان برپا ڪيو هو. ميگرڻ کي هن گرو ميجيو هو. ميگرڻ کيس سماڌي بعد درشن ڏنو هو ۽ پٽ سنتان جي آسيس بہ. سندس پٽ پريمجي هو. پريمجيءَ جي پٽ جو نالو پرسنارام هو. پرسنارام سڌ پرش هو. کيس ڀورو شيز يا ساڌ ڪاپڙي چيو ويندو هو. هن ڪيترين ڪرامتون ڏيکاريون هيون پرسنارام بعد گيادر خوص ڳوٺ ۾ تپسيا ڪئي. ٻارهن سالن بعد هو هڇونگا واپس آيو. ۽ سماڌي ورتي هئي. ورهاڱي تائين هڇونگا ۾ ميلو لڳندو رهندو هو.

ورهاڱي بعد ان ڪاپڙي پرمپرا جي پوئلڳن راجستان جي سانڀر ۾ آستان جوڙيو. هاڻ اُتي ميلو لڳندو آهي. از انسواءِ کي پوئلڳن ڀين هنڌ ڦهلجي وڃڻ سبب اُجين، ڪانپور، جوڌپور، گنگاپور، اجمير، جئپور، لکنوَ وغيره ۾ پرسنارام صاحب جي ورٺي ملهائي ويندي آهي ۽ ميلو لڳندو آهي.

سنڌ جي چتو ڀڳت، ڪڇ جي ميگرڻ ڪاپڙيءَ، جي جيڪا پرمپرا اپنائي، اُها سنڌي سماج جي هڪ طبقي ۾ اجا تائين موجود آهي.

پارو راجا : ميگرڻ جي جيون چرتر مان معلوم ٿئي ٿو تہ جهوڪ شريف جي ياترا وقت هو ڪيترا ڏينهن اُتي ڏوٽي ڪوڙي رهي پيو هو. هن جيڪو بندگيءَ جو چمتڪار ڏيکاريو هو ۽ قلندر کيس ڏاڙهي بخشي هئي، ان گهڻنا ڪان متاثر ٿي ڪري ڪيترا ماڻهو سندس درشن لاءِ اچڻ لڳا هئا. ڪڇ جي ڪُنريا ڳوٺ جو پارپيو نالي برهمڻ جهوڪ شريف ۾ رهندو هو. هوُ بہ سندس درشن لاءِ وڃڻ لڳو هو ۽ بعد کيس گرو ڪيو هو. ڪاپڙي ڀيکہ اختيار ڪيو. سندس پيڻ ميگهاڀائي بہ ششياڻي ٿي هئي. ميگرڻ کيس بيڏ ڏيندي سندس

ساميءَ جيئن اِندرين کي وَس ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي تيئن ميڪڻ به چيو آهي :

پيِر پيِر ڪُرو ڪريو، ناهي پيرن جي ڪاڻ،
پنج اِندريون وَس ڪريو، ته پير ٿيندا پاڻ.

پر عام اِنسان لاءِ پنج اِندريون وَس ڪري، من جي اَوديا جي مر کي ڌوئي، پرم آنند جو آنهوُ ڪرڻ مشڪل آهي. اَهڙا اِنسان ڪو ورلي ملن ٿا. ميڪڻ چوي ٿو :

ديش ڦري ڏيساوَر ڦري، ماڻهو پسيا گهڻا سُنا،
جن ڏني من لري، ميڪڻ چي، اُن جو پيو ڏڪار.

ميڪڻ جو ڪَڇي اُچارن سان سنڌيءَ ۾ چيل ڪلام نه صرف سنڌي اَدب ۾ اهميت ڀريو اِضافو ڪري سگهي ٿو پر وڇولي دور جي ڪٽل ڪڙين کي به جوڙي سگهي ٿو.

چيو وڃي ٿو ته ميڪڻ سن ١٧٢٩ع ۾ سماڌي وٺڻ کان اڳه سنڌ جي هڇُونگو ڳوٺ جي پنهنجي ڀڳت چتي کي وچن ڏنو هو ته هوُ ساڻس ملڻ ايندو. ميڪڻ اُهو واعدو پورو ڪيو هو ۽ سماڌي وٺڻ کان ڇهه مهنا پوءِ هوُ سنڌ جي چتي ڀڳت وٽ مهمان ٿي ڪري ويو هو. اُهو به چيو وڃي ٿو ته ميڪڻ جي چالاڻو ڪرڻ سان گڏ سندس يارهن ڀڳتن به زنده سماڌي ورتي هئي ۽ لاليو گڏه ۽ موتي ڪُتي به سماڌي ورتي هئي. اُهي سڀ سماڌيون اڃا تائين ڌرنگه ڳوٺ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سماڌي وٺي ڪري ميڪڻ جو هي چولو ڇڏڻ جي خبر جاڻي ڪري سنڌ جي ويڙي جپ ڳوٺ جي پارو راجا ۽ ميگها ڀائيءَ به سماڌيون ورتيون هيون. ميڪڻ اُها به اڳڪٿي ڪئي هئي ته سندس چالاڻو ڪرڻ بعد سنڌ جو پير پتنگ شاه به هتي ئي سماڌي وٺندو. شاه قلندر کان اِجازتَ وٺي پتنگ شاه ڌرنگ پهتو هو ۽ ميڪڻ جي سماڌيءَ پرسان خود به سماڌي ورتي هئي. اُها جڳهه اڄ به پير پتنگ شاه جي ويرڙي نالي مشهور آهي ۽ اُتي پير جي عبادت ڪئي ويندي آهي.

ڳجهارت جون ڳالهيون ڪيترين نه ڳوڙهيون آهن؟ تڏهن ته ميڪڻ چئي ويو آهي :

سسئي پنهوُ

سنڌيءَ ۾ سسئي ۽ پنهوُن جي قصي جي ڪا مخصوص روايت نہ رهي آهي. سنڌي لوڪ ساهتيہ جو هي مشهور قصو ڪڇ ۾ بہ اوترو ئي مشهور رهيو آهي تہ سوراشٽر ۾ سسئي ۽ پنهو نالي ٻن ندين جا نالا بہ رکيا ويا آهن ۽ سسئي نالي نديءَ مٿان بنڌُ (ڊيم) بہ ٻڌل آهي.

'شاهہ جو رسالو' ۾ هوتچند گُربخشاڻيءَ لکيو آهي تہ سسئي ۽ پنهوءَ جو قصو سنڌ ۾ نهايت مشهور آهي. هيٺ ڏنل احوال ضروري ڦير گهير بعد تحفت اِلڪرام مان اختيار ڪيو ويو آهي.

راجا دلوراءِ جي زماني ۾ ڀانڀر واهہ جي ڀَر تي نانئيا (نائون) نالي ٻانڀڻ رهندو هو. گهر واريءَ جو نالو منڌر هو. پيريءَ ۾ نياڻي ڄاون پر سندس ستاري مان معلوم ٿيو تہ سندس اَنگ مُسلمان سان اڙيل آهي. هنن ٻار صندوق ۾ وجهي ڪري درياهہ داخل ڪيو. ڀنڀر جي ڪناري تي محمد نالي ڌوبي رهندو هو. ڪيس لالا ڪري سڏيندا هئا. صندوق سندس هٿ آئي ۽ ٻار کي گود لاتائين. مٿس سسئي نالو رکيائين (منعلق ششي، چنڊ) جوانيءَ ۾ سندس سونهن پکڙجي ويئي.

ڪيچ مڪران جا قافلا ڀنڀور مان لنگهي ٿتي ۽ ٻين مُلڪن ڏانهن واپار لاءِ ويندا هئا. سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ڪيچ جي حاڪم آري ڄام جي پٽ پنهونءَ ٻڌي. هو ڪافلو سنهرائي ڀنڀور ۾ وارد ٿيو. سسئي عطر خريدڻ جي اِرادي سان ڪافلي جي منزل تي ويئي. سسئي پنهون وچ ۾ پريت جو پيچ پئجي ويو.

آري ڄام کي پتو پيو تہ هن پنهنجن ٽن پُٽن کي پنهونءَ کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. ٽئي ڀائر اُٺن تي سوار ٿي ڪري آيا. سسئي پنهونءَ جا مهمان ٿيا. ڪيترا ڏينهن جشن ملهائي هڪ رات

نالو 'پارو راجا' رکيو هو. ميکرڻ سماڌي وٺڻ جو پڌي کري ٻنهي پاءُ ييئرن بہ ويڙهي جهپ ۾ سماڌي ورتي هئي.

هن پارو راجا بابت ڀيرومل سنڌ ۽ سنڌي ۾ وستار مان سندس واقفيت ڏني آهي. کيس پارو فقير سڏيندي لکيو اٿائين تہ 'ويڙهي جهپ' جو ناماچار پارو فقير جي کري جهجهو آهي.پارو فقير کي 'پار برهم' بہ سڏيندا آهن. هو کڇ جي انجار جو وينل هو. کڇي برهمڻ هو. مئکن نالي هڪ سنياسيءَ کان اُپديش ياگر منتر وٺي يوگہ کمايائين.

سنڌ ۾ هن 'پار برهم' پرمپرا جا کيترا آستان شروع ٿيا جتي چڙي رکيہ ويندي هئي مثلن: ٽنڊو باگو، بدين، ماتلي، ٽنڊو محمد خان، ميرپور، بٺورو، دڙي حيدراباد وغيره.

ورهاڱي بعد ۾ اصل ترشول چڙي ۽ ڏوٽي ويڙي جهپ ۾ قائم رهيل رهي پوئلڳن الڳہ الڳ هنڌن تي چڙين جي استاپن کئي آهي. هر هنڌ هو هن کاپڙي چڙي جي پوجا کندا آهن ۽ ميلا لڳائيندا آهن. ميکرڻ کاپڙيءَ کان شروع ٿيل هيءَ کاپڙي پرمپرا، سنڌي سماج جي پار برهم سدا شوِ پوئلڳن، هند ۾ بہ جاري رکي آهي.

●●●

ڪندي هئي.

آري ڄام هوتاڻيءَ جي پُٽن جا نالا هئا- هوتو، لعلو، چنرو ۽ پنهو.

سسئي پيءُ سان گڏ محصول جي جاءِ تي رهندي هئي. تنهن جي ڪنن تي پنهون جي گُڻن جون ڪهاڻيون پهچنديون هيون.

مڪران ۾ ڏُڪر پيو. آري ڄام ننڍي ڪان اَن گهُريو. سسئيءَ قافلي کي روڪيو. پنهون خود ڀنڀور آيو. ٻنهي جو پريم جو پيچ ٻڌجي ويو.

سسئي جوڳڻ جا ڪپڙا ڪڍي پاتائين ۽ آسري اَللهه جي نڪري پيئي.

هن ڪٿا موجب به آري ڄام جي پُٽن جا نالا هندوڪا ٿا لڳن.

دليراءِ ڪاراڻيءَ 'ڪڇ نا لوڪ ساهتيه مان پريم ڪٿائون' ۾ سسئي پنهونءَ جي ڪٿا هن نموني ڏني آهي.

سنڌ جي ڀنڀور شهر ۾ هڪ ڌوٻي هو، سنڌ جي حاڪم دلوراءِ سوڍا جا ڪپڙا به هوُ ڌوئيندو هو. کيس اؤلاد ڪونه هو، هڪ دفعو کيس پاڻيءَ ۾ ترندڙ صندوق مان ڪنيا ملي. کيس پاليائين نالو رکيائينس، ششي - سسئي.

سسئي جوان ٿي نهايت سُندر هئي. دلوراءِ سندس قابليت ڏسي محصول وصول ڪرڻ لاءِ مُقرر ڪيو. ڪڇ مڪراڻ ۾ ڏُڪر پيو ته آري ڄام پنهنجو مال موڪلي سنڌ مان اناج گهرائڻ لاءِ قافلو روانو ڪيو. قافلي سان گڏ پنهون ۽ وزير باربل به هئا. چوُنگي ناڪي تي سسئيءَ قافلي کي محصول وصول ڪرڻ لاءِ روڪيو.

پنهون ۽ سسئيءَ جو پريم ٿي ويو. شادي ڪيائون. باربل اناج ڪڍي واپس وريو. آري ڄام پنهونءَ کي سسئيءَ جي جار مان ڇڏائڻ لاءِ ٽي پُٽ روانا ڪيا. پائر پنهونءَ کي نشو ڪرائي ڀڄائي ويا. سسئي سندس ڳولها ۾ نڪتي ڀهاڙن تان ڪائي ۾ ڪري پئي، هوا سبب ريتيءَ سان ڍڪجي وئي. سندس اوڍڻيءَ جو ڇيڙو ٻاهر رهجي ويو.

نشي جي حالت ۾ پنهونءَ کي پڄائي وڃي ويا.

سسئيءَ جي اک کلي ته گهوڙا گهوڙا ڪيائين. اُن جا پير کڻندي پنهون جي پنيان ڪاهيندي ويئي. رستي تي هڪ پنهوار جي ٻڪرڙي نظر ڪان بچڻ لاءِ هن رب کي سوال ڪيو. اي ستار، هن بي وسيليءَ جو وسيلو ٿيءُ، پهاڙ ڦاٽي پيو. هوءَ اندر گهري ويئي.

هوڏانهن پنهوءَ جو نشو لٿو. وچوڙي ۾ ڳرڻ لڳو. آري جام کان رخصت وٺي ڀنڀور طرف هليو. زمين دوز ٿيل سسئيءَ جي قبر وٽان لنگهيو ته چنيءَ پاند ٻاهر نڪتل ڏسي سنسو پيدا ٿيس. پنهوار کيس ماجرا بيان ڪري ٻڌائي. پنهونءَ خدا جي در وينتي ڪئي. مونکي پنهنجي محبوب سان هيڪاندو ڪر. جبل ڦاٽو ۽ پنهون وڃي پرينءَ سان مليو.

تحفت الڪرام ۾ ذڪر ڪيل هن روايت جي ڪٿا ۾ برهمڻ جي نياڻي مسلمان سان اَنگ اَڙڻ جي اَڪٽي آهي. پالیندڙ پيءُ جو نالو، محمد ڄاڻايو ويو آهي. پرهو لالا نالي مشهور هو. جيڪو هندڪو سنبوڌن آهي. انگ مسلمان سان اڙڻ جي اڳ ڪٽي آهي پر آري جام جي پٽن جا نالا آهن-چنري، هوتي، نوتي ۽ پنهون. هنن مان هڪ به نالو مُسلمانڪو ڪونهي.

پالیندڙ مُسلمان پيءَ نياڻيءَ جو نالو هندڪو رکيو. سسئي يعني ششي، چنڊ!!

فتحچند واسواڻيءَ به ساڳي نموني ڪٿا ڏني آهي.

چينمل پرسرام لکيل ساڳي طرز جي هن ڪٿا جا ڪي نقطا الڳ تري ٿا اَچن.

نائونءَ ٻار جي ڳڇيءَ ۾ چني لکي وڌي هئي ته هي ٻار براهمڻڪو آهي.

يعني اُن سبب مُسلم پالڪ پيءُ ٻار جو نالو هندڪو رکيو هو.

ڀنڀور ۾ هڪ ننڍو حاڪم هو، جو محصول اُڳاڙيندو هو. تنهن کي سسئيءَ جا لڇڻ وڻندا هئا. هن محمد ڌٻيءَ تي اهو ڪم ڪري رکيائين ته تون اڳتي محصول اُڳاڙج. ڌٻيءَ کي قابل ڏيءَ به مدد

رهي آهي.

سوراشٽر جي ڄامنگر ضلع جون ٻه مُکيه نديون آهن رنگمتي ۽ ناگمتي. نوانگر جو ليکڪ هرڪشن جوشي لکي ٿو ته سنڌ جا سما ڪڇ کان ٿيندا هالار ايراضيءَ ۾ آيا ۽ هت اَچي حڪومت برپا ڪيائون. هنن پنهنجي وطن جي ياد ۾ مشهور پريم ڪٿائون جي ڪردارن سسئي ۽ پونهون جي ياد کي زنده رکڻ لاءِ هنن ندين جا نالا ٿيرائي سسئي ۽ پونهون رکيو هو. (جيتوڻيڪ هاڻي وري رنگمتي ۽ ناگمتي چيو ويندو آهي). پر ناگمتي نديءَ جي مٿان ٻڌل بند کي سسئي بند (ڊيم) چيو ويندو آهي.

هن ڪٿا جون مٿئين ڄاڻايل مُختلف روايتون ڏسندي اُهو صاف نظر اچي ٿو ته تحفت الڪرام جي فارسي دانن ڪيس هٿرادو مُسلمانڪو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

• • •

پنهون جاڳيو تہ هوُ سسئيءَ سان ملڻ لاءِ واپس وريو. رستي تي اوڏٽي رئي جو چيڙو سُڃاڻي ورتو ڪيس ڏڏڪو رسيو ۽ مري ويو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪاراٽيءَ ڏوپيءَ جو نالو نہ ٻڌايو آهي. سنڌ جو حاڪم دلوُراءِ سوڍا هيو. يعنيٰ هي ڪٿا دلوُراءِ جي زماني جي نائين صديءَ جي آهي. دلوُراءِ سسئيءَ کي محصول وصول ڪرڻ لاءِ عملدار طور مُقرر ڪيو هو.

محصول وصول ڪرڻ جي ساڳئي ڳالهہ چينمل پرسرام بہ لکي آهي.

ڪاراٽيءَ هي ساڳئي ڪٿا گُجراتيءَ ۾ لکيل 'شاهہ نو رسالو' ۾ بہ لکي آهي. يعنيٰ گُجراتيءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪٿا مٿين روايت موجب رهي آهي.

اِن بعد ڪاراٽيءَ 'پريم ڪٿائو' ۾ ڪٿا جو باقي ڪٿل حصو جوڙيو آهي ۽ 'رسالو' جي مهاڳ ۾ بہ الڳ سان اِها ڳالهہ واضح ڪئي آهي تہ ڪڇ جي پراچين لوڪ ساهتيہ موجب سسئي نانئيا نالي برهمڻ جي ڌيءَ هئي. سندس ماءُ جو نالو گنگا هو. جوتشيءَ اڳڪٿي ڪئي تہ هي ڀار ڪُل جو ناس ڪندڙ ٿيندو. اِن سبب هن ڪنيا کي درياهہ ۾ واهي ڇڏيو هو. پراچين ڪڇي لوڪ ڪٿا جا هن کي دوها بہ ڏنا آهن.

मा गंगा पे नाईयुं, ते धर जाई घी
पोथा खणी पिंढ जा वरे आ वरतण जी
लिखे संधी ली, पारींधी पुनुह सें ।

ڪاراٽيءَ جي لکڻ موجب نانئون ڪڇ جو برهمڻ هو ۽ سنڌ ۾ وڃي رهيو هو. گنگارام سمراٽ جي راءِ موجب بہ اِها ڪڇ جي ڪهاڻي چئي سگهجي ٿي. مڪران وارو ڪڇ ڪڇين جو وسايل هو. فتحچندا واسواڻيءَ بہ مٿئين دوهي جو حوالو ڏنو آهي. ڪڇي روايت جي ڪٿا ۾ ڪوبہ ڪردار مسلم نالي جو نظر نہ ٿو اَچي. ڪنيا جي اَڳڪٿي بہ مسلم سان وواهہ رچائڻ جي نہ بلڪ ڪُل جو ناس ڪندڙ جي

ڏنا آهن، جي سمورا نالا هندوڪا آهن. اگر سومرا عربستان جا هئا ۽ اُتان سنڌ ۾ آيا ته سندن نالا هندوڪا ڪئين ٿيا؟ ان مان صاف ظاهر آهي ته شروعاتي دور ۾ سومرا هندو حاڪم هئا ۽ بعد ۾ مسلمان ٿيا هئا.

ليلارام لکي ٿو ته اتهاسڪارن جهڙوڪ اليٽ وغيره سومرن کي اصل هندو ئي ڄاڻايو آهي. عربن غزنوي خاندان جي پوئين بادشاه اخلاف ملتان جي هڪ سورهيه سومري سرڪردي سومراءِ کي ملتان جو خود مختيار حاڪم ٿيڻ ۾ مدد ڪئي هئي. ان مان ظاهر آهي ته سومرا هندو هئا ۽ اُتي ملتان ايراضيءَ ۾ رهندا هئا. ڪن تاريخ نويسن جو رايو آهي ته سومرا سنڌ جي پنهنجي راڄ واري دور ۾ ته مسلمان ڪونه ٿيا، پر پوءِ تبليغي پرچار ڪري سندن مسلمان ٿيڻ جو شڪ پيدا ٿئي ٿو.

هن لاءِ ۾ تاريخي وجود لڀي ٿو. دودو چنيسر جي گهڻنا تائين سومرا هندو هئڻ جو ثبوت ملي ٿو. سندن حڪومت ختم ٿيڻ بعد ۽ طاقت ٽٽڻ بعد هو مسلمان ٿيا هجن ائين ٿي سگهي ٿو.

ڪنعيالعل منشي ته گجرات ني اَسمتا اتهاس ۾ لکيو آهي ته محمد بن قاسم کان پوءِ سنڌ تي عربن جو راڄ اڌ صديءَ تائين مس رهيو هو. پوءِ هندو حاڪمن سنڌ جو قبضو پنهنجي هٿ ڪيو هو. ضليفي جي ستا ملتان جي محدود ايراضي تائين وڃي رهي هئي. سنڌ جي ودوان ديول رشي ’ديول گرنٿ‘ لکي، عربن خلاف بغاوت پئدا ڪئي هئي. سنڌ جي حاڪمن جو ڪڇ ۽ سوراشٽر جي سئنڌو حاڪمن سان سنبنڌ رهيو هو ان سبب ڪجهه سومرا ڪڇ سوراشٽر هليا ويا هئا.

ياد رهي ته سئنڌو راجا جئه درٿ ونش جا هئا. هو بعد چيندوا چوايا ۽ راڻا به. هنن سلا گڏ پور بندر طرف مير يا ميهر قدم جا سوروير به اچي رهيا هئا، جيڪي سنڌ جا سومرا هئا.

ڀگوانلال مانڪد ’سوراشٽر ناسومرا‘ ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته سومرا اکر سان ميل کائيندڙ مير سوراشٽر ۾ رهن ٿا.

سوُمرا - همير سومرو

ڪڇ ۽ سوراشٽر ۾ چڱي تعداد ۾ سومرا نالي قوم وسيل آهي. هوُ مسلمان آهن پر گجراتي اُچارن سان سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هوُ پاڻ کي اصل سنڌ جا راجپوت چوائيندا آهن. سنڌ ۾ به سومرا مسلمان وسيل آهن. سن ١٠٥٠ع کان ١٣٥٠ع تائين، ٽه سؤ سال سومرن جي سنڌ مٿان حڪومت رهي هئي. هوُ هندو هئا. پوءِ مسلمان بڻيا هئا. وقت به وقت سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري هو ڪڇ ۽ سوراشٽر ۾ وڃي وسيا هئا. سنڌن حڪومت جي ايامڪاري دوران‌نت ڪيترين ئي اهم تاريخي گهٽنائون ٿيون هيون. سنڌن بهادري ۽ عياشي جون ڪيترين لوڪ ڪٿائون جڙيل آهن. پر سنڌن اصل نسل بابت الڳ الڳ رايا هئڻ سبب سنڌن ونش جي پوري ڄاڻ ميسر ٿي نه سگهي آهي.

سنڌ جي هندن جي تاريخ ۾ ڀيرومل مهرچند جي راءِ موجب سومرا پرمار راجپوتن مان هئا. سومرو ۽ ويگهو ٻه هندو ڀائي ۽ ڀونياري ذات جا ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي، پراڻ طرف رهندا هئا. تن سومرن ئي صاحبي جو بنياد وڌو. ٻنهي ڀائرن مان سومري پوءِ دين اسلام اختيار ڪيو پر ويگهو هندو ڌرم ۾ رهيو. وڳي ڪڇ جي آڻ ۾ هڪ ڪوٽ هٿ ڪيو جو وگهه ڪوٽ سڏجڻ ۾ آيو. هي ٻئي ڀائر اصل خليفن جي پاران نائب هئا. پوءِ خود مختيار ٿيا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سومرن جو دؤر ۾ لکيو آهي ته سومرن جو سلسلو عربن سان ملي ٿو. هوُ حضرت علي رض جي اولاد مان آهن.

ڊاڪٽر بلوچ دلوراءِ کان وٺي دودو چنيسر تائين جا حوالا

قبضي ڪري بعد ڪيترا سومرا ڪڇ طرف لڏي ويا. سلطان جي مري وڃڻ بعد سنڌ ۽ گجرات دهلي سلطنت سامهون بغاوت ڪئي. جيڪي سما سنڌ ۾ رهيل هئا ڪين سومرن جي ظلم مان نجات ملي هئي. هنن ٺٽي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سنڌ جي هنن سمن بعد مسلم ڌرم اختيار ڪيو پر ڪڇ ۾ رهيل سما هندو بڻيا رهيا.

سومرن بنسبت مختلف راين تي 'سنڌ جي کوج' ۾ جيرامداس دولترام ۽ سوراشٽر نو اِتهاس' ۾ شنڀوپرساد ديسائيءَ وستار سان چند چاڻ ڪئي آهي، ته دليراءِ ڪاراٽيءَ ڪڇ علائقي ۾ ڪي لوڪ ڪٿائون ۾ ڏنيون آهن.

جيرامداس تاريخ معصومي ۾ لکيل سومرن جي چوڏهن حاڪمن جا نالا ڏنا آهن. پهريون حاڪم چندر جوپٽ سومرو ڄاڻايو ويو آهي ۽ آخرين همير سومرو. شنڀو پرساد لکيو آهي ته سومرا يادو ڪل جا هئا ۽ همير هندو هيو.

سنڌ جي تاريخ ۾ همير سومرو هڪ نالي رو ڪردار رهيو آهي. ان سان گڏ گجراتي ۽ ڪڇي تاريخ جو به هو هڪ اهم ۽ ناليرو ڪردار رهيو آهي.

ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙي ساهتيه خاص طور لوڪ ڪٿائن ۾ همير هڪ ناليرو ڪردار بڻجي رهيو آهي. هنن ڪٿائن ۾ همير جي بهادري. لڙاين جا ذڪر آهن ته سندس عياشي زندگي ۽ زور ظلم جا ذڪر به ملن ٿا.

سورٺ جي راءِ کينگار جي پٽ نوگهڻ جي ڌرم جي ڀيڻ هئي جاسل. همير جاسل کي ڀڄايو ته نوگهه سنڌ مٿان حملو ڪيو هو. همير آڻ مڃي جاسل واپس ڪئي هئي.

همير سومري ٿرپارڪر جي حڪمران ڪيسر کي هارايو هو. ڪيسر جو پٽ هرپال پاڻ هليو ويو. بعد ۾ سوراشٽر ۾ جهالا گهراڻي جو راڄ برپا ڪيو.

همير چارڻن سان ٽپائي ڪنئي هئي. ان سبب چارڻ سنڌ مان ڀڄي سوراشٽر هليا ويا. آسٽا جي ديوي، کوڙيار ماتا جي

سومرا سردار بہ ڄام سڏبا هئا. هو ڄام راول سان سنڌ مان ڪڇ ۽ بعد ڪڇ سوراشٽر ۾ اچي رهيا.

’سنڌ جا اڳوڻا هندو‘ ۾ ٽيڪچند نولراء بہ لکيو آهي تہ سومرا پرمار راجپوت هئا ۽ راجستان کان سنڌ ۾ آيا هئا. ’سنڌ ۽ اسان جو ورثو‘ ۾ موتيرام رامواڻي ساڳيو ڀيرومل جهڙو احوال لکندي کين پرما راجپوت سڏيو آهي.

هرڪشن جوشيءَ مختلف رايا پيش ڪندي لکيو آهي تہ سومرا سنڌ جا هندو راجپوت هئا.

سن ۱۴۷۳ع ۾ محمد بيگڙي سنڌ جيتڻ بعد هو مسلمان ٿيا هئا ۽ ڪي سوراشٽر طرف هليا آيا هئا. سوراشٽر ۾ هو موربي ڌرول ڄامنگر طرف اچي وسيا. محمود غزنوي جي حملي وقت هو پرڀاس پاٽڻ (ويراول) ۾ اچي رهيا ۽ مسلمان بڻيا. اُهي سومرا، جيڪي پرڀاس پاٽڻ ۾ مسلمان ٿيا آهي پٽڻي چورايا. پاٽي پرڻ جو ڪم ڪندڙ پکالي يا پستي چوايا.

ڪڇ تاري اسمتا موجب سومرا، مسلم ٽيل سمن سان گڏ ڪڇ ويا هئا. هو سنڌي راجپوت هئا ۽ علاوالدين خلجي ۽ محمد بيگڙي جي حملن بعد مسلمان ٿيا هئا. سومرا لڙاڪو جاتي آهي. سنڌ ۾ حاڪم ۽ جاگيردار هئا. ڪڇ ۾ هو کيتي ڪندا آهن چوپائو ڌڻ پاليندا آهن. هوُ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. ڪي سومرا اُٺ گاڏي هلائيندا آهن ۽ تيل جي گهاڻي پيهڻ جو ڪم ڪندا آهن. اُهي چاڪي چوائجندا آهن.

’ڪاٺياواڙ سرو سنگره‘ ۾ لکيل آهي تہ سوراشٽر ۾ آيل سومرا اصل ۾ سنڌ جا راجپوت هئا. بعد مسلمان ٿيا. سوراشٽر ۾ هو مزوري جو ڪم ڪندا آهن، سندن حالت مسڪيني رهي آهي.

’د بلئڪ هلس‘ جي ليکڪ رشبروڪ وليمس لکيو آهي تہ سن ۱۰۵۳ع ۾ سومرا خود مختيار بڻيا. ڏکڻ سنڌ جي اوڀر طرف هنن پنهنجي حڪومت برپا ڪئي هئي. هنن جو سما راجپوتن سان سنبنڌ هوندو هو. علاولدين خلجي سندن حڪومت

ڪري ڪين امرتا بخشي آهي.

شاهه صاحب دودو چنيسر ڪٿا کي پنهن ڪٿائن جيان پنهنجي ڪوتا ۾ پيو ڪونهي پر ڪيترن بيتن ۾ ابڙو سپڙ، ڄام آري، موڙ وغيره ڪردارن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ڪردارن جي اهم ڀومڪا رهي آهي ۽ مکيه ڪردارن سان سنبنڌ رهيو آهي.

دودو چنيسر جي ڪٿا صرف دودو جي قربانيءَ سان پوري نٿي ٿئي. پر سنڌ جي لڄ جي رکيا ڪندڙن جي قربانيءَ سان اُها ڪڇ ۾ پوري ٿي ٿئي. ڪڇ ۾ اُن ڪٿا جا يادگار اڄ به موجود آهن. هيءَ ڪٿا محض هڪ لوڪ ڪٿا ڪونهي. پر تاريخي حقيقت به آهي. ۽ اهوئي سبب آهي جو هن ڪٿا تي ڪڇيءَ ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ ڪڇ جي اِتهاس ۾ هن ڪٿا جي گهٽنائن کي اهميت ڏني ويئي آهي.

پر جيئن ته هن تاريخي گهٽنا، لوڪ ڪٿا جو روپ اختيار ڪيو آهي، سوپاوڪ طور لوڪ ڪٿائن جي پيش ڪش ۾ ڪئي ڪئي تبديليون به ٿينديون رهيون آهن. ان هوندي به ڪٿا جو تت هڪ جهڙو رهيو آهي.

● ● ●

ڳهڻنا سان بہ همير جو نالو جوڙيو ويو آهي.

سپڙ داتار سوننگہ چارڻ کي دان ۾ ڳهوڙيون ڏنيون. ڳهوڙيون وٺي هو همير سومري جي حد مان لنگهي رهيو هو تہ سومري جي سردارن کانئس ڏن گهريو. چارڻ انڪار ڪندي ممڻ متو. همير کي جاڻ ڪئي ويئي. هوُ سئنڪ وٺي ڪهي آيو. چارڻ پنهنجي واقفيت ڏيندي ڪيس واپس وڃڻ لاءِ چيو. همير بہ نياز ظاهر ڪندي ڪيس ڇڏي ڏنو.

سوننگہ چارڻ دوهي ۾ چيو هيس :

हली आपें हमीर, चांप डीयण चारण मथे,
परज पाछों पीर, सोनंग पटां सूमरा ।

سمائن جو چوپائو ڏڻ سومرن جي حد ۾ گهسي سندن کيت ناس ڪري ايندو هو. آخر همير سومري جنگہ جوٽڻ جي تياري ڪئي. هالا سما جي سهٽي ڏيءَ تي نظر پوندي هن ٻانهہ جي گهر ڪئي. لڙائي ٽارڻ لاءِ هالا سما ڌيءَ جو سنگہ ڏيڻ جي رضامندي ڏني. هالا جي پٽن کي هي رشتو منظور ڪونہ هو. وواه تي گذريو. ڪيسر مکواڻي مٿان جيت حاصل ڪري ۽ ٻين لڙاين ۾ بہ جيت حاصل ڪري همير جو ايمان وڌي ويو هو. هن پنهنجي سيڻ هالا سما جو ان ايمان وڃان اپمان ڪيو. هالا جي پٽ هوٽ ۽ هنگورجيءَ سمن جو لشڪر وٺي همير مٿان حملو ڪيو. هالي جي ٻالي سان همير جو ڪم تمام تي ويو.

همير سومرو سان وابسڪ ڪيتريون ڪٿائون مشهور آهن تيئن سومرا حاڪم گهراڻي سان واسطو رکندڙ مشهور ڪٿا آهي- دودو چنيسر جي. تاريخي گهٽنائن سان وابسط هيءَ لوڪ ڪٿا جيترو سنڌين ۾ مشهور آهي اوترو ڪڇ ۽ سوراشٽر ۾ بہ. هن ڪٿا جي گهٽنائن جو واسطو ڪڇ سان بہ رهيو آهي ان سبب ڪڇ جي مکيہ لوڪ ڪٿائن ۾ هن ڪٿا جو بہ ذڪر ڪيو ويندو آهي.

شاه لطيف ڪڇ سنڌ جي لوڪ ڪٿائن کي ڪوتا ۾ پوئي

ڳادي خالي ٿيندي وجرناڀ ڪٽنب سميت مصر مٿان وچي راڄ ڪيو.

صدين تائين مصر مٿان وجرناڀ جي ونش جو راڄ رهيو. چاونجاهي پيڙهيءَ ۾ ڳروَ ڳوُڙ راجا وقت، روم وارن اجپت مٿان حملو ڪيو. ڳروَ ڳوڙ قابل طرف هليو ويو ۽ قابل قبضي ڪري راڄ برپا ڪيو. سندس ڪل ۾ سُرسينجي راجا ٿيو. (سنبت ٦١٢-٦٠٣) هن سنڌ جو لوهاري پرڳڻو هٿ ڪري راڄ جو وستار ڪيو. سندس پوٽو هيو ديويندر (سنبت ٦٨٣-٦٢٨) ان عرصي ۾ اسلام ڌرم جو ڦهلاوَ شروع ٿيو هو. سرسينجي ۽ ديويندر وقت سندن راڄ جو وستار مصر جي حصي کان وٺي قابل ۽ سنڌ جي پرڳڻي تائين هو. سندن ڏاڪ سبب اسلام اجا اوستائين ڦهلجي نہ سگهيو هو.

ديويندر بعد وڏو پٽ اَسپت مصر جي حصي جي ڳاديءَ تي ويٺو. باقي ٽن ڀائرن سريا، ايران ۽ افغانستان جون ڳاديون سنڀاليون ڳجپت سنبت ٧٠٨ ۾ ڳجني نالي نگر برپا ڪيو، جو پوءِ غزني نالي مشهور ٿيو. بعد ڳجپت پنهنجي ڀاءُ نرپت کي ڳادي سونپي ۽ ڪيس ’جام‘ پدوي عطا ڪري، پاڻ سوراشٽر طرف هليو ويو. جڏهن ۽ پوُپت غزني ۽ خراسن جي وچ واري علاقعي جو حاڪم بڻيو. چئني ڀائرن مان مصر طرف راڄ ڪندڙ وڏو ڀاءُ اَسپت، بعد ڌرم بدلائي مسلمان بڻيو.

نرپت افغانستان ۾ پنهنجي طاقت وڌائي. سنبت ٦٨٣ کان ٧٠١ تائين هن راڄ ڪيو. ان بعد سندس پٽ سامت، جنهن کي سمو بہ چيو ويندو هو، ڳاديءَ تي براجمان ٿيو. ايران ۽ ترڪستان جي مسلمانن ڳڏجي سندس مٿان حملو ڪيو تہ سمو غزني ڇڏي سنڌ جي لوهاري پرڳڻي ۾ هليو آيو. سنبت ٧٥٧ تائين هن اُتي راڄ ڪرڻ سان ڳڏ راڄ جو وستار بہ ڪيو. سمي جي سنڌ ۾ راڄ برپا ڪرڻ بعد، سنڌ ۾ سما ونش جي شروعات ٿي.

سنڌ ۾ سما گهراڻو شروع ڪندڙ ڄام سمو (سنبت ٧٠١-٧٥٧) گذاري وڃڻ بعد، سندس پٽ ڄام جيهو ڳادي نشين ٿيو. سندس وقت ۾ محمد پيغمبر جو انتقال ٿيو هو ۽ خليفي عمر ايران هٿ

سما - جاڙيجا

سنڌ ۽ گجرات جي ناتن تي مختصر روشني وجھندي پيرومل مهرچند لکيو آهي : قديم زماني ۾ گجرات ۽ راجستان وارا پاسا سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. ڪڇ جو راءُ جاڙيجن جي نسل مان آهي. سنڌ ۾ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جو قصو مشهور آهي. راءِ ڏياچ سنڌ جي چوڙا سما راجپوتن مان هو.

تريتا يگ جي ٽئين چرن ۾ سُرت راجا بعد ڪو راجا ڪونہ هو. اُن سبب اندر چندرما کي پرٿوي سنڀالڻ جي آگيا ڪئي، جنھن مان چندر ونش جي شروعات ٿي. چندر جي ڇھين پيڙهيءَ ۾ يياتي ٿيو. يياتيءَ جو پٽ هو يدوُ، جنھن بعد يدوَ ونش شروع ٿيو. چندر ونش جي چاونجھائي پيڙهيءَ ۾ شري ڪرشن ٿيو. ڪرشن ڪنس جو خاتمو ڪيو هو. اُن سبب ڪنس جي سهري جراسنگھ متراتي چڙهائي ڪئي. ڪرشن مترا ڇڏي سوراشٽر هليو ويو ۽ اُتي دوارڪا نگري برپا ڪئي. ڪرشن کي اٺ راڻيون هيون. پٽ راڻي رڪمڻي قنڌار جي ڪندن پور جي راجا ڀيمڪ جي ڌيءُ هئي. سندن پٽ پرڌيومن جو پٽ هو اَنيروُڌ. اُهو انيروُڌ مصر (اجپت) جي راڄ باڻاسُر جي راجڪماري اُشا کي ڀڄائي آيو هو. هن گھٽنا بنسبت اُشا ۽ اوکا هرڻ نالي لوڪ ڪٿا بہ مشهور آهي دوارڪا جي پرسان اوکا بنور بہ آهي. اِها ايراضي اوکا منڊل نالي مشهور آهي.

درواسا رشي جي سراپ سبب يادو ڪُل جا ماڻهو پاڻ ۾ ئي وڙهي مئا. پپل جي وڻ هيٺيان سمهيل ڪرشن کي بہ تير لڳو. ديھہ ڇڏڻ کان اڳ هن پنھنجي سارٿي اُڌو کي هدايت ڪئي تہ ارجن کي جاڻ ڪئي وڃي تہ هوُ سنڌس ڪٽنب کي اندر پرست وٺي وڃي ۽ اُتي پرپوٽي وجرناڀ جو راڄ تلڪ ڪيو وڃي.

وجرناڀ جي ناناڻي مصر ۾ باڻاسر جي موت بعد مصر جي

خوف کان موٽ سنڌ مان پڇي ڪري ڪڇ هليو ويو.

اُن جي هتيا بعد نگر سمئيا جي گاديءَ تي سنبت ۹۹۱ ۾ سندس پٽ جام سمو ويٺو. هوُ عمر ۾ ننڍو هئڻ سبب، سندس ڏاڏي گوهل راٺيءَ هوشياريءَ سان راڄ ڪاروبار هلايو. وڏو ٿيڻ بعد هوُ سنڌ جو هڪ قابل ۽ بهادر راجا ثابت ٿيو. سندس ايام ڪاريءَ ۾ خراسان جي بادشاه نصيرودين سنڌ مٿان چڙهائي ڪئي هئي پر جام سما کيس شڪست ڏيئي پنجاب طرف هڪالي ڪڍيو هو. سنبت ۱۰۴۱ تائين هن سنڌ مٿان پنجاه سال راڄ ڪيو.

سمي بعد جام ڪاڪو (سنبت ۱۰۴۱-۱۰۶۲) گاديءَ تي ويٺو ۽ ان بعد جام راءِ گهڻ آيو (سنبت ۱۰۶۲-۱۰۹۲) راءِ گهڻ جي وقت ۾ محمد غزنيءَ هندستان تي حملو ڪري سومنات مندر ٽوڙيو هو. گڏيل مقابلو ڪرڻ بجاءِ هندستان جي الڳ الڳ راجائن پنهنجي پنهنجي ايراضيءَ ۾ سندس مقابلو ڪيو هو. سنڌ ۾ راءِ گهڻ به غزنيءَ سامهون لڙهيو هو.

راءِ گهڻ بعد جام پرتاپ ۽ ان بعد جام سانڌيڙ گاديءَ تي ويٺا.

سانڌ يڙ کي ٻه پٽ هئا جاڙو ۽ ويرجي. سنبت ۱۱۸۲ ۾ جاڙو گاديءَ تي ويٺو کيس پٽ سنتان ڪونه هيو. سندس ياءُ ويرجيءَ کي لاکو ۽ لاکيار نالي ٻه جاڙا پٽ ڄاوا هئا. ان سبب جام جاڙي، پنهنجي ڀائٽي لاکي کي گود کڻي پنهنجو پٽ ڪيو. جاڙي کي بعد ۾ پٽ سنتان ٿيو هو جنهن جو نالو هو گهايوجي. پر هن گود ورتل وڏي پٽ لاکي کي گادي سونپي.

جام لاکو سنبت ۱۲۰۳، عيسوي سن ۱۱۴۷ ۾ گاديءَ تي ته ويٺو. پر سندس ماٽيلي ياءُ گهايوجيءَ گاديءَ مٿان پنهنجو حق ڇڪيو. ان گهڙوَ ڇڪتاڻ کان تنگ اچي ڪري، لاکو، پنهنجي سڳي ياءِ لاکيار کي ساڻ وٺي ڪري، سنڌ ڇڏي، ڪڇ طرف هليو ويو.

ڪڇ جي وڏي حصي تي تن ڏينهن ۾ چاوڙائن جو راڄ هو. ڪن ايراضين ۾ پڍيار، واگهيلا ۽ سوڍن جو راڄ هو. جام لاکي پنجوجي چاوڙا کي هارائي هڪ علائقو هٿ ڪرڻ بعد مياٺيءَ جو

ڪرڻ بعد هندستان مٿان چڙهائي ڪئي هئي، پر ڄام ڄيها سنڌ جي سرحد تان ئي کيس واپس موٽڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.

ڄام ڄيها سنبت ٨٣١ ۾ گذاري وڃڻ بعد سنڌس پٽ نيتا (سنبت ٨٣١-٨٥٥) گاديءَ تي ويٺو هو. ان کان اڳ عربن سنڌ جي مکيہ راجا ڏاهرسين کي شڪست ڏيئي سنڌ قبضي ڪئي هئي. سنڌ جي ننڍن راجائن ۽ صوبن کان ڏن ۽ محصول وصول ڪئي هئي. پر ڄام نيتا ڪنڍٽي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. خليفي موڪليل. لشڪر جو مقابلو ڪري کين هڪالي ڪڍيو ۽ پنهنجي خود مختياري جاري رکي. سنڌس پٽ نوتيار (سنبت ٨٥٥-٨٧٠) جي ڏينهن ۾ ايران جي شهزادي مامو رشيد چتوڙ ڳڙه مٿان حملو ڪيو هو. ميواڙ مان هار کائي هوُ موٽي رهيو هو تہ نوتيار سنڌس مٿان حملو ڪري سڀ هٿيار سامان قبضي ڪري، کيس خالي هٿين ايران موٽي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. سنڌس پٽ اوڏار روم جي راجا وٽ پنهنجو ايلچي موڪليو. سنڌ جي واپار جو دائرو وڌايو هو. سنڌس پنجين پيڙهيءَ ۾ ڄام لاکيام پيڙ ٿيو. هن سنڌ ۾ سما گهرائي جو راڄ شروع ڪندڙ ڄام سما جي ياد ۾ نگر سميئا نالي نئون نگر برپا ڪيو، ۽ راڄ گادي بڻايو. (نگر ٺٽو) لاکيار سنبت ٩٤٢ کان ٩٥٦ تائين راڄ ڪيو.

لاکيار بعد سنبت ٩٥٦ ۾ سنڌس پٽ لکپت نگر سمئيا جي گاديءَ تي ويٺو. هو ڪسرتباز قداور ۽ بهادر هو. سنڌس گرجنا ايتري تہ ڏهڪائيندڙ هوندي هئي جو سنڌس نالو ’لاکو ڏرارو‘ نالي مشهور ٿي ويو. سنڌس جيون سان وابسط ڪيتريون ئي لوڪ ڪٿائون ڪڇ ۽ سوراشٽر ۾ ڦهليل آهن. ڪابل جي بادشاہ سلطان شاہ سنڌ مٿان حملو ڪيو. لاکي ڏراري کيس شڪست ڏني هئي. سنڌس ڏينهن ۾ ئي سنڌ ۾ مينگهوال زاٽ جي ماتنگہ ديو جو جنم ٿيو هو. بعد سنڌس پٽ ڄام اُنڙ گاديءَ تي ويٺو هو. ڏرماتما ۽ مهان دانيشور هو تہ پراڪرمي بہ هو. هن پنج سال راڄ ڪري پنهنجي خوشيءَ سان گاديءَ جو تياڳ ڪيو. سنڌس نالي سان سنڌس ماٽيلو ڀاءُ موڙ راڄ جو ڪاروبار هلائڻ لڳو پر سنڌس سڳي ڀاءُ منائيءَ اُنڙ جي هتيا ڪري ڇڏي. اُنڙ جي هتيا جو صدمو نہ سهي سگهندي ۽ ماٽيلي ماءُ جي

ٿيندي مالڪن جو چوپائو مال چارڻ لاءِ وڃڻ لڳو. هڪ لوهار جي ڳابي به چارڻ لاءِ وٺي ويندو هو. لوهار کيس هڪ ڀالو سانگ ٺاهي ڏنو هو. جهنگل ۾ ڦول پاڻ مرادو سانگ سان نشان بازي سکڻ لڳو.

نگر جي سرحد تي هڪ شينهن قهر مچايو هو. ان سبب ڪن سپاهين سان گڏجي راجا دلوراءِ شينهن کي مارڻ نڪتو. جهنگل ۾ شينهن راجا جي هاٿيءَ تي حملو ڪيو. بلڪل تنهن وقت، جهنگل ۾ اَن هنڌ بيٺل ڦول، سانگ سان شينهن مٿان وار ڪيو. شينهن مري ويو. محل ۾ موٽڻ بعد راجا ڦول ۽ سندس ماءُ کي گهرائي پنهنجو شڪ ظاهر ڪيو ته هي ٻالڪ ڪنهن ٻانهيءَ جو پٽ ٿي نٿو سگهي. ٻانهيءَ وقت آيل ڏسي سچي حقيقت ظاهر ڪئي. راجا بيحد خوش ٿيو. کيس محل ۾ جڳهه ڏني. بعد پنهنجي ڌيءَ ڦول ڪمار سان پرڻائي. اُن بعد پنهنجو لشڪر ڏئي ڦول کي پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو. ڦول ڪڇ جي سرحد تي پهچي ڏيرو ڄمايو. هڪ ڳوٺ برپا ڪيو. ٻانهي ڦراڪ جو صحيح نالو جنڪئي هو. هن جي ياد قائم رکڻ لاءِ ان ڳوٺ جو نالو جينڪئي رکيو.

سندس پيءُ جي هتيا ڪري راڄ قبضي ڪندڙ ڏرڻ واگهيلا کي هن چوائي موڪليو ڄام ساڙ جو پٽ ڄام ڦول مان زنده آهيان. هاڻ يا پيش پوُيالڙائي ڪر'. سنڌ جي دلوراءِ جي لشڪر سامهون لڙهڻ جي واگهيلا ۾ همٿ ڪونه هئي. هن راڄ ڦول کي واپس ڪيو ۽ صلح خاطر پنهنجي ڌيءَ به هن سان پرڻائي.

ڪڇ ۾ وري سنڌ جي سما گهرائي جو راڄ قائم ٿيو.

ڄام ڦول کي به پٽ هئا. لاکو ۽ گهائو سن ٨٥٥ ۾ لاکي جو جنم ٿيو. ڦوُل جو پٽ هئڻ سبب هوُ ڦوُلاڻ چوايو ۽ لاکو ڦولاڻ نالي مشهور ٿيو. هوُ سهڻو ذهين، اُدار ۽ بهادر هو.

گرنار جي ونٿليءَ مٿان گجرات جي مولراج سولنڪيءَ حملو ڪيو. ونٿليءَ جي گرهاپو چوڙاسما لاکي کي مدد لاءِ گهرايو. اُت ڪوٽ نزديڪ ٿيل لڙائي ۾ مولراج جي هٿان لاکو مارجي ويو. هيءَ گهٽنا سن ٩٧٩ جي آهي.

لاکي ڦولاڻيءَ بنسبت ڪيترين ئي لوڪ ۽ ڏند ڪٿائون

پرڳڻو قبضي ڪيو. بعد پڌرڳڙه نذديڪ لاکيار ويرو نالي ڳوٺ برپا ڪيو. هن نئين ڳوٺ جو نالو هن پنهنجي پاءُ لاکيار تي رکيو هو. ڪڇ جي چڱي ايراضي هٿ ڪرڻ بعد جام لاکي ان نئين ڳوٺ کي پنهنجي راڄڌاني بڻايو. هڪ سال دوران انهن حاصلاتن بعد، هن سن ۱۱۴۸ ۾ ڪڇ ۾ الڳ جاڙيجا گهراڻ جو راڄ برپا ڪيو.

جاڙيجا : سنڌ جا سما ڪُل جا راجپوت جاڙيجا ڪيئن چوائيجيا. ان بابت ڏند ڪٿائون ملن ٿيون، پر تاريخ نويس شنڀوپرساد، ديسائيءَ جي راءِ موجب جاڙي جو پٽ هئڻ سبب هو جاڙيجو چوايو. ساڳئي وقت هن اِهو بہ ڄاڻايو آهي تہ سنڌي ۾ ٻيلڙا ڄاول ٻارن کي 'جاڙا ٻار' چيو ويندو آهي. لاکو ۽ لاکيار ٻيلڙا جاڙا پائر هئا ان سبب ۽ هوُ، جاڙا ۽ جاڙيجا چوايا.

سنڌ مان پڃي ڪري، جام موڙ ڪڇ قبضي ڪري اُتي سما گهرائي جو راڄ برپا ڪيو هو. هن جي گذاري وڃڻ بعد سندس پٽ جام ساڙ ڳاديءَ تي ويٺو. هن قلع جوڙايو ۽ ان جو نالو ڪنٿ ڪوٽ رکيو راڄ ڳادي بہ اُتي برپا ڪئي.

سندس وڏنڊڙ طاقت ۽ قلع ڏسي، سندس سالي ڏرڻ واگهيلا کي ايرکا ٿي. هن کيس دعوت ڏئي روٽيءَ ۾ زهر ملائي کيس ماري ڇڏيو ۽ راڄ قبضي ڪيو. ساڙ جو پٽ ڦوُل صرف ڇهن مهنن جو هو. هن پنهنجي اُن پاٽيجي کي بہ مارائڻ چاهيو. ساڙ جي راڻي پنهنجي ٻانهي 'ڦارڪ' کي ڦول ڪمار سونپيندي کيس سنڌ پڃي وڃڻ لاءِ چيو. ڦارڪ کي اوتري عمر جو پنهنجو پٽ بہ هو. هوُءَ ٻنهي ٻارن کي ٽوڪريءَ ۾ کڻي پڃي نڪتي.

گهرڻ واگهيلا ڦول ڪمار جي ڳولها ۾ گهوڙيسوارن کي ڊوڙايو. پريان ڪان سوارن کي ايندو ڏسي ٻانهيءَ ٻنهي ٻارن جا ڪپڙا بدلائي ڇڏيا. سوارن راجڪمار جا ڪپڙا پاتل ٻانهيءَ جي ٻار کي ماري ڇڏيو. ڪڇ جو راڄ واگهيلن جي قبضي ٿي ويو.

ٻانهي ڦارڪ ڪمار ڦول کي کڻي سنڌ جي ٻانياٽاسر نگر پهتي. اُتان جي راجا دلوُراءِ جا ڪارپاري هئا آجو ۽ اڻگور ٻانهي اُنهن وٽ نوڪرياڻي ٿي ڪم ڪيو ۽ ڦول کي پاليو. ڦول ٿورو وڏو

راو کينگهار سن ١٥٤٩ ۾ ڀڄ ۾ قلع جوڙائي نگر وسايو کينگهار سن ١٥٨٦ ۾ گذاري وڃڻ بعد بہ سنڌ جي سمن جو جاڙيجا گهراڻي جي ناليِ اِهو راڄ سلسلو ويهين صديءَ جي ورهاڱي تائين هلندو آيو.

ڪڇ ۾ شروعات کان ئي هندو گهراڻن جو راڄ رهيو آهي. هنن سڀني حاڪمن هندو سنسڪرتيءَ کي برقرار رکيو آهي. مسلم پرجا کي اسلام مذهب اپنائڻ جي هر چوٽ چاٽ ڏيڻ سان گڏ پوڄا پاٺ، ريت رسمون، وشواس اسٿائون ساهتيہ ڪلا هر لحاظ کان ڪڇ ۾ هندو سڀيتا محفوظ رهي آهي.

●●●

مشهور آهن.

لاکي ڦولاڻيءَ کي ڪو سنتان ڪونہ هو. سندس ڀائٽيو ڄام پونئڙو ڪڇ جي گاديءَ تي وينو. گجرات جي آهي ونراج حملو ڪري ڪڇ قبضي ڪري ورتو ۽ ايئن ڪڇ ڀائڻ گجرات جي مولراج سولنڪيءَ جي ستا هيٺ اچي ويو.

سنڌ جي ڄام اُنڙ جي هتيا ڪري ڄام موڙ ڪڇ ۾ سنڌ جي سمن جي ستا برپا ڪئي. لاکو ڦولاڻيءَ بعد اَها ستا ختم ٿي ويئي ۽ ڪڇ، گجرات جو طعبيدار ٿي ويو.

پر ڏيڍ صدي بعد ڪڇ ڀيهر سنڌ جي سمن هٿ ڪيو. سنڌ جي لاکي ۽ سندس ڀاءُ لکڌير ڪڇ جو چڱو حصو هٿ ڪيو. لاکو ۽ لکڌير ٻئي جاڙا ڀائر بہ هئا. هوُ جاڙيجا چوائجندا هئا. سنڌ جي سمن جو هاڻ جاڙيجا نالي ڪڇ مٿان راڄ قائم ٿيو هو. ڄام لاکو جاڙيجا، سن ۱۱۷۵ ۾ گذاري وڃڻ بعد، ڪڇ سنڌ جي سمن جي ماتحت رهيو.

ڀچ جي اِسٿاپنا سان ناگہ لوڪن جي لوڪ ڪٿا بہ جڙيل آهي. ڪڇ جي اُتر ۾ ناگہ لوڪن جو ڪافي زور هو. ڀُجنگہ سندن سردار هيو ۽ ڪافي طاقتور هيو.

ان ايراضيءَ ۾ سنگهار لوڪن جي طاقت بہ وڌندڙ هئي. ان سبب ناگہ ۽ سنگهار لوڪن وچ ۾ لڙايون جهڳڙا ٿيندا رهندا هئا.

ڀيريئو نالي هڪ ناگہ جوان جو سگٽي نالي سنگهار ڇوڪريءَ سان پيار هيو. سگٽي اِهو شرط وڌو تہ ڀيريئو اگر بهادر آهي تہ ڀجنگہ کي هارائي ڏيکاري. ڀيريئو ۽ ڀجنگہ جي وچ ۾ لڙائي لڳي ڀجنگہ سوراشٽر جي نوانگر طرف ڀڳو. ڀيريئو اُتي بہ پيڇو ڪيس. ڀجنگہ واپس ڪڇ طرف ڀڳو. ڀهاڙن تي ڀجنگہ جي طاقت وڌي ويندي هئي. ڀچ ايراضيءَ جي ڀهاڙن تي ڀهچندي ڀجنگہ جي طاقت وڌي ويئي. هُن ڀيريئو کي هارائي ماري ڇڏيو. ڀيريئو جي پريمڪا سگٽي ستي ٿي ويئي. ڀهاڙ جي اُها ايراضي ڀُجنگہ نالي مشهور ٿي ويئي. ڀجنگہ جي نالي پٺيان اهو علائقو ڀُڄ سڏجڻ ۾ آيو.

ڳوٺهي دان ڪندو آهي.

اوڍي جَڙائيءَ چوپائي ڏڻ جو ايڏو ته دان ڏنو آهي جو انهن پشن جي پيرن سان اُڏيل ڏوڙ ۾ هيا داتار ڏهجي ويا آهن.

وينجهو وڪيو ۽ جکرو به آتم داتار آهن. ڪپڙن جا ڍير دان ڪيا آهن. (جکرو، هوٿل پدمٽي ڪٿا وارو)

هئت (هٽند) ڏياٽي به مشهور آهي.

رادياس ته پنهنجو مٿو چارڻ کي دان ڪيو هو.

سوڍي راٺا چاند ته ايتري دانويرتا ڏيکاري جو مهاپرش ۾ منجهي وڃن. هن پارڪر جي زمين جو نالو روشن ڪيو. (چاند، عمر مارئي ڪٿا وارو)

جام جکرو اوڍاڻيءَ جي دانويرتا جو ڪو حساب ڪونهي.

پنهنجي ساراه ٻڌڻ بجاءِ ٻين جا واکاڻ ٻڌي لاکو ڦولاڻي غصي ٿي ويو. هن چيو، داتار پنهنجو مٿو دان ۾ ڏيندا هئا ته چارڻ به ان سان گڏ سڙي مرندا هئا. اڄ اهڙا چارڻ به ڪٿي آهن؟ (اِشارو چارڻ ٻيجل طرف آهي).

سمنگ ۾ چئي ڏنس ته اگر تون پنهنجو مٿو مونکي دان ڪرين ته مان به توسان گڏ چتا تي چڙهڻ لاءِ تيار آهيان.

لاکي چيس : چنيائي ٻيلي ۾ پيلوُ جام ٿيندا آهن. ڳاڏن جا ڳاڏا ڀرجن. پر نون ٿورا پيلو به اگر اُتان جي حاڪم وڪيو کان وٺي آڻي ڏيکار ته چوان. (پيلوُ ليار کان ننڍي ماپ جو ليار جهڙو سونهري رنگ جو جهنگلي ميوو آهي پيوُن).

سمنگ چيس : هن وقت پيلوءَ : جي موسم ڪونهي.

لاکي چيس : اگر پيلو نه ڏئي سگهي ته مٿو گهري اڇيس!

لاکي جو هي غير واجب ضد هو. سمنگ ٻيلي ۾ وڃي پهتو. وکئي سمنگ جو اُدرياءَ ڪيو. سمنگ پنهنجي اچڻ جو سبب ٻڌايو. وکٽي ٻُنائيءَ به چيس ته هن وقت پيلوَ جي موسم ڪونهي. پر اندر ۾ اِهو به سمجهي ويو ته بنا موسم جي شئي گهرڻ ڀنيان ڪو راز هوندو. هن حلواڻيءَ ۽ سوناري کي گهرايو. سون جا پيلو ٺهرائي آهي چاسٽيءَ ۾ ٻوڙائي. پيلن جو ٿالهه سهنگ کي ڏنو. سمنگ چکي

دانوير

سنڌي ساهتيہ جو اتهاس ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي : سما بادشاہ سخا ۽ ديا جي ڪري مشهور هئا. جا جڪن ۽ ڀٽ چارڻن کي هو دل گهريا دان ڏيندا هئا. سمنگ چارڻ کان جڏهن لاکي ڦولاڻي پڇيو تہ مون جهڙا سورهيہ ۽ سخي ڪي توکي سُجهن تڏهن سمنگ چيو : سائين، هن ملڪ ۾ پلا ڏاتائن جو ڏڪار ڪونهي. پوءِ سمنگ لاکي کان سواءِ نون دانويرن جا نالا ڳڏا سپڙ چوٽائي، اوڍو جکراڻي وينجهو، وڪيو، جکرو مٽند تڏياڻي، جکرو اوڍائي، ڄام ڪرڻ ۽ راءِ ڏيا.

شاہ صاحب جي ڪلام ۽ سنڌي لوڪ ڪٿائن ۾ انهن نالن مان ڪن تو ذڪر ملي ٿو، پر ڄاڻ نہ. لاکي ڦولاڻيءَ کي اهڙي جواب ڏيڻ جي همٿ رکندڙ چارڻ سمنگ بابت بہ پوري ڄاڻ پئجي نہ سگهي آهي.

هت ڪڇ ڪلاڌر ۾ دليراءِ ڪاراڻيءَ لکيل الڳ الڳ گهٽنائن جي ڄاڻ پيش ڪيل آهي.

بهادري ۽ دانويرتا ۾ مشهور ڪڇ جي حاڪم لاکي ڦولاڻيءَ کي هڪ دفعي ايمان چڙهي ويو. هن پنهنجن راڻين کان پڇيو. مون جهڙو ڪو داتار سجهيو ؟

پيون راڻيون تہ چپ رهيون پر چاوڙا گهراڻي جي هڪ راڻيءَ چيس تہ اِهو سوال ڪنهن مڱڻهار کان پڇ. هن کي ئي ڏاتارن جي ڄاڻ هوندي.

لاکي دربار گهرائي ۽ اِهو سوال ڀاٽ چارڻن کان پڇيو. ٻيا سڀ چارڻ تہ لاکيٰ جي ساراہ ڪرڻ لڳا پر سمنگ چارڻ ٻي ڏڙڪ چئي ڏنس تہ اهڙا نَوَ ڏاتار اهن.

هڪ سپڙ چوٽائي جيڪو جهوپڙين ۾ رهندڙن کي ڳولهي

سمنگ معافي ورتي پنهنجي مجبوري ڄاڻائيندي سموري حقيقت کان واقف ڪيو. تڏهن وڪئي چيس : هاڻي تون واپس وڃي ڀيلوَ ڏيندي لاکي سان ڀاڪر پائي ملج. تنهنجو ڪوڙه هن کي لڳي ويندو. تون چڱي ويندين.

سمنگ پهچي اُن کان اڳ لاکي کي سمورو سماچار ملي چڪو هو. لاکي سمنگ کي پرسان اچڻ به نه ڏنو. آيل ڀيلن جي به پرواه نه ڪئي. منهن ڏيئي ڳالهايو به ڪونه ۽ سمنگ کيس ڪاسائي چئي ڪري درٻار ڇڏي هليو ويو.

هو واپس وڪئي وٽ پهتو. کيس هي روڳ ڇٽائڻ کان آزيون نيزايون ڪيون. وڪئي ساڌو سنت گهرايا. ضروري وڏي پوڄا پاٺ ڪري کيس خاص پاڻيءَ سان سنان ڪرايو. سمنگ جو ڪوڙه غائب ٿي ويو. وڪئي سنان وقت سمنگ جي نرڙ تي آڱوٺو رکيو هو. صرف آڱوٺي وٽ نشان رهجي ويو. سمنگ چارڻ جا پويان. 'ڪڙما' چارڻ چوائجن ٿا.

وڪئي داتار کي پنهنجي راڻي دلواراءِ جي ڏيءَ ڏنل صلاح تي سخت ناراضگي هئي. هن کيس ڇڏي ڏنو. سندس تياڳ ڪيو. ردلوراءِ کي اِن تي غصو آيو. هن ماڻهو موڪلي وڪئي کي سنڌ گهرايو. پر وڪئي جي ايشور ڀڳتي ۽ دانويرتا جو ڏسي ڪري کيس هن لاءِ وڏيڪ عزت جاڳي. سندس سنمان ڪيو ۽ ڪڇ واپس موڪليو.

سنڌ ٻانڀڻس مان موٽندي وڪيو ڪيراڪوٽ رستي تي هئڻ سبب لاکي ڦولاڻيءَ سان ملڻ ويو. لاکي سندس خوب آدر ستڪار ڪيو. ڪيراڪوٽ ۾ ڪجهه ڏينهن رهي وڪئي ڏٺو ته لاکو هرروز پره ڦٽيءَ کان سوا پهر تائين دان ڪندو هو. وڪئي خوش ٿي ڪري لاکي کي چيو : پرڀات جو اِهو پهر جام لاکي جو پهر آهي.

سنڌيءَ ۾ هڪ مهاورو آهي :

لاکي جي پهر - لاکي جي مَهلَ

ڀيرومل مهرچند لکيو آهي ته سپڙ نالي هڪ حاڪم سخا ۾ ايترو ته نالو ڪڍيائين جو اڄ تائين سڏيندا سپڙ سخي اٿس.. هڪ لڳي منڊي چارڻ کي هڪ سوَ گهوڙا خيرات ڪيا هئائين.

ڪري چيو : هي اصلي پيلوُ ڪونہ آهن. يا مونکي اصلوڪا پيلوَ ڏي يا پنھنجو مٿو. وڪئي جو شڪ وڌيڪ پختو ٿيو. هن هڪ ڏينھن جي مدت گھري.

وڪئي کي ٻہ ڙالون هيون. سنڌ جي ٻانهٽسر جي حاڪم دلوراءِ جي ڌيءَ ۽ سپڙ چوٽائي جي ڌيءَ اِهي ٻہ سندس پٽنيون هيون.

هن دلوراءِ جي ڌيءَ سان ڳالھہ ڪئي تہ هن جواب ڏنس : هي چارڻ ڪو چور ٿو لڳي. ڪيس مارائي ڇڏ.

وڪئي کي اِها صلاح دل سان نہ لڳي. هن سپڙ جي ڌيءَ کان پڇيو هن چيس : پھرين مان پنھنجو سر ڏيندس پوءِ تون ڏج.

ٻئي ڏينھن تي وڪئي پنھنجو مٿو دان ڪرڻ جي گھوشٽا ڪئي. ڪُل گروَءَ چيس تہ مٿو دان ڪرڻ لاءِ خاص کير سان سنان ڪرڻو هوندو آهي. ستن پيڙهين کان هلندي ايندڙ ڪنھن مينھن جي کير سان پھرين سنان ڪر. بعد پوڄا پاٺ ٿيندو. ۽ پوءِ مٿو ڏج.

وڪئي وٽ ست هزار ميھيون هيون. هن ميھار کي گھرائي پره ڦٽي جو اهڙي مينھن جو کير ڪڍي اچڻ لاءِ هدايت ڪئي. سڄي شهر جي رعيت ۾ هاهاڪار مچي ويو.

اُنھن مينھن ۾ هڪ مينھن اهڙي هئي جيڪا ستن پيڙهين کان هئي. نالو هوس ماڪي. پره ڦٽيءَ جو ميھار ماڪيءَ کي سڏ ڪيو. هوئن هڪ سڏ سان اچي ويندڙ ماڪي نہ آئي ۽ نہ ڪٿي نظر آئي. ميھار سڏ ڪندو ڳولھيندو دور تائين وڃي نڪتو. پريان ماڪي ڊوڙندي اچي رهي هئي. ميھار ڇا ڏسي تہ ماڪيءَ جي سڱن ۾ وڻ جون ٽاريون انڪيون پيون هيون. ٽارين ۾ ٻوٽا هئا ۽ ٻوٽن ۾ پيلو چمڪي رهيا هئا.

کير بدران هوُ پيلو ڪڍي وڪئي وٽ پھتو. هي چمتڪار ڏسي سڀ عجب ۾ پئجي ويا. خود سمنگہ کي ٻہ عجب لڳو.

وڪئي پيلو سمنگہ کي ڏيندي چيو : تون داتار کان بنا موسم جي اُجوڳي شيءِ گھرڻ آيو آهين. هي ڪوڙهي چارڻ وٽ هي دان.

وڪئي جو ايئين چوڻ ۽ سمنگہ جو سڄو شرير ڪوڙه سان ڦھلجي ويو.

سمنگ سپڙ وٽ وڃڻ چاهيو پر اوڍي کيس روڪڻ چاهيو. سمنگ وڃڻ جو ضد ڪيو ته اوڍي کي ڏُکو رسيو ۽ دل تي پيس. مري ويو.

سمنگ اُتي ئي رهي پيو. پالڪي واپس موڪلي پالڪي خالي ڏسي ۽ سهڻ اچڻ کان انڪار ڪرڻ سبب سپڙ کي به ڏڪو لڳو. هو به ڏڪي سبب مري ويو.

هيڏانهن پالڪي واپس موڪلڻ بعد سمنگ کي ويچار آيو ته ڪٿي سپڙ کي به اوڍي وانگر ڏُڪو نه رسي. سو هوُ سپڙ سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. اُتي وڃي ڏسي ته هزارن جي خلق ۾ سپڙ جي چتا تيار ٿي رهي هئي. هاڻ وري سمنگ بي چئن ٻلهجي ويو. سندس ڪارڻ ٻن ٻي حاڪمن جا پراڻ هلي ويا هئا. سمنگ چتا تي چڙهي وينو ۽ سپڙ سان گڏ مرڻ جو فيصلو ٿيو. سپڙ جي پٽ جو نالو سندس ڏاڏي تان چونو رکيو ويو هو. چوني هيءَ روئداد ڏلي ته چيائين اسان مٿان ڇارڻ هتيا ديوي پُتر هتيا جو پاپ لڳندو. تون چتا تان لهه نه ته مان به جلي مرندس. سمنگ اُٿيو.

چوني جو راڄ تلڪ ٿيو. هن سمنگ کي ڪيترا گهوڙا، گانيون، ميهيون، اُٺ، مال ملڪيت ۽ ان سان وابسط رکيوال ماڻهون دان ۾ ڏنا.

اوڍي ۽ سپڙ جي حدن مان ايڏو سارو ڏن هٿ ڪري سمنگ جو قافلو اڳتي وڌيو. همير سومري جي حد ۾ پهتا ته آرام لاءِ تنبو کوڙي رهي پيا. سومري جي عيوضيءَ هن کان ڍل گهري. سمنگ چيو ته مان چارڻ آهيان ۽ دان ۾ مليل مال تي ڍل نه ڏيندس. مان ڪو شاهه سوداگر نه آهيان ۽ نه هي ڪو واپارڪو اسباب آهه. عملدار ضد ڪيو ته سمنگ جي رکواليءَ ۾ رهيل راجپوتن تلوارون ڪڍيون. معاملو بگڙندو ڏسي عملدار همير سومري کي حقيقت چوائي موڪلي.

ڪنهن سوداگر جي سندس حد ۾ ايتري آره زوراوري ڏسي همير غصي ٿي ويو. لشڪر وٺي واردات تي اچي پهتو. پتو پيس ته سمنگ چارڻ جو ڪافلو آهي. اُن سبب هو پاڻ سمنگ سان ملڻ لاءِ

چارڻ سمنگ جي سموري زندگي دک درد کشٽ ۾ پري رهڻ سان گڏ چمتڪار ڀري رهي آهي. اِن سمنگ جو سمورن دانوين سان سنٻنڌ رهيو هو.

سنڌ نگر سمئيا جي حاڪم جام لاکيار کي ٻي پٽ هئا. ان مان هڪ پٽ رونجها جي اولاد مان چوٿين پيڙهيءَ ۾ ٿيو سپڙ. سندس پيءُ جو نالو هو چوٿو هو سپڙ چوٿائي نالي مشهور ٿيو.

هڪ تمير چارڻ شياڻ ڪوٽ مان جهوناڳڙه جي چڙاسما راجا وٽ هليو ويو. سندس ونش ۾ هڪ گوگڙ چارڻ ٿيو. هن جي پتنيءَ پنهنجي ڀاجائيءَ سان پيٽ ميٽائڻ جو قول ڪيو. کيس آپنگ ۽ ٻي ڊولو پٽ ڄائو. کيس ڪڏ ۾ پوري مارڻ جو فيصلو ڪيو ويو، پر چوڪري جي مامي کيس بچائي ورتو ۽ پاڻ وٽ پاليو نپايو. نالو رکيائونس سمنگ (سوُمنگ)

هوُ ٿورو وڏو ٿيو ته چوڪرا کيس چيڙائيندا هئا سمنگ منڊو. هن طرف پيٽ بدلايل ڪنيا وڏي ٿي ته کيس ساهڙيون چيڙائينديون هيون منڊي جي ڪنوار، ڪنيا ۽ سندس ماءُ وواه کان انڪار ڪيو.

سمنگ کي وديا جو شونق هو. هوُ گهر ڇڏي هليو ويو. تپسيا ڪئي. اپياس ڪيو. شاردا ديوي پرسن ٿيس.

شاردا ديوي پرسن ٿيڻ جي ڳالهه ڦهلجي ويئي. هن ڪارا ٻيلا جي حاڪم سپڙ چوٿائي کي چار دوها لکي موڪليا :

سپڙ کن ضروري شين سان کيس وٺي اچڻ لاءِ گهوڙو موڪليو. گهوڙو رستي تي منڊو ٿي پيو. هُن وري سپڙ کي دوها لکي موڪليا. سپڙ کيس وٺي اچڻ لاءِ پالڪي ڏياري موڪلي. ايترو سنمان ڏسي سپڙ سندس آدر ڪرڻ لڳا ۽ سهري ٻه چيس ته اگر تون هڪ سوَ تازي گهوڙا هٿ ڪري ڏيئي سگهين ته پنهنجي ڪنيا سان وواه ڪرائڻ لاءِ رضامند ٿيندو.

سمنگ پالڪيءَ جي چڙهي روانو ٿيو. رستي تي نوتيار علاقي ۾ حاڪم اوڍي جکراٽيءَ کيس پاڻ وٽ رهڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ کيس سوَ گهوڙا، ميهون، اُٺ، سون وغيره جي آڇ ڪئي. سمنگ ترسي پيو

ڪاپڙي

ڪال ڳڏئو سون ڪاپڙي، جھڙو ماهہ مُنيرُ،
فيضُ، فراقُ فقير، جوڳي جاڳائي وئو.
(شاھ جو رسالو، گربخشاڻي، سر مومل راڻو‏‏دا استان ا بيت-۲)

سنڌيءَ ۾ عام طور ڪاپڙيءَ جي معنيٰ ساڌو يا سنياسي ڪئي ويندي آھي. شاھ جي رسالي جي سلسلي ۾ 'جاني' 'ڪارپٽڪ' 'ڪن ڪٽيا' وغيره معنيٰ بہ لڳائي وئي آھي. پر ڪاپڙين جي پرمپرا بنسبت ڪي تفصيل ميسر نہ ٿي سگھيا آھن.

تاريخ نويس ھرويائي لکر لوھاڻا ونش ۾ ڄاڻايو آھي تہ لوھاڻا ھنگلاج ماتا جا آپاسڪ ھئا. لوھاڻن جي ھڪ نک پرج-سونگل جو پروار ھر سال ھنگرلاج وڃي پوڄا پاٺ ڪندا ھئا ۽ باس پوري ڪندا ھئا. ھو سونارڪو ڏنڏو ڪندا ھئا. اھي پرج بعد پرڪہ (پرڪيندڙ) چروايا، جيڪي اڄتي ھلي پرجيا سوني چوائجن ٿا.

ھن پروار جا ماڻھو ماتاجيءَ کي ڳھٽا پھرائيندا ھئا ۽ ڪپڙو چونڊڙي اوڍائيندا ھئا. انھن مان ھڪ بيکہ ڌارڻ ڪيو ۽ ھنگلاج جي آستان تي ئي رھي پيو. اھو ڪاپڙي چوايو ۽ ان بعد ڪاپڙي بيکہ ڌارين جو سلسلو شروع ٿيو.

ڪڇ ۾ آشاپورا ماتا جو مٺ آھي. ميڪرڻ ڪاپڙي بيکہ وٺي پھرين ھن مٺ ۾ ئي رھيو ھو. آشاپورا ماتا ھنگلاج جو روپ ليکي ويندي آھي. اُشاپورا جو اتھاس لکندي ماڌو جوشيءَ لکيو آھي :

ڪاپڙين جو مُول پرش ديوي مھاتما ھو. ھو سنبت ۱۱٦ ۾ ھن مٺ ۾ آيو ھو. ماتاجيءَ جي مورتيءَ جي سامھون ويھي ڪري ھن 'ڪڙڳہ' تپسيا ڪئي ھئي. اُھي ڪڙڳہ ڌاري بعد ڪاپڙي چوايا.

ھي ڪٿا موجب مٺ جي ايراضي ٻارڙ راجپوت جي حڪومت اندر ھئي. سنبت ۱۱۷ ۾ لالو جسراج نالي ھڪ مھاتما جو ششيہ ديوي داس مٺ ۾ آيو. ماتا جيءَ جي پوڄا ڪئي. راجپوتن ڪيس گروَ ميسي

اڳتي وڌيو پيري پنڌ.

هيڏانهن سهنگ کي بي غصو چڙهيل هو. هن همير کي ايندو ڏسي چيو :

हिली आपे हमीर, चांप ऊीयण चारण करे

همير کي پڌ ۾ لڳو ته ڪٿي دوهي جي ٻي سٽ ۾ سهنگ سراپ نه ڏيئي وجهي. ٻوڙي ڪري هن سمنگ جي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. چيائين، هي چارڻ ديو، سوداگر سمجهي روايت موجب ڏل ڳ ڀري ويئي هئي. ان غلطيءَ لاءِ معاف ڪر.

همير جي اهڙي مهانتا ڏسي سمنگ دوهي کي بدلائي ويو هن چيو :

हली आंये हमीर, चांप डीकेण चारण मथे,
परज पाछो वीर, सोन पटां सूमरा

همير کيس سنڌ هلڻ لاءِ چيو، پر سمنگ پنهنجي ماڳ وڃڻ چاهيو. همير کيس ڪيترو دان ڏنو. پوڄن جو بندوبست ڪيو. سوامڻ موتي دان ۾ ڏنا.

سمنگ پنهنجي قافلي سان پنهنجي ڳوٺ راج ٿليءَ ۾ پهتو. سندس خوب آدر ستڪار ڪيو ويو سهرنس پنهنجي ڪنيا سان وواه ڪرايو.

●●●

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/s Parwani Brothers



New Prince Market, Ground Floor,
Ulhasnagar - 421 003.

پوڄا جو حق ڪيس بخشيو.

ماتا سندس ڪڙڳ پوڄا کان پرسن ٿي ڪيس وردان ڏنو ۽ چيو ته جيڪا اِڇا ڪندين سان پوري ٿيندءِ.

بعد ديوديداس ياترا تي نڪتو. بناس ڪانٺا جي ٿراد ڳوٺ وٽ آنان جي راجا ۽ راڻين ڪين سنتان بخشڻ جي آسيس گهري. مهاتما ڪين آسيس ڏيندي شرط وڌو ته ڇهني راڻين کي چار پٽ ٿيندا. ان مان ٻهريان ٻه پٽ منهنجي حوالي ڪيا ويندا راجا شرط مڃيو.

ٻارهن سالن بعد ديوي مهاتما وري ان جڳهه تي اچي پهتو. راجا ٻنهي وڏن پٽن کي لڪائي ڇڏيو. مهاتما نراش ٿي واپس ويو.

پر راجا جا ٻئي لڪايل پٽ غائب ٿي ويا. ڳولها شروع ٿي. راجا نراس ٿيو ۽ پڇتائڻ لڳو.

مهاتما ديوي داس مٺ واپس وريو ته اُهي ٻئي راجڪمار اُتي حاضر ڀاتائين. هن وڏي جو نالو رکيو 'هريو' ۽ ننڍي جو 'ٿريو'.

مٺ جي راجپوت حاڪم جي ڌيءَ جو ٿرئي سان پريم سنٻنڌ ٿي ويو. اُن سبب راجپوتن هنن ٻنهي ڀائرن کي ختم ڪرڻ جو ڳهات گهڙيو. پر ماتا جي مهر سبب ٻئي ڀائر بچي ويا. ٿرئي سنساري جيون شروع ڪيو. هريو سنياس ورتو. ان هريي بعد جيڪا ششيهپرمپرا شروع ٿي اُها 'ڪاپڙي' پرمپرا چوائجي. ٿريئي جي ونش جا ڀُوا چوايا.

آشاپورا مٺ جي مهنت جو پد هريي ۽ ان بعد ششن کي ملندو رهيو. مندر جي سنڀال جي جوابداري ٿرئي جي ونش جي حوالي سونپي ويئي. اها روايت اڄا جاري آهي.

مهنت کي راجا ٻاوا چيو ويندو آهي ۽ عام ڪاپڙين کي راجا چيو ويندو آهي.

هريو ۽ ٿريو ٻئي اصل ۾ ڪتري راجڪمار هئا. ان سبب هريو ڪاپڙي بڻجڻ بعد ڪيس راجا چيو ويو. سندس پرمپرا ڪاپڙي راجا چوائجي ٿي:

شاه عبدل لطيف پنهنجي ڪلام ۾ هنن ڪاپڙي ساڌن جي خوب ساراه ڪئي آهي.

●●●

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

NATIONAL
GAS AGENCIES

Dealers in :

Oxygen, Acetylene, Nitrogen

Head Office :

2, Sai Darshan Society, RKT College Road, Ulhasnagar - 3.
✆ : 2550894, 2551714

Godowns :

1. Kalyan Amb. Road, Near Hanuman Mandir, Ulhasnagar -3.
2. Laxmi Niwas, Opp. Ajit Weight Bridge, Kalyan Shell Road, MIDC, Dombivli (E) ✆: 2466656
3. 5, Laxmi Narayan Shopping Centre, Kalyan Badlapur Road, Ambernath.

With Best Compliments From :

چيلي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

POOJA ENTERPRISES

LIQUID GLUCOSE, MAIZE STARCH, SUGAR KHANDSARI, GUR & MAIDA MERCHANT

2, Pooja Complex, Pawai Chowk, Ulhasnagar - 421 003

✆ : Resi.: 2542135

With Best Compliments From :

BHAWANI BUILDERS

Builders & Govt. Contractors

M/s. Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar - 3.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Chandor Talreja
Sunil Talreja

L & T Cement

Authorised Stockist :

Gobindram Lachhmandas & Co.

Shop No. 459, Ghansham Niwas, Main Road, Ulhasnagar - 3.

✆ : Off. 2547624 - 2545123 - 2548323

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

V.L. Pharma

MANUFACTURERS OF : AYURVEDIC MEDICINE

Office : 20, Lokmanaya Tilak Marg,
Mumbai - 400 003. ✆ : 2322435
318 / A, Ulhasnagar - 1. Dist. Thane. ✆ : 2540356

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M.K. Achhra & Co.
A.M. Achhra & Co.

AUTHORISED TRANSPORT CONTRACTORS



94, Surat Street, 2, Fancy Chambers,
Masjid, Mumbai - 400009. ✆ : 2346651
Section 17, Ulhasnagar - 3.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/s. Ambratlal Suhkwani

Builders & Govt. Contractors



Shop No. 7, New Ajanta Society, Near Aman Cinema,
Ulhasnagar - 2. Dist. Thana.

✆ : STD-0251 (O) 2544414, 2545630 (R) 2551170, 2551735

Gram : AMRITSUKH

With Best Compliments From :

چيلي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

GEHIMAL H. KARIA
PRADEEP G. KARIA

Dealers in :

A to Z Plumbing & Sanitarywares,
Roofing Sheets, Water Tanks,
Water Proofing products.
Decorative wall & floor tiles

Bombay Office :

11, Mohatta Market,
5th Floor, Palton Road, Bombay - 400 001.
Tel.: 2615916

Show Room :

Shop No. 105-107, Karia Arcade,
Opp. New Era High School,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 2545021,2547021 Fax: 0251 - 2550791
E-mail : ghkaria@vsnl.com

With Best Wishes From :

Prop.: Murli Rohra

MURLI BUILDERS

Regd. Govt. Contractors



HEAD OFFICE :

112, New Prince Market, 1st Floor, Ulhasnagar - 3.
✆ : Off.: 2564241 Gram : MURLIBUILD

RESIDENCE :

Opp. Telephone Exchange, Ulhasnagar - 3. ✆ : 550775, 551557.
Fact.: 2546450 / 2548637 Mobile : 9822017559

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀي ڪٽنب کي لک لک واڌايون



ANIL SUNIL

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SAI BABA CHEMICALS

Furniture Bazar, Ulhasnagar - 2.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

NATIONAL

National ENGINEERING WORKS

Mfrs. of : Automatic Biscuit Making Plants Biscuits Moulding & Cutting Rollers Dics

Near Old Dalda Depot, Ulhasnagar - 421 003.

✆ : 0251 - 2544226, 2549312, 2568935

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Annu Manwani

SATYAM

Wrist Watches, Gift, Electronics & Novelties

104, Japani Bazar, Ulhasnagar - 2.

✆ : 2704151 - 2709052 Mobile : 0982 - 104415

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Ashok R. Tolani
Director

Haresh R. Tolani
Managing Director

HARDAYAL
Pharma Distributers Pvt. Ltd

Shop No. 6, Sneh Sagar Apt., Near Post Office, O.T. Section, Ulhasnagar - 1. ✆ : 2543979

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

RAMA WINES

Ulhasnagar - 421 002.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

LULLA CERAMICS

Authorised Stockist of :-

- ★ Johnson Ceramic Tiles
- ★ Bell Ceramic Tiles
- ★ Bal Building Adhesive
- ★ Johnson Granite
- ★ Pedder Ceramic Tiles
- ★ Nitco Ceramic Tiles

116-117, Press Bazar,
Opp. Bharat Green Lawns, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 2548155 - 2549155 Fax : 0251 - 2557244

Presents

Sheila Mangtani's

دلبر-دلبر

A heart throbbing and touching album of Sindhi Ghazals

Singer : Sheila Mangtani
Lyrics : Folk, Tulib-E-Maula, Govardhan Bharti
Music : Manoj Gajendra

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني
ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/S. SHANKAR MAHADEV & CO.

Civil Engineers & Contractors

Office : Section 17, Ulhasnagar - 421 003.

✆ : 2550512, 2550912, 2551293

Resi.: Section 19, Ulhasnagar - 421 003.

✆ : 2550615

K-S
116

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post - Pre payment Licence No. 03

SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62

KUCHH AIN SINDH JA QADIMI NATA

By Jayant Relwani

Sindhi Times Publications

(Quarterly Book Series No. 1-2 Jan. - Feb. - Mar. - Apr. - May - June 2003)